ـــڪ جو ســـنڌ (سنڌ جو سفرناه



تهلرام آزاد

سنڌ جو سڏ

(سنڌ جو سفر نامو)

(سنڌوراج پبليڪيشن جو ڇهون ڪتاب)

ليکڪ : ڍهلرام آزاد

سال نومبر ١٩٨٣]   [ڇاپو پهريون

قيمت ١٠ روپيا (ڀارت ۾)
٢٠ روپيا (ڀارت کان ٻاهر)

ڇپائيندڙ :
سنڌوراج پبليڪيشن
٦- ڀوراڻي ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي،
روڊ ١٠، پلاٽ ١٦، جوهو اسڪيم،
بمبئي-٤٠٠٠٤٩

ٻيـو اکـــر

آزاد ڇپيو آهي ٻه اکر لکي موڪل. ڀلا "سنڌ" تي ڪجهه لکي سگهيو آهين ڇا؟ ۽ جي لکڻ شروع ڪيو ته ڇا "ٻه اکر" ئي لکبا؟ سنڌ اهو مهراڻ آهي جنهنجو ڪو اورار پرار ئي ڪونهي - ڪا ماپ تور ئي نه ڪري سگهبي.

۽ مان؟ ڪي ماڻهو ٿين صرف بدن ئي بدن ۽ مان آهيان صرف "من ئي من!" جيئن ڪنهن واديءَ ۾ صدا هر هڪ ڪنڊ سان ٽڪرائي گونجندي آهي تيئن ساڳيءَ جو شبد منهنجي من جي هر هڪ تهه سان ٽڪرائي گونجندو آهي!

جيئن ٿڌ هوائن ڪري ندي اُٿلي پوندي آهي تيئن "سنڌ" نالو ٻڌي منهنجي من جي سمنڊ ۾ لڙ ۽ آواز پيدا ٿيندو آهي!

منهنجي من ۾ پاڪستان لفظ ته ڦٿڪو ئي ڪونهي! ڀلا جيڪو اسانجي "سنڌ" ڦٻهي وٺو سو "پاڪ" ڪيئن ٿيو؟

آزاد "سنڌ" پڙهائي ۽ ڏيکاري آهي - شاباس هجيس! پر جي ستارن کي زبان هجي ۽ چراغن کي اکيون ته اسانجي دل ۾ وسيل سنڌ کي پڙهي ۽ ڏسي! ڪوريا ۾ هڪ ڏينهن ٿي. وي. ٿي سنڌ جا ڳوٺ

آرپيم

سنڌي سياسي مجلسن جي مور
سائين جي. ايم. سيد صاحب
کي

(نهلرام آزاد)

سڄڻ ۽ ساڻيهه کهن اڏاسي وسري
حيف تنهين هوء وطن جن وساريو

پنھنجي پاران.....

"سڪ جو سڏ" ٻيون ڇاپو اوهان جي هٿن ۾ آهي
هڪ ليکڪ لاءِ ان کان وڌيڪ فخر ۽ خوشيءَ جي ٻي
ڪهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي جو ۴-۵ مهينن جي مختصر
عرصي ۾ ڪتاب جو ٻيون ڇاپو ظاهر ٿئي، جنهن لاءِ
انيڪ پاٺڪ ۽ سنڌيت جا پريمي منتظر هجن. "سڪ
جو سڏ" صرف ادبي تحفو يا سفرنامو ڪونهي، بلڪ
ساڻيهه (وطن) سان ايڪاڪار ڪرڻ جو، انهيءَ دلدار
جو نمونو آهي. جن پڙهيو آهي، تن جڳ گهر ويٺي
سنڌ ڏٺيءَ سان، ۽ سنڌ جي مارو ئڙن سان مشاهدو ماڻيو
آهي. "سفرنامي" قلمبند ڪرڻ جي اهائي مٿي مراد
هئي، جا برئواب ٿي- منهنجو پورهيو سڦلو ٿيو!

پهرئون ڇاپو، مون سنڌ جي ثقافتي مجلس جي
مور رئيس ڪرم بخش نظاماڻي "مرحوم" منسوب
ڪيو هو. ٻيون ڇاپو "سنڌو ديش" جي سڄڻ درشٽا-
سنڌو پتي جي-ايم-سيد (سنڌ جي سائينءَ) کي ارپڻ
ڪيو اٿم- سنڌ ۾ جيڪا آزادي ۽ لوڪشاهيءَ جي لهر
اٿي آهي، ان ۾ جن سنڌين پنهنجو بليدان ڏنو آهي،
انهن جي قدمن ۾ ان کان وڌيڪ ٻيو ڀيٽر عقيدتمندي
جو اظهار ڪهڙو ٿي سگهندو!

ڏيکاريائون. سادا سياجهڙا ماڻهو، ڇيڻا ۽ گند، مٽيءَ ڀريل ٻـارڙا ۽ ابوجهه اکين واريون ڳوٺاڻيون! لڳو اسين جڄڻ ۽ جهڙي سمنڊ ڇڏي آيا آهيون، اها اهڙي ئي اسان لاءِ ترسي ويٺي آهي. هڪ هوڪو ڏنو ”ميت وٺو ڙي ميت!“ آواز منهنجي دل کي لرزائڻ جڄڻ هوا ۾ پنو لرزائي!

شال هجي يا آزاد، ڪمرت هجي يا ٽمرت، راهي هجي يا مالهي، حاسد هجي قاصد، هري هجي يا هرو، ڪلپنا ۽ گما سڀ جو سڀ لرزندڙ پنا ئي ته آهن! شال اساڄو سمنڊ - درخت سدا ساوو هجي- بس اها آرزو ئي آهي.

ٻوٽي رامچند هيراننداڻي

درستي: صفحه ٥٣ تي اطب اديب بدران اطهب آباد پڙهڻ گهرجي. ۽ صفحه ١٤٣ تي سٽ ١٥ ۾ ”آج اور ڪل“ جي اڳيان سي. آر. گوالاڻيءَ جوڙڻ گهرجي.

مهاڳ

مٺي ساڻيهه ڳالهڙي، لهي ويا لوهه،
اندر جا اندوهه، ليا ڏکڻ، سک ٿيا [شاهه]

وطن جي ڳالهه ٻڌي مرده دلين ۾ به نئين جان اچيو وڃي.

زنده دل انسان جي ڪيفيت ته وجد ۽ حال واري ٿيو پوي – محبوب کي اکين سان ڏسڻ لاشڪ هڪ بي مثل روحاني عيش آهي، پر ڪنهن ٻئي جي زبان مان سندس ذڪر ٻڌڻ مان هڪ عجيب لطف ملندو آهي. پنهنجي زبان سان معشوق جي تعريف ڪرڻ ۾ اهڙي فرحت ناهي.

"خوشتر آن باشد که سر دلبران
گفته آيد در حديث ديگران" [رومي]

رومي ٿو چوي ته دلبر راز (حسن ۽ ناز) جي ڪن ٻين جي زبان مان ساراهه ٻڌجي ته اها وڌيڪ خوشي عطا ڪندڙ آهي.

ٺهرام آزاد جڏهن سنڌ جو مشاهدو ماڻي موٽيو، تڏهن مونکي پنهنجي زيارت جي خوشخبري اوچتو

شڪر ادائي......

سنڌي ادب جي ڪوهنور پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو ٿورائتو آهيان جنهن عالماڻو مهاڳ لکي منهنجي همت افزائي ڪئي آهي.

......ماهتاب محبوب جي "پوگدان جي گلدان" لاءِ جنهن سڪ ۽ سرهاڻ جو سنگم پيدا ڪيو آهي.

......پيرڻ پوٽي هيرانندائيءَ جا به اکر ٿئين چاڙهيءَ جي زينت ۾ اضافو ڪندا - اهڙو وشواس اٿم. سنڌو راڻي پوٽي پارت ۾ "سنڌڙيءَ جي زنده تصوير" آهي.

......گنگارام سمرات جا ٿورا مڃڻ لاءِ شبد ڪونهن ٻيون ڇاپو ظاهر ٿي سگهيو، انجو وڏو شرف سنڌيءَ جي مهان اتهاسڪار ۽ رسرچ اسڪالر سمرات کي آهي.

سڀ ڪان وڌيڪ ٿورائتو آهيان باشعور پاڙهڪن جو ۽ انهن ساهتڪ پريمي سڄڻن جو جن اشتهارن وغيره جي روپ ۾ ساٿهه جي سڪ ساٿهه وارن سان ونڊڻ لاءِ هن سفرنامي کي ڇپائڻ ۾ آيل مشڪلاتون دور ڪرڻ ۾ گهرايل سهڪار ڏنو.

ڏولارام آزاد

تي روشني وڌي آهي ۽ پڙهندڙ ڪنهن اهڙي قسم جي آزودي کي اهڙا صاف سخن ۾ آشڪار ڪرڻ کان ڪنارو ڪا ڪا نه ڪيو اٿس. مضمون مسجد ۽ مقدس آستان، مي، ميخانو ۽ عشرت ڪدن سان گڏ رندن جي ڪرڻ ۽ موسيقي، ادبي ۽ مذهبي محفلن، فلسفي ۽ فاني سفر گيرڻ ۽ فلمي ۽ ناٽڪي سفر سازن، سياسي پڙهڻ ۽ روزن ۽ اخلاقي پستين ۽ بلندين تي جا جادو بياني ڪئي اٿس، سا ڪنهن به ادبي شائق کي مست مفتون ڪري ڇڏيندي. ”ڪيڏي ڪتاب“ مان سندس وسيع علم ۽ شمس مثل عيان آهي. نظاميءَ جهڙن شاهڪار جيڪري ڀاڱ کي لاثاني ڪري ڇڏيو آهي. اهڙا رند مزاج ۽ خوش طبع شخص کي نهايت ٿورا قا.

”جب گر بميرد چنين بلبلي
از استخوانش نرويد گلي“ [سعدي]

ب ٿيندو جي هڙي بلبل فدا ٿي وڃي ۽ سندس مان ڪو گل پيدا نه ٿئي.) شڪر جو جيڪري سخن شناسي ٿي، نه ته فردوسيءَ جهڙن عظيم هستين محروم ٿي رهجي وڃن. جي ناهي ته ” ڪتاب “ جي باقي حصن ۾ ڪهڙا ادبي معجزا!

آزاد جو ”سڪ جو سڏ“ ڏاي شوق سان

اچي ڇڏيائين. سنڌس زبان مان پنهنجي جان ۽ وطن
سنڌ ۽ سنڌ جي ملوڪ ۽ سڀاجهن ماڻهن جون ڳالهيون
ٻڌي، وڄون رقص ڪرڻ لڳيون. باقي جو مرحوم
ڪريم بخش نظاماڻيءَ جو بياض "ڪيڏي ڪتاب" اچي
الهيءَ دلنواز دوست طرفان مونکي اهڙي طور ڏنائين
اڏهن مونهنجي پڙاڻي صورت جي حد نه رهي. (نظاماڻي
صاحب ان وقت حيات هو) "ڪيڏي ڪتاب" لاشڪ
هڪ عجيب شاهڪار آهي ۽ مان دل و جان سان اعتراف
ٿو ڪريان ته انجي مطالعي مان مون کي جو ادبي
سرور حاصل ٿيو آهي، سو مشڪل ڪنهن ٻئي سنڌي
نثر جي ڪتاب مان نصيب ٿيو آهي. **"ڪيڏي ڪتاب"**
دل جو دفتر آهي.

نظاماڻي صاحب جي "ڪيڏي ڪتاب" ۾ سنڌس
زندگيءَ جا گوناگون پهلو نقش ٿيل آهن. عبارت اهڙي
دلڪش ۽ دلاويز جو مونکي ان تي رشڪ ٿو ٿئي ۽
ان جا موضوع گوناگون ۽ دل کي بهار ڪندڙ آهن. مان
نه ٿو سمجهان ته فرانس جي مشهور اديب روسو کان
سواءِ نظاماڻيءَ جهڙي ڪنهن ٻئي اديب پنهنجي دل
کولي رکي، دنيا اڳيان نمائش لاءِ رکي آهي.

"ڪيڏي ڪتاب" مان مونکي اها خوشبو ٿي اچي
جا شيخ سعديءَ جي "گلستان" مان اچي ٿي.
نظاماڻي سعديءَ وانگر پنهنجي صورت جي هر پهلو

عيوض سج لڪل هجي ها تہ جيڪر قيامت تائين جهان ۾ ڪوبہ شخص روز روشن نہ ڏسي ها.)

اهڙي آزمودي ڪري، آزاد جڏهن شيخ سعديءَ جي صف ۾ شمار ٿي چڪو آهي. وري بہ شڪر جو ڪيس آئيسڪريم ۽ فالودو نصيب ٿيا جن ان بزرگ جي بخل تي ڪجهہ پردو وڌو.

آزاد نيڪ بخت آهي، جو پٽ شاهہ ۽ سنڌ جي ٻين زيارتگاهن ۽ پنهنجي جنم آستان ٽنڊي محمد خان جي پٽيءَ سان پنهنجي پيشانيءَ کي پوتر ۽ معطر ڪري آيو آهي.

"سنڌي جا سانڍيا ڪئہ ڪشوري پاڻييان" (شاهہ)

منهنجي دل بہ پنهنجي محبوب حيدرآباد لاءِ اڪنڊي رهي آهي ۽ اهائي تنهن پيڙي ٽيواري تہ

"پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پنهنجي ڏينهڙا!" (شاهہ)

في الحال مان آزاد جو شڪر گذار آهيان جو مونکي گهر ويٺي سنڌ سڳوريءَ جو ديدار ڪرايو اٿس. مونکي يقين آهي تہ هيءَ سنڌ جي پياسن کي هي سفرنامو ابدي آنند بخشيندو ۽ اهي بہ سنڌين جي سهڻي خوءِ کي برقرار رکندا - شال سنڌ ۾ نظاماڻي، ماهتاب محبوب، ابراهيم جويو ۽ حميد جهڙن زندہ دل انسانن جو وجود سنڌ کي هميشه سرسبز ۽ شاداب رکندو اچي. آمين!

(ڪلاڻ آڏواڻي)

پڙهندو اٿم، جنهن جو اهو سنڌ جو هڪ روح افزا داستان
آهي. سنڌ لاءِ سڪندي سال ٿيا آهن ان جو دوشن اچيا
پراپت نه ٿيو اٿم.

[ه.] ”تن ري سال پيام، جن جي ساعت نه سهان“
هن سفرنامي ۾ آزاد جي عبارت سلس هشهه
واري طرز بيان کان نرالي آهي، جا سنڌ وارن لاءِ
بلاشڪ مقبول ۽ موزون لڳندي.

سنڌ جي مهمانوازي ساري دنيا ۾ مشهور ۽ معروف
آهي، جنهنجو ثبوت آزاد کي ملڪ مهمانن ۾ ٿي
آشڪار آهي - پکوانن، سٿرن، مالپرن کانوڻي رڪين،
چاشنين، سيخن، ٻيهن، پلن ۽ ماکڻي دال لذائذن
طرحين لذيذ طعام دسترخوان تي صف بڌي، ان جي
سلامي ۽ مرحبا ڪندا نظر ٿا اچن. خوشي ۾ جي
ڳالهه آهي جو سنڌين جي دل پروري پاڻي ۾
صوفيانه فطرت اڃا تائين قائم آهي. اوسان رڳن جي
هڪ عزيز جي روش ڪان آهي، جنهن مرحبا ۽ داري
جو ڇڙو سوٽو وجه هتان وڃائي ڇڏهنجي ۽ رڳن
انهن ڳالهه لحاظ ۾ ڪا اچ نه ڪئي.

سعدي هڪ بند جي ٻاري ۾ چوي

”گر اجاي زانش انـــدر سفره بودي؛
تا قيامت کس نديدي روز روشن در“

ڄڻڪ اهي سنڌس دسترخوان جي ڳالهه جي

ٻرڙٽا جو سرچشمو، سنڌ جي زيارت جو سڀني ساڪار
ڪرائڻ وارو بزرگ دوست ـ هميشه لاءِ جدائيءَ جو
داغ ڏيئي ويو.

منهنجو التماس اُني پست ٿي ويو. ليڪن پروفيسر
ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جهڙي سنڌي ساهت جي
ماهر ٿي جڏهن "مهاڳ" لکي ڏنو تڏهن وري نئون
وشواس پيدا ٿيو ۽ فيصلو ڪيم ته دلبر دوست رئيس
ڪريم بخش کي لاڙڪاڻي جي سلامي ڪانپوءِ هيءُ سفرنامو
شرڌانجلي جي روپ ۾ ارپڻ ڪريان.

ماهتاب محبوب ۽ اڪر لکي سفرنامي جي زينت ۾
چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

مان سنڌي ساهت جي ٻنهي عظيم فنڪارن جو
تهدل شڪرگذار آهيان.

دراصل سفرنامي جو مقصد آهي ته سنڌ ۾ مارو ٽڙن
وٽان موڪلي جيڪو سڪ، پيار ۽ قرب مليو اهو
پنهنجي سڀني سنڌ کان وڇڙيل سنڌين سان ونڊيان. ان
لحاظ کان جيڪي ڏنو مون، سو ان ۾ قلمبند ڪيو اٿم،
وڌيڪ سنڌيت جا شيدائي، ساهت پريمي پڙهي پاڻ
امين ٿيندا.

(ٻيو ڇاپو)

پنهنجي پاران.......

سنڌو راڄ پبليڪيشن جو ٽيون نذرانو. سنڌ جو سفرنامو. "سڪ جو سڏ" اوهان جي هٿن ۾ آهي.

"گهر جي روشني" ڪهاڻي سنگرهه ۾ سوويت ادب نهرو شانتي اوارڊ ملڻ بعد "ناري رتن" جي اشاعت ٿي. "ناري رتن" جيوني ساهت جي هڪ سٺي شروعات هئي. "ناري رتن" جو گجراتي انواد شري ڌاپٽ ڀٽ ڪيو آهي اهو جلد ئي شايع ٿي رهيو آهي. جنهن لاءِ گجرات سرڪار جس لهڻو!

سنڌ جو سفر ڪري اچڻ بعد "هندواسي" ۽ "هندو" ۾ مضمونن جو سلسلو جاري ڪيم. اهو پڙهڻ بعد مترن همٿايو ته "سفرنامو" ڪتابي صورت ۾ اچڻ گهرجي.

"سفرنامو" اڃا ۾ اُسي هو ته دلسوز سماجڪ ڪاريه سنڌ جي محسنن جي مور رئيس ڪريم بخش نظاماڻي بلوچ عرف ڪنهيو راڄ رڳائي وٺي ويو. ۽ جيئري ١٩٨٣ اپريل نئين سال جو سڄ ئي ڪونه اُهڃاڻ جو ملهائي

بوگدان جو گلدان!

ڪتابن جا مصنف ”حق ۽ واسطا قائم“ رهڻ جي دعويداري رکو پاڻ کي دم دلاسو ڏيڻ لاءِ ڪندا آهن، ۽ ته مسڪينن کي ڪير ڇڏي ٿي ڪونه ڪري - پر مونکي ٽهلرام آزاد لاءِ بيحد احترام آهي، انڪري ٿي سندس من پسند پهاڪي سان ڪا هٿ چراند نٿي ڪري سگهان. هن ته ڪا دعوي نه ڪئي آهي پر ان پهاڪي جا حق ۽ واسطا ٻڌا زور زبردستي پاڻمرادو اچي سندس پاري پيا آهن ۽ جيئن پنهنجائي ذات جا حق واسطا ڇڏڻ رام پنهنجوائي لاءِ وقف ڪيل هجن، تيئن اهو پهاڪو به مونکي ٽهلرام آزاد جي ٻنهي ذاتي ملڪ جيان لڳندو آهي ته نه مان جيڪر ضرور ائين چوان، ته ٽهلرام آزاد اهو سفرنامو لکي ”ڪاگر ۾ ساگر“ سمايو آهي!

مون اهو سفرنامو اکين ڪٽي ناهي ڏٺو ته به هند جي ناميارن اخبارن ۾ سنڌ ۽ سنڌ وارن بابت آزاد جا دل ڇهيندڙ تاثرات پڙهي ۽ جت ڪٿ سندس گرمجوشيءَ سان مان ۽ مرحبائون ٿيندي ڏسي ان

اڄ به سنڌ جي ڪوئل عابده پروين جي سُر ۾ ڳاتل
بيوس جو گيت ڪنن ۾ وڄي پيو:

"سنڌڙي منهنجي جيجل"
شل ناتـــو تـــوڙ نباهيان
نـــاتـــو تـــوڙ نباهيان
مان نه جهولي چنڊ جهلان
سنڌڙي منهنجي سائڻ...

شيخ ڪامدارن سان
ڍهلرام آزاد
بمبئي - ١ جولاءِ ١٩٨٣

جو سرمايو ٻنهي ڀيا آهن جن کي ساهه سان سانڍيو جو هو پاڻ سان عهد ڪري چڪو آهي.

گڏ جائين ۾ سنڌ جي سفر بابت هن جيڪي احوال ڏنا، اهي پڙهي انهن محسوس ٿيو ته کيس اظهار بيان تي ڪافي دسترس حاصل آهي. سورنهن ڏينهن جي مختصر عرصي ۾ هن جيڪي ڪجهه ڏٺو تنهن جو سياح جي نظر سان نه بلڪ هڪ ڪامل ذهن ۽ ڪشادي دل واري بيحد حساس فنڪار جي نظر سان جائزو ورتو آهي.

پنهنجي پراڻي جي فرق کي مٽائي هن ثابت ڪيو آهي ته سچو ۽ اعلي رشتو روح جو آهي جيڪو هر مٽي مائٽيءَ کان مٿڀرو آهي. جن سڄڻن سنڌ ۾ کيس پيار ڏنو تن کي هن پنهنجو روحاني عزيز ڪوٺيو. رئيس ڪريم بخش نظاماڻي لاءِ کيس بيحد عقيدت آهي، مرحوم جي رحلت کي چار مهينا گذري ويا آهن پر ان وچ ۾ ڪو اهڙو ڏينهن ناهي گذريو جنهن ۾ هن کيس ياد نه ڪيو هجي. هي ڪتاب، سنڌ جو سفرنامو ئي نه پر ان شفقت ڀري محبت جي يادگار پڻ آهي جيڪا آزاد کي نظاماڻي صاحب وٽان پهريون ۽ آخري ڀيرو ملي.

سورنهن ڏينهن جي سفر ۾ هو سنڌ جي ڪهڙن شين کان مطمئن يا غير مطمئن ٿيو ۽ انهن جي جاچ ا

ڇپجي لئي پهتي آهيان ته ڪتابي صورت وٺڻ بعد اهو سفرنامو نه رڳو ڪافي مقبوليت حاصل ڪندو پر سنڌي ادب ۾ آزاد جي ڀرپور يوگدان جو گلدان پڻ ثابت ٿيندو.

ڪاش، الهاس نگر جــي ٽالريجا ڪاليج ۾، آزاد صاحب جي سنڌ جي سفر بابت پڻ ڪلاسن جي طالب ٽولار ٽيپ ڪجي ها ته هوند اهو سفرنامو گهڻو اڳـ پڙهندڙن جي هٿن ۾ پهچي وڃي ها، ڇو ته سفرنامي جو سڄو ٽيت ان ٽولار ۾ موجود هو جيڪا ٽيپ ٿيڻ کان رهجي وئي ۽ مواد سهيڙڻ لاءِ ڪيس ڏکين سٽين جاکوڙ ڪرڻي پئي.

ٽهلرام آزاد سنڌ جي زيارت ته ڪئي جڻ حج ڪيو آهي. دوست ۽ واقفڪار، جن کي سنڌ سان بي پناهه عقيدت آهي سي کيس حاجي ڪري ٿا مخاطب ڪن. آزاد جو جسم برابر سنڌ مان واپس وريو آهي پـر هن پياسي روح کي سنڌ جي ذري ذري ۾ سمائي ڇڏيو آهي. اهي ساعتون... اهي پل، جن کي ڏسڻ جي آس اندر ۾ کڻي، ڪيئي بيوس پنهنجو ماڳـ مٽائي هليا ويا، تن کي آزاد، پنجيتاليهن سالن کانپوءِ پنهنجي پـرنم اکين سان ڏسي جڻ نئون جنم ورتو آهي. ان ڪري تـــي وطن جو ديدار هن کان پل به نٿو وسريو ٿئي. وڇڙيڻن جو قرب ۽ بي لوث پيار هنجي زندگيءَ

سفرناما لکيا آهن.

عالمي سطح جو اهو فيصلو ته تاريخ پاڻهي پڙهي ڪندي پر هاڻ ڇنڊڇاڻيندي وڃي ٿي آهي سنڌ ۽ هند جي وچ ۾ ڏسڻو هي آهي ته سنڌ جا سفرناما هند ڏو وڌيڪ لکيا يا هند جا سفرناما سنڌ ۾ ٿا وڌيڪ لکجن.

"ارم نما"
312 بي - يونٽ 6
لطيف آباد
حيدرآباد سنڌ
پاڪستان

ساٿ سلامت
— ماهتاب محبوب
حيدرآباد سنڌ
14 اپريل 1983

۾ هو ڪيتري قدر ڪامياب ٿيو آهي، اهو سڀ پڙهندڙن تي ڇڏجي، مان رڳو ايترو چوندس ته سفرناما لکڻ ڪا نئين ڳالهه ناهي، پر جنهن تيز رفتاريءَ سان اڄڪلهه هند ۽ سنڌ جا سفرناما لکجي رهيا آهن سا برابر نئين ڳالهه آهي، ڇو ته اهي سفرناما اسانجي پيار جي پرک آهن - اهو قدرتي اصول چئجي يا انساني فطرت ته ڪابه شيءِ ويجهي يا پنهنجي اختيار ۾ هوندي ته هانءَ پرڀرو پيو هوندو پر جڏهن اکين کان دور ٿي، وڇڙجي ويندي... ڦرجي ويندي تڏهن هيڪاندو ان جي اهميت جو احساس جاڳي پوندو - هند سنڌ جي سنڌين جو دائمي وڇوڙو ئي ان پيار جو ڪارڻ آهي، نه ته سفرناما لکڻ عام طرح سان سياحن جو ڪم آهي - اسان ليکڪ، جيڪي پيار ۽ امن جا پيامبر آهيون تن کان اهي سفرناما ان پيار ئي ته لکرايا آهن پر جن ڪڏهن ڪجهه لکيو ئي ناهي اهي به ان ڦرڻ کان متاثر ٿي سفرناما لکي رهيا آهن ۽ ڪي لکڻ جي سوچي ۾ آهن.

شل اهي هند سنڌ جا سفر سدائين جاري رهن ۽ سنڌي ادب ۾ اهڙا ته سفرناما ڇپجي پڌرا ٿين جو جڏهن دنيا جي ادب جي تاريخ لکجي ته ان ۾ سونهري اکرن ۾ اهو جاڳايل هجي ته دنيا جي تختي تي هند ۽ سنڌ واحد ملڪ آهن جن تي ڪهڙي کان ڪهڙا

سراج - پٽ ڏٺي - "شاهه عبداللطيف" کي ڪيئن نه
ياد ڪيو؟

سنڌ جو عظيم شاعر، ماڻهن جو پرچاري، امن جو علمبردار - سنڌ جو ئي نه پر انسان ذات جو شاعر - جنهن جا همعصر شاعر ۽ صوفي سنت هئا - "پلاشاهه، خواجه غلام فريد ۽ سچل." هر انسان لاءِ سندس ڪهڙو نه خوبصورت فرمودو آهي:

"روزا ۽ نمازون اي ۽ پڻ چڱو ڪم
پر اُو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين کي."

ڪيترو نه پرمارٿ جو سنديش ڀريل آهي! "سنڌيت" ۽ "سنڌي ڪلچر" جو مول منتر به ته اهوئي آهي. شاهه صاحب ئي ته اسلام جو اصلي مرم سمجهايو ۽ ان کي "تصوف" سان سجايو ۽ سنواريو. سندس دور واري سنڌ به هڪ وڏي سياسي گردش جو شڪار ٿيل هئي. ان وقت به ڪٽرپڻي سبب ماڻهن ۾ جيڪي اليچار ٿيا، تن جو پٽ ڏٺي جهڙي حساس شاعر تي ڪهڙو نه اثر ٿيو هوندو؟ ان تعصب ۽ تنگ نظري انسانن جي دلين ۾ وڏا ويڇا پيدا ڪيا. تڪرار ۽ نفرت، ڪلفت کي جنم ڏنو. پر شاهه صاحب پيار ۽ محبت جو جيڪو پيغام ڏنو جنهن انسان ذات جي ڀلائي ۽ بهتري ٿي سگهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو شاهه لطيف "وشو ڪوي" آهي.

اڃان روهه، مان رڻ اڃي، اڃي ٿي:
مٿان پاڻيئڙن آهن مٺا مـور سارا!
(آيـاز)

سانگيهه ۽ سڄڻ جي سڪ، ڪنهنکي نه ٿي ستائي! چوندا آهن -

” سڄڻ ۽ سانگيهه ڪنهن اَڻاسي وسري
حيف تنهين هوءِ جن وطن وسارئـو!“

اسان وطن کي نه ڪونه وساريو نه وري اسانکي ٿي وطن وارن وساريو، پر وڇوڙو نصيب ۾ هو، نه ته ان امر جي آڏو ڪير اڃي؟ بس، اهو وڇوڙو وصل ۾ بدلجي اهو ڏينهن، اهو پل ڏسڻ ۽ ونجڻ لاءِ ورهين جو انتظار جاري رهيو.

سنڌ سونهاريءَ جو ديدار - سنڌ جي مارون سان سڪ ۽ قرب ونڊڻ جو تصور به پنهنجو پاڻ ۾ هڪ خوشگوار احساس آهي. ان ۾ جسم ورڪوسجن. ان جي پور پٽي، پاڻيءَ مان هيءُ جسم وڌيو. ٻالڪپڻ، ڪشور اوستا ۽ جوانيءَ جي ڏاڪي تي پهتس.

ليڪن سنڌڙيءَ جو ڏيان اهڙي ٿي سنڌڙيءَ جي

ملي، اها سنڌ ۽ هند جي سنتن جي مشترڪ تهذيب ۽ تمدن جو ٺوس ۽ جيئرو جاڳندو مثال هئي. سياسي ديوارن دلين جي رشتن کي هيڪاري مضبوط بڻايو. ڇاڪاڻ ته سرحد جي هن پار جو ساهت ۽ هن پار جو ادب ٻنهي ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن جي وچ ۾ "پل" جو ڪم ڪري رهيو هو.

هي ٻيو ته ان پٽ جو آهي جو لاڙ ۾ آهي. جتي صوفين جو آدي زيارت گاهه "ٻلڙي" آهي جتي مهان صوفي سنت شاهه عبدالڪريم انسانيت، مانوتا ۽ پيار جو سنديش ڏنو. جنهن فرمايو هو:

لوڻ چئو الله هيڪڙو وائي ٻي م سک
سچو اکر من ۾، سوئي لکيو لک.

لوڪن کي صلاح ڏنائين ته سنسار ۾ ڪيئن رهجي:

هيئون ڏجي حبيب کي لڱ ڏجن لوڪ

ڪٽر پنٿين کي ملامت ڪندي چيائين:

مورک مور نه ٻجهڻا، هيڏانهن هوڏانهن ڪن
ڪٽر جي اکين ۾، سي ڪي پرڙان پسن.

هن ته هر هنڌ محبوب جو مشاهدو ماڻيو هو:

سوئي هيڏانهن، سوئي هوڏانهن، سوئي من وسي

پڙڏاڏي شاهه عبدالڪريم جو پرڀاو پرپوٽي "لطيف" تي پيو جو اڳتي هلي سنڌڙيءَ جو سرتاج بڻيو، ڪامل درويش ۽ مانائتو شاعر ٿيو.

شاهه ڀٽائي ۽ ٻين صوفي شاعرن ظلم ۽ هنسا جي ورود ۾ آواز اُٿاريو. ڇاڪاڻ ته هو عوام جا همدرد ۽ دوست هئا ۽ عوام دشمن جا ڪٽر ورودي!

ڀٽائي گهوٽ هميشه حق ۽ سچ جي ساراهه ڪئي ۽ ڪوڙ ۽ ڪلفت - ڪدورت کي ننديو:

”ڪوڙو ٿيون ڪفر سين، ڪافر ۾ ڪوڙاءَ
هندو هنڌ ۾ آهين، جٽيو ٿيو نه جڳاءِ
ٽلڪ ٽيڻين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين

... ...

ان ٿر نه ايمان جيئن ڪلمي گو ڪوڙائيين
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان
مٿهن ۾ مسلمان، اندر ۾ آذر آهين.“

اهڙي مهان هستيءَ جي ٻوليءَ لاءِ - انڪي ڏسڻ لاءِ واجهائيندي-واجهائيندي، لطيفي پيغام ۽ لات کي جديد روپ ۾ پيش ڪرڻ وارو سنڌ جو ماڻهو ناز شاعر شيخ اياز ۽ اديب رشيد ڀٽي اڄي ڀارت ۾ سهڙيا. شيخ اياز ڀارت جي ادبي مرڪزن ۾ سڀ کان وڌيڪ لوڪ پريه ساهتيڪار آهي، جنهن جون رچنائون ”هندي“ ۾ به انواد ٿيل آهن.

”ڀونئر ڀري آڪاس“، ”ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ ۽ ”ڪاهي پالم ڪيڙو“ جو رچيتا ۽ سنڌس همدم ۽ رفيق رشيد ڀٽي کي ڀارت ۾ جيڪا اتهاسڪ آجيان

ٻنهي جي "پرليمينٽري ڪري" کي شايان شان شرڌانجلي ڏني، ٻين جاتين لاءِ سڪولرزم جو هڪ شاندار آدرش پيش ڪيو آهي.

سنڌي ناٽڪ منڊلين، سنڌي ناٽڪن ذريعي سنڌي جيوت، سنڌي ڪلچر جي بهترين عڪاسي ڪري ڏيکارين ٿيون ۽ ۾ "سنڌيت" لاءِ هڪ خاص جذبو جاڳايو آهي. سنڌي ناٽڪ ودوانن ۾ به لوڪ پريا ٿيا آهن.

سنڌ ۾ درگاهن جي ميلي، اڏيري لال جي ياترا، چيٽي چنڊ جو ڏينهن ملهائڻ لاءِ ساڌ ٻيلي تيرٿ ياترا لاءِ سنڌي شوقالو ويندا رهن ٿا. ليڪن "سوسائٽي ياترائون" نه ٿيون آهن. اڄ ڀارت ۾ چيٽي چنڊ کي هر سال "سنڌيت جو ڏينهن" ڪري ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ملهايو وڃي ٿو.

گذريل ٿورن سالن کان سنڌ مان مارواڙا ايندا رهندا آهن. انهن ۾ عالم، ودوان، اسڪالر به هوندا آهن ته شاعر، گائڪ ۽ ڪهاڻيڪار به هوندا آهن. هنن سان اُتم - سنڌري وٽ ته ڪئين "سونا سنڌو پاڻ" ۾ گڏجاڻيون ٿينديون رهن ٿيون.

انهن ۾ هڪ يادگار گڏجاڻي هئي سنڌ جي مهان ليکڪا ماهتاب محبوب سان - مئي ١٩٨٠ ۾ ٻمبئي ۾ - اتان ئي مونکي سنڌ جي سفر لاءِ پريرڻا ملي.

١٩ ڏينهن جي "ٻمبئي ياترا" کي "اندر جهڙو اُڃ"

اسان سنڌ مان شاهه لطيف جي "لطيفي لاٽ" جو خزانو ڪڍي آيا آهيون. اهو اسان لاءِ املهه ورثو آهي. اسان ڌاڙيءَ وانگر ان ۾ ڀاڱو ڪري پاڪدامن ورتو. "اسان ڌاڙوئڙن جي رمت نباهي. سون ۽ سڀڪ ڪين ڇڏيا. اسان شاهه جو ڪلام، سنگيت ساهه ۾ سوگهو ڪري آيا آهيون. اسانجي لاءِ اهو جڳ وڻن جو ورثو هو.

"جي تون ٻيٽ پاڻي سي آهيون آهين
ٿيون من لاڪن ٻرڪان سنڌي ياد ڏي."

اعلي شاعر شاهه لطيف جي رسالي کي سنڌ ۾ ترتيب ڏيڻ وارو ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي هو. ڀارت ۾ شاهه جي ڪلام کي معني ۾ سمجهائڻ سان ترتيب ڏيڻ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ ان پرمپرا کي نباهيو.

لاشڪ هر جاءِ جي آتما آهي، انجي "سنسڪرتي" اسان پاڻ ڪلا، ساهت جو اڪٿ پنهنجو آندو هو. سنڌ جي امانت سان خيانت ڪئن ڪريون؟ اسان ڳانئيڪو ٿي ورهاڱي بعد سنڌي ڪلچر جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ ڪم ڪيئي. سڀائون، سميلن، مڪاليون، ورسيون، پڳڙيون، ڇنڇر ۽ ڀراٽا شروع ٿي ويا.

راشٽريه گيت ۾ "سنڌ" قائم آهي. ان جو شرف ديش دلاري جواهرلال کي رهندو.

دهليءَ ۾ هندي ڀون ۽ "سنڌي شعبو" ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي مورتيءَ کي استاپن ڪري سنڌين

تعارف "ڪنئي ڪتاب" ۾ ملندو. مون ان تي تبصرو لکيو هو. "هندواسي" جي "راهي" صاحب شد مد سان شايع ڪيو هو:

"ڪالهه جو ڇوڪرو، اڄ جو اديب!" رئيس صاحب پڙهيو نه بس "اکين ڏٺو" تي پيو. وري ٻيو ٻـــ چمتڪار ٿيو. سنه ١٩٨٠ جي غير افسانوي ادب لاءِ رئيس ڪريم بخش کي "ڪنئي ڪتاب" تي سنڌالاجي طرفان پهريون انعام مليو. اعزازي جلسو سنڌ جي مهان ساهتيڪار ۽ اتهاسڪار پير حسام الدين راشدي صاحب [مرحوم] جي صدارت ۾ ٿيو هو. اهو يادگار جشن هو، جنهن جي ڪارروائي ڪئسيٽن ۾ ڀريل آهي.

افسوس جو ٽيهن سال جو سڄ ڀرائي ڪونـ جو نظاماڻي صاحب راهه رباني وٺي ويو.

رئيس ڪريم بخش سان به لکپڙهه جو سلسلو جاري ٿيو. "ڪنئي ڪتاب" تي دوست (لڇمڻ) ڀاٽيہ "ڪومل" (دهلي واري) آل انڊيا ريڊيو تان تبصرو ڪيو هو. ڀارت جي ادب نواز طبقي ۾ رئيس ڪريم بخش مشهور ٿي ويو.

٣٥ سالن کان وڇڙيل رئيس ڪريم بخش، ڀارت ۽ ڀارتواسي سنڌي ڏسڻ لاءِ بيتاب ٿي ويو. ڀارت کي هو "سپنن جو ديس" سڏيندو هو. سندس تخلص "ڪنهيو" هو.

سفر نامي ۾ ماهتاب قاصد ڪري سنڌ ۽ هند ۾ ڄڻ ڌماڪو پيدا ڪري ڇڏيو. هن بعد ڪي ان سفرنامي تي "سمالوچنا" لکڻ جو شرف حاصل ٿيو.

اها سمالوچنا "ماهتاب "هندواسي" "هندو" جي پرچن ۾ پڙهي ۽ خط و ڪتابت جو سلسلو جاري ڪيو. هر خط ۾ نئين پيڙهي پنهنجي "دادا" کي سنڌ ۾ اچڻ جو نوتو موڪليندي رهي. پيتائي سان اوسيڙو ڪندي رهي.

[٢]

ان بعد هڪڙو ٻيو اتفاق ٿيو. پهرين سنڌي فلم "ايڪتا" (واڊيا مووي ٽون – ١٩٤٢) جو "هيرو" رئيس ڪريم بخش نظاماڻي بلوچ [ساڪن – ماتلي ضلع بدين – سنڌ] نظاماڻي بلوچ "ادبي دنيا" ۾ ڌماڪي سان جلوه گر ٿيو. سندس آتم ڪٿا جو پهريون جلد "ڪٿائي ڪتاب" [قيمت ١٠٠ رپيا] ظاهر ٿيو. نئين پيڙهي کان وٺي ساڻس منهنجو گهاٽو سنبنڌ هو. هو صاحب رنگين طبيعت وارو مجموعي شخصيت جو مالڪ، آرٽ جو شيدائي ٿي رهيو آهي. "فلمي دنيا" سان ١٩٢٨ کان ١٩٤٧ تائين وابسته رهيو آهي. "ڪٿائي ڪتاب" ۾ پنهنجي اوڻاين جي جنهن بيباڪائي ۽ ساهس سان اوگهڙ ڪئي آهي، ان لاءِ هن داد لهڻو! "راست گوئي" ۾ هو لاجواب هو. "راست گوئي" مانجهي مڙس جو وڙ آهي، رئيس مڙس ماڻهو هو سندس حياتي

”ويزا“ لاءِ ڪجهه ڀڄ ڊوڙ شروع ٿي. ٽنڊو محمد خان ضلع حيدرآباد سنڌ - منهنجو جنم آستان آهي. اتان منهنجي مرشد سائين پير حڪيم غلام محي الدين مجددي (سرهندي پير - ساڪن - ٽنڊو سائينداد) جو خط مليو.

انتري ۾ هڪ معزز هستيءَ جي ڪوشش سان ويزا به ملي ويئي.

مون ٦ مهينن جي ويزا لاءِ درخواست ڏني هئي. ڪراچي، حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان ۽ ماتلي لاءِ.

لڳ ڀڳ ٦ مهينن ڪانپوءِ ويزا ملي. هاڻي اچو ڪي هماهمي واري جيون ۾ اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي ته پنهنجي رٿائن، آشائن ۽ پروگرام کي انتري عرصي ڪانپوءِ عمل ۾ آڻي سگهجي؟! مون سمجهيو هو ته ونڪيشن واري عرصي ۾ ويزا ملي ويندي پر ويزا ملي چوماسي ۾. ٦ مهينن جي بدران ٣ مهينن لاءِ. اطلاع موڪلڻ ۽ جواب ملڻ تائين مدو اڌ پورو ٿيو وڃي. ڌرم سنڪٽ هو. ونڪيشن ڪانسواءِ انتري موڪل به ڪانه ملندي آهي. ويزا جو اطلاع ماهتاب، رئيس ۽ پير سائينءَ کي موڪليم. ماهتاب ۽ رئيس انهي وقت پهچ ڏني ته ڪراچي ايئرپورٽ تي وٺڻ ايندا سون.

مون اڃا به پنهنجي دل من هيو.

ويزا ملڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳي سنڌ مان هڪ پيو

سنڌس پيغام "خطن" جي صورت ۾ اچڻ لڳا. ۽ هڪ خط ساهه ۾ سانڍڻ جهڙو آهي. سنڌس ڪاتب "امين مالوي" جي هٿن ۾ قدرت "مصوري" جو فن ڏنو آهي. امين مالوي قد جو ننڍڙو پر قلم جو قداور.

سنڌس خوشخطي ڏسڻ سان ڪوئي ڪونه سمجهندو ته هي ۽ چترڪاري، هٿ جي لکاوٽ آهي، بلڪ ڇپيل آهي. ليڪن انهن خطن ۾ ڪجهه اهڙو هو جنهن مونکي سنڌ جي سفر لاءِ آماده ڪيو. ونهس ٧٤ ورهين جو هو. دل جو مريض هو، هرنيا جي ڪري پيٽ ٻاهر نڪري آيو هوس هلڻ ۾ تڪليف پر طبيعت ۾ ساڳي رنگت ساڳي رواني ۽ مستي.

ماهتاب جي ڪتاب تي لکيل تبصرو ۽ "ڪيئي ڪتاب" تي شايع ٿيل سوالچيا "فوٽو اسٽيٽ" ڪري سنڌ جي ساهت پريمين ۾ تقسيم ڪيائين.

مون پاسپورٽ ته اڳيئي (١٩٧٨) ۾ تيار ڪرائي رکيو هو - ويزا درخواست ڏنم. پر ان لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪانه ڪيم جو پاڪستاني اڌڪارين جو سنڌين، خاص ڪري، سنڌي ليکڪن، ڪلاڪارن سان مانيلو ورتاءُ آهي. سنڌ مان وقت به وقت ڪي سڄڻ ايندا رهن ٿا. انهن سان گڏجڻ بعد تڙپ وڌي ٿي، "ويزا" کانسواءِ ڪيئن وڃجي؟

....

آگسٽ ۾ انهن جو آزاد ڪيو. ٣ آگسٽ تي رئيس
نظامانيءَ جو هڪ واقفڪار دوست رفيق ميمڻ اچي
ممبئيءَ سهڙيو. هالا جو رهواسي، نوجوان مهذب، سنڌي
ادب ۽ اتهاس جو ڄاڻو، سنڌ ۽ هند جي سنڌي
ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن لاءِ بيحد پيار ۽ عزت جو
جذبو رکندڙ، سٺو نقاد ۽ روشن خيال.

مان ڀاڳو وٽ هوس. پنهنجان ممبئيءَ پهچي ۽ ٽيءَ
ڪيس آڏو پاءِ ڏنو. رڪشا ڀاڙن جي ڏينهن ممبئي ٽيءَ
ڪيس رڪڙي پئي، ٽلڪ ڏنو. ان حالت ۾ ڀوڳيءَ وٽ
هليو. ڀوڳيءَ ڏسندي چيو ته ”هيءَ ته ڇوڙو ڪو
ڀاڳت پيو لڳي!“

سنڌ جي اهڙي علمي، ادبي ۽ سياسي شخصيتن
سان سندس ذاتي لاڳاپا رهيا آهن. جن ۾ سنڌ جي
سائين جناب غلام مرتضيٰ شاهه جو نالو قابل ذڪر آهي.

ڀارت جا اتهاسڪ آستان ۽ ڀارت ۾ سنڌي ڪلاڪار
۽ اديب ڏسڻ ۽ انهن سان روح رهاڻ جو مشتاق.

ممبئيءَ ۾ ڪيس سنڌي ليکڪن سان ڏسڻ جو به
وجهه مليو. ڪلاڪارن سان ته وڏو سڪ ونديائين. ڪن
”سنڌ جون سوکڙيون“ ڏنائين، ساڻن گڏجي سندن
يادگار فوٽو ورتائين. ڏهي سطح تي ساهت جي نين
ڌارائن، ڀارت جي سنڌ جي اديبن ۽ ڪلاڪارن جي
رچنائن تي اثرات، سياسي ۽ ادبي، بدلجندڙ قدرن

قربدار پارت پاران لاءِ آيو هو. حيدرآبادي نور محمد فوٽوگرافر. نهايت دلدار شخص آهي. اديب ڪونهي پر ادب نواز آهي. فوٽوگرافيءَ ۾ ڪافي ماهر آهي. هن سان بمبئي ۾ هڪ ڪچهري ٿي، سائنس هڪ نوجوان شاگرد عمر قاضي آيل هو، جنهن پڙهي پوپٽي هيرانندائي جي آتم ڪٿا "منهنجي زندگيءَ جا سونا روپا ورق" سنڌ ۾ پهريون ڇپايو هو، جو هٿون هٿ وڪامجو هو سندن ادائي سوچ پوچهه، سنڌ جي موجوده سياسي، اقتصادي ۽ سماجي ماحول جي ورتل جائزي اسان جي پڙهيل طبقي کي ڪافي ڪجهه سوچڻ ۽ سمجهڻ لاءِ سامگري ڏني.

هنن کي گڏجڻ بعد مون پڪو ارادو ڪيو ته "سنڌ جو سفر" ڪرڻو آهي.

. ...

بمبئي کان دهلي مون ٻه ڀيرا هوائي سفر ڪيو آهي. ليڪن پنهنجي وطن لاءِ هوائي سفر هڪ نئون آزمودو هو- وطن اسان لاءِ وديش ٿيو هو. اُن ڪري پاسپورٽ ۽ ويزا جي "لعنت" برداشت ڪرڻي پئي.

"سنڌي وڃي ٿو سنڌ ڏسڻ" ڪهڙو نه ويهين صديءَ جو بيهودو مذاق!

"ويزا" جو مدو ٢٨ سيپٽمبر ١٩٨٢ تائين هو. مون

ڪيس پر معلوم ٿيو ته هفتو کن اڳ ئي سارو ٣٢٠٠٠ روپيه ٿي ويو آهي. ڪيس. وري به پنهنجي همت ڏاري.

٢٦ آگسٽ ١٩٨٢ شڪروار (جمع جو ڏينهن) هوائي ٽڪيٽ (اوپن ڊيٽ) وٺي آيس. ٽريولنگ ايجنسي جي آفيسر مس پشپا آڏواڻيءَ ان ڪلاڪ ۾ ٽڪيٽ ۽ ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ آڻي ڏنو.

هاڻي سنڌ وارن کي اطلاع ڪيئن ڪجي؟ سانتاڪروز واري آفيس ۾ آيس اچانڪ خيال آيو ته پاڪستان ۾ جمع جو ڏينهن موڪل جو ڏينهن ٿيندو آهي جنهن اصل ان وقت آرتوار.

ماهتاب جو ٽيليفون نمبر مون وٽ هو حيدرآباد سنڌ لاءِ ٨٣٣٠٩ ٽرنڪال ورتم. ١٥ منٽن جي اندر ”ڪال“ ملي وئي. اصل چمتڪار ٿي ويو! ماهتاب محبوب ٻئي سان گهر ۾ فون ٻڌڻ لئي موجود هئا. کين ٻڌايم ته اعتبار ئي نه پيو اچين. اصل ٺري پيا. محبوب چيو ”دادا ترسو ٽيپ رڪارڊ کڻي ٿو اچان.“

ماهتاب کي ٻڌايم ٣ سيپٽمبر جمع جو ڏينهن آهي ٣ بجي منجهند جو فلائيٽ ۾ پهچي رهيو آهيان.

ماهتاب کي وشواس نه پيو اچي. ڇاڪاڻ ته مهيش چندر کي ڪراچي ائرپورٽ تي وٺڻ آيا هئا پر نا اميد ٿي موٽي ويا. مهيش کي ويزا ڪانه ملي پر منهنجي هٿن ۾ ”ويزا“ موجود هئي. کين خاطري ڏنم.

ٿي سندس سلجهيل خيالات ڪافي ڇڪيو. سنڌ جي ماروئڙن وٽان آندل سڪ ڀريا پيغام- خاص ڪري ڀارت کي سمجهڻ جو ڏس سندن ڏنو ويس ڪريم بخش بلوچ ”ڪڇيو“ جي بابت ۾ گهڻو ڪجهه دلچسپ احوال ٻڌايو ۽ هيو سندس زباني سنڌ ۽ پاڪستان جي ڏيکاريل تصوير هر وقت نراسائيءَ واري ڪانه هئي.

رفيق کي ٢٠ آگسٽ سعودي عرب ڇڏڻو هو، ٢٤ آگسٽ ڪراچيءَ واپس روانو ٿيو. سندس مرضي مطابق پروگرام وٺي نه سگهيس. رفيق ته ان اڳ هيٺ ويو ته مان نومبر تائين اچيندس. هيڏانهن موڪلي اهو اشارو مليو جي هيءَ ولڙا مون ونڍ وڃائي ته پوءِ هٿ مهٽڻا پوندا.

سو، توڪل جو ڳوٺو ٻڌي سانباهو ڪيم. پنهنجي لاءِ ۽ ڏيءَ راج ۾ الساعت ڪيم. هوائي جهاز ذريعي وديش يالرا جي باري ۾ ضروري گهربل هدايتون حاصل ڪيم. رفيق کي ايئرپورٽ تي ڇڏڻ وقت به معلومات ڏي. اڃا ته صرف ”ڏيهي هوائي سفر“ هو. (ڏيهي پرڏيهي ٻنهي پنهنجي ڏيهه کي ڏسڻ هليو جو هاڻي اسان لاءِ پرڏيهه آهي.)

* * * *

رفيق ٻڌايو هو ته اوٺ موٽ جو ڀاڙو ١٦٠٠ رپيه آهي. ڪجهه ٻيو سفر خرچ ٽيڪس ملائي ٢ هزار ڪافي

ڏاڍو جذباتي ٿي ويو هوس. پر سڀاڻي ورسر. مصروف زندگيءَ جون جوابداريون ساڻ ساڻ "ساهر ائرپورٽ" لاءِ ڪوچ ڪرڻ جي تياري. ڪلارڪ ساڻ ڪئمپ. "لاج" پيار ڏيئي موڪلائي ڪئي سندس اکڙين ۾ آتم وشواس، مانوڙن لاءِ سک ۽ نيڪ خواهشن جو سمنڊ ڇلال هو.

هن ڀاڱي ۾ سانت ڏيڻ جو خيال ڪيو هو. پر في الحال اڪيلوئي ٿي اچڻ جو حوصلو ڏنائين. سفر سٺائو رهيو ۽ ٻئي سفر ۾ ڀاڱي ۾ مالڪ ڀيٽيءَ جو درشن ڪري آيدي.

... ...

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان ته مون ڪراچي، حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان ۽ ماتلي لاءِ ويزا گهري هئي ۽ چئني مقامن لاءِ ويزا ملي. ڪراچيءَ ۾ مون "سن شائين سينٽس" طارق روڊ - ڪراچيءَ جي ايڊريس ڏني هئي. انجو مالڪ ڪنهيالال ساڌناڻي منهنجي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيو هو ۽ منهنجي سهري سرڳواسي پرسرام ساڌناڻيءَ جو سڳو سوٽ آهي ڪافي مالدار آهي. سندس مٺائي جو دڪان ۽ ڪاني جي هوٽل "شهباز" ڪراچي ۾ مشهور آهي (TALK OF TOWN)

ويزا لاءِ ڏنل ائڊريسن تان ڪاڻ سرڪاري تحقيقات ڪانه ٿي هئي. بنا ڪنهن جهنجهٽ جي ويزا ملي هئي. اها خاص مهرباني جناب عبدالستار (پاڪستان

رئيس کي اطلاع ڏيڻ جي ذميواري محبوب ڀاڻا تي هموار ڪئي. مان نشچنت ٿي ويس.

مان مانت ميت ۾ تياري ڪندو رهيس. پنهنجي عادت موجب سفر ۾ سامان هلڪو ڪرڻ جو فيصلو ڪيم ٻاسڻي ڪانه ڪيم.

دوست رامڪرشن آڏواڻي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي عزيز پرلهه شهاڻي لاءِ پارسل ڏنو. جون ۾ ماهتاب ۽ رئيس ۽ پير صاحب لاءِ بمبئيءَ جي حلوي جا پئڪيٽ ورتا. سفر ۾ سامان گهٽ کڻندو آهيان.

ٻه چار وڳا ۽ ضروري روزمره جي استعمال جون شيون ”هندواسي“ جا خاص پرچا، ڪي ڪتاب بس!

... ...

٣ سيپٽمبر جو ڏينهن آهي. منهنجي من جي ڪهڙي نه ڪيفيت هوندي؟ ماضيءَ جا ڪيترا نه دوش سئنيما جي تصويرن وانگر دماغ ۾ پئي ڦرڻا.

مٺي راهه، روان ٿيا، پورب پورڀائون
هي گهر گهوريائون آڳانڍيائون اڳيان
اهو ”ماضي“ حال ۾ بدلجي رهيو هو:
آيا آس ٿيام، پاروچا پنهور ۾
پسي پهر پنهونءَ جي نيڻ سين نيڻ ٺريام
گوندر وسريام، سکن شاهڙون موڪليون

چيو ته PIA ۾ سفر ڪجو، پنهنجي صلاح ڏني ته I A ۾ سفر ڪجو.

انڊين ايئر لائينس جي هڪ ايئر بس کي ڏسي مون کي جنتا ايڪسپريس جو ڪمپارٽمينٽ ياد اچي ويو، جنهن ۾ اڪثر احمدآباد لاءِ سفر ڪندو آهيان.

رفيق مونکي موڪلائڻ وقت ٥٠ رپين جو پاڪستاني نوٽ ڏئي ڇڏيو هو ته ڪراچي ايئرپورٽ تان نڪرڻ تي پهچڻ ۾ دقت ڪانه ٿيندي. هوائي جهاز ۾ چانهه جي طلب جي پورتي ڪانه ٿي سگهي. ناشتو ستو مليو پر چانهه ندارد! خير.

سوا ڪلاڪ جو سفر - هوائي جهاز اُڏامڻو! مهنجو من پنڇي به پرواز ڪرڻ لڳو. اک ڇنڀ ۾ سوچڻ ملي ته هوائي جهاز ڪراچي ايئرپورٽ تي لئنڊ ڪري رهيو آهي. ائين لڳو ته ڪنهن ٻئي دنيا، ٻمبئي انٽرنيشنل ايئرپورٽ - ڪراچي ايئرپورٽ ۾ بدلجي ويو.

يـــا

"سوا ڪلاڪ جي سفر لاءِ ٣٤ سال انتظار ڪرڻو پيو! يا ٣٤ سالن ۾ ٻن ڪلاڪن جو سفر پورو ٿيو!"

احساس جي هيءَ ڪهڙي نه ڀيانڪ مخول هئي!

"ليڪن جب تڪ سانس تب تڪ آس"

ايئر هوسٽيس کي چيم:

جي سابق سفير) جي هٿ ۾، ان هوندي به مون ماهتاب، رئيس ڪرم بخش ۽ ساماڻي کي خط لکيا هئا.

پهرئين ٻن ونان سڪ پريا جواب آيا هئا، پر ساماڻي نه اکر وارو ورنو هو. نه ٻوڙ نه قوت. (اصل شڪارپور جا آهن. شڪارپور ۾ لکي در وٽ سندس پيتا ناڪرداس سوڍا ليمن جي ساڳي واري جو نالو مشهور آهي.)

... ...

ٻمبئي "انٽرنيشنل ائرپورٽ" تي "فارملٽيز" نباهڻ ۾ اڍائي ڪلاڪ لڳي ويا، ڏاڍي ٿڪاوٽ محسوس ٿي. سائيهه ڏسڻ جو اتساهه ئي ٿڌو ٿي ويو. پر ڪسٽمس وارن سان ته پهرئين پيرو واسطو پيو هو. بدقسمتيءَ ڪان ڪوئي سڃاڻڻ وارو به ان وقت موجود ڪونه هو.

ماهتاب وانگر آءٌ به انهن ڳالهين ۾ اڻاڙي آهيان. ان ڪري پڇتاءُ پئي ته رفيق سان گڏ جي ڪراچيءَ وڃان ها. پر اُمنگ ته بي پناهه هو. ماهتاب کي "ڪلا جوهر" جهڙي همراهي هئي. پر هوءَ نازن ۾ پليل نازڪ ناري ٿي ڪري هيڏو ساهس ڪري اڪيلي آئي، آءٌ مرد ٿي ڪري پنهنجي وطن جي سفر ۾ ئي ماندگي پيو محسوس ڪريان!

رام رام ڪري هوائي جهاز ۾ سوار ٿيس.

ان هوائي جهاز کي ائربس چوندا آهن. رفيق

۳۴ سال صدين ۾ ٽڪن کان به وڌيڪ هئا. ان بعد ”تاج“ گلي مليو. سندس نيڻن مان نير ڇلڪي پيو. ڳوڙها ٽپڪي منهنجي ٻانهن تي پيا. وڇوڙو وصل ۾ تبديل ٿيو هو.

اهي خوشيءَ جا لڙڪ هئا. (مهراڻ جا موتي) ”ماهتاب“ گلاب جي ڪرڙيل گل جيان ٽهڪي رهي هئي ۽ رهين ڪانپوءِ نديءَ ڀرڻ پنهنجي ”دادا“ کي ڏسڻ سان جنن محسوس ڪري، اهي ٻاو سندس خوبصورت چهري تي نمودار هئا. موڪلاڻ اکڙين مان اهو پيار ٽپڪي رهيو هو. هوءَ ڪيترو نه خوش ٿي رهي هئي، جڻ ڪو خزانو هٿ لڳو هوس. جيجل سنڌڙيءَ جو وڇڙيل ٻاٻ ڪيس گڏجڻ آيو هو. سوا ٻن سالن کان پوءِ ماهتاب کي ڏسي رهيو هوس. ڪافي صحت سڌريل هوس. سندس چهري تي نکار هو. نهايت سڪ سان ٻاکر پائي گڏي. ان بعد ٻچڙي اوره پيارو مرشد ۾ گڏيا راڻي زمر به ڏاڍي حب سان مليون. انهن نڌين فرشتن کي گڏجڻ ۾ پيار ڪرڻ سان دل ٺري پيئي. منهنجي زندگيءَ جو اهو ڪيترو نه سڀاڳو ڏينهن هو!

ايئرپورٽ تي اهائي ٻيئي جهڙي پيڙ! البت ٻيئي انٽرنيشنل پورٽ کي جهڪا پيڙ ۾ اهميت آهي انجي پيٽ ۾ ڪراچيءَ جو هوائي اڏو ”منيءَ-ايئرپورٽ“ پيئي لڳو. پر اهميت جي لحاظ کان اڄ به

منهنجي چانهه ٽولي اُٺار رهي"
ڪراچي ايئرپورٽ - ڪراچي جي زمين - سنڌڙي
جي پاڪ پوٺي - پالڙي هلندا رهيا - آءُ ٻيهي رهيس -
ڪن پل - جهڪي پٽي ڪٽي مٽيءَ کي لاتم!

(٤)

- سپنو ساڪار ٿيو هو.

هوائي جهاز ۾ وسوسا پئي ڪيم. ايئرپورٽ تي الائي ڪير ايندو يا نه؟

سفر ۾ هڪ بيگم صاحبه به ۾ ونثل هئي. نهايت خوش اخلاق - سهڻي ۽ ٻڙهيل ڳڙهيل شڪل جي به نازوڪي ۽ بيباڪ. چيائين اوهان کي تڪليف ٿي پهچائي اهو پنهنجي گهر وٺندس نه ته به اسان جا مهمان آهيو.

هردو گڏ گڏ ٿي ويو ساٿيءَ جو ٻهراڙون سواد چکيم- ليڪن ان جي ضرورت ڪانه پئي: ماهتاب محبوب- سنڌن ٿي پارو ارم، مرشد ۽ زمر ڪانسواءِ سنڌ جو اديب ۽ شاعر تاج بلوچ بي صبريءَ سان انتظار ڪري رهيا هئا. مان سفيد ڪاڏي جي بشرٽ - پينٽ ۾ ملبوس هوس. مهمان (سفيد وارن سان) ڪي پرائين محبوب سڃاڻي ورتو. انهن پاڪر ۾ ڀرائين جڳ جنهن جي وڇڙي ڪان پوءِ ميلاپ ٿيو هجي. رام - ڀرت - ميلاپ!

شاندار پوليٽڪل ۽ ٽريفڪ پوليس جا انتظام ٽئڪسين جي قطار، هر هڪ مسافر کي سهوليت آهي ٽئڪسيءَ ۾ وهارڻو ٿي ويو. بمبئيءَ جي ٽئڪسي وارن لاءِ سخت نيم آهن ليڪن گهر گهلائي جي ڪارڻ هو الڳهن ڪندا رهن ٿا ۽ پئسينجرن کي آزارين ٿا. ڪراچيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ اهڙو پورت وٽ واسطا ٻنگ واري نظر آئي.

... ...

مانچولٽ لاءِ ته ڪارون موجود هيون هڪ رفيق جي اهڙو ڪنٽرڪشن ۽ پي اسانجي ميزبان محبوب جي ڪار "چانهه" جي طلب بعد محسوس ٿي رهي آهي ماهتاب هوٽل ۾ هلڻ جي فرمائش ڪئي. اسانجو قافلو روانو ٿيو. وڏا شاهي، سهڻا، صاف رستا، آس پاس دلڪش عمارتون، درختن جا منظر، انهن تي عمدين چپاتي ٿورڙا موٽر ڪارون تيز رفتار سان ڊوڙي رهيون هيون. اهو علائقو نئين ڪراچيءَ جو حصو هو "تاج محل انٽرنيشنل هوٽل" ۾ پهتاسين. بمبئيءَ جي "اوبيراءِ شيرٽان" جي سڪ ٿي لڳي. چانهه جو آرڊر ڏنو ويو! ليڪن محبوب جي ڪئمرا حرڪت ۾ آئي. ڪافي پوز ورتا ويا. منهنجي زندگيءَ ۾ اهڙا پهريان پوز آهه پيا ته سهوران!

اهو ماحول ڪافي رنگين هو. ودلشي به ڪافي

ڏکڻ پورب جي ”واٽي“ آهي. هڪ ٻي وقت ٻي ”فلائيٽ“ اچي سهڙيا هئا. ان ڪري ”لنگهه ڪائونٽر وٽ ڪلاڪ ٽرسڻو پيو. ان ڪلاڪ ۾ ماهتاب ۽ پارن سان وڌهين جون وارتائون ٿي وئيون هڪ پيو چهرو به ڏٺم. ”رفيق“ محبوب جو اسسٽنٽ. نهايت ڪامڪ ۽ ملنسار پنجابي نوجوان آهي، جنهن سندن گهر جو ڀاڻي هو. نهايت گرمجوشيءَ سان مليو. سندس ۽ ”سائين“ چوڻ ڪيڪار ڪيائين، هيانءَ ٺاري وڌائين.

”ڪسٽمس“ ۾ اميدن جي خلاف پنج منٽن کان وڌيڪ وقت ڪونه لڳو. ماهتاب جي لفظن ۾ سنڌي ادب جو چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ”تاج بلوچ“ جو ڇڳو ڏيڍ پو نظر آيو. ”وفرا“ جي مڪاني ڪاڙي ۽ پٽن ”فارماٽيز“ کي اڪ چٽيءَ ۾ پوري ڪري جوڳي رهنما رهيا. ڪسٽمس ۾ ڪيترا سنڌي آفيسر هئا، جن ڀلائيءَ ٻي هوئڻ سبب اکين ئي اکين ۾ ڪيڪاريو ۽ سڪ جو اظهار ڪيو.

... ...

باهر نڪتاسين.

ايئون چرخ ٿي وڃون، ڪراچيءَ جو ايئر پورٽ وارو باهريون ڏرشيہ جنهن پئرس لسا ڪيهن وڌيشي ملڪ جي مهانگر جي جهلڪي ڏيکاري رهيو هو. ڏور ڏور تائين نظر دوڙايم هر طرف عجب رونق، پٽن جي جهرمر،

مونکي اچرج ۽ وڌيڪ خوشي ٿي. "اميتاڀ" اڄڪي ۽ منهنجو پاڙيسري آهي. سندس پتا ڊاڪٽر هريونشراءِ "بچن" سان واقفيت اٿم اوچ ڪوٽيءَ جو ڪوي ۽ ساهتيڪار آهي. سندس مبارڪ هٿن سان مونکي "سوويت لئنڊ نهرو اوارڊ" مليو هو.
(١٩٧٩ ۾ "گهر جي روشني" ڪهاڻي سنگره تي)
انڪري ٻڌائي سگهان ٿو ته اميتاڀ جي صحت سٺي رهي آهي. "اميتاڀ" پاڪستان ۾ سپر هيرو جي روپ ۾ بيحد مقبول آهي. سندس فلمن جا ڪئسيٽ پاڪستان جي گهر-گهر ۾ فلمي درشڪ (شائق) چاهه سان ڏسندا آهن، جڏهن اسان ڀارت ۾ واجهائيندا آهيون. ٽڪيٽن لاءِ لائين ۾ کڙا هوندو؟ ڪالابازاري لهڻ ڪانسواءِ!

ڏٺم ته مرشد ۽ زمر ٻئي اميتاڀ جا پرستار آهن. ٻر موهن لاءِ جنهن انتظاري ۾ اڏيرڻا سان ماهتاب پڇيو، اهو ته صرف سڳي ڀيڻ يا ماءُ ٿي ڪري سگهي ٿي. ماهتاب کي ته ڀارت ۾ ڪيترا ڀائر مليا آهن جن جي سک سلامتيءَ لاءِ هوءَ سدائين پرارٿنا ڪندي آهي. انهن ڀائرن کي ته ماهتاب جهڙي ڀيڻ ٻي ڪٿان ملندي جيڪا ساهه ۾ سانڍي!

... ...

اچانڪ ياد آيو ته ويزا ۾ انٽري ڪرائڻي آهي.

تعداد ۾ نظر آيا. جيئن وڏن شهرن جي فائيو اسٽار هوٽلن ۾ هوندو آهي. اهي سڀ ڳالهيون موجود هيون. ڪراچيءَ جي وسٽار مونکي وسميءَ ۾ وجهي ڇڏيو.

مان ٣٤ سال اڳي واري ڪراچي ياد ڪري رهيو هوس، اچانڪ ماهتاب جي سوال منهنجو ڌيان ٽوڙيو، ته "دادا، موهن ڪلپنا" ڪيئن آهي؟

"موهن کي ڇا ٿيو؟ ٺيڪ آهي."

(ماهتاب مونکي فون تي موهن وٽان ڪي ڪاغذ وٺي اچڻ لاءِ چيو هو. موهن الهاسنگر ۾ رهي ٿو. مونسان سندس سمپرڪ خاص ڪونهي- پر ماهتاب ان ڪري ڪونه پڇيو بلڪ هتي سماچار پهتو هو ته موهن کي "دل جو دورو" پيو هو. دورو سنگين هو. موهن سنڌ جي ادبي حلقن ۾ عرصي کان جاڻل سڃاتل آهي، اوڪ پڙهه ڪهاڻيڪار جي روپ ۾. بمبئي ياترا جي دوران ماهتاب کي هو ڪافي ويجهو آيو هو. ماهتاب جي ادبي ڳالهين وغيره ۾ موهن ڪافي اتساهه ڏيکاريو هو جنهنجو ذڪر پنهنجي دلچسپ شيليءَ ۾ ماهتاب "اندر جنهن اڄ" ۾ ڪيو آهي موهن کي جذبات جو شهنشاهه چيو آهي. موهن ته ماهتاب کي سنڌي ادب جو "تاج محل" سڏيو آهي)

"رفيق" پڇيو ته "امهتاب" ڪيئن آهي؟ ڪراچيءَ ۾ قدم رکندي ئي ڪلاڪارن جي خير وعافيت جي چنتا

۽ ٻوڙو، ان روحانيت سندس منهن مان ٽپڪي رهي هئي. اسان کي ڏسي چهري جو رنگ اڏامي ويس! جڻ ڪو "ڀوت" ڏٺو هجائين يا اسان سندس مهمان نه بلڪ انڪم ٽئڪس آفيسر هجاسون! ڪنڊ تي ڪاٺي رکي ويهڻ جي آڇ ڪيائين. ڪلفي فالودي جو آرڊر ڏنائين. گرميءَ کان بيحال منهنجا ساٿي راحت محسوس ڪرڻ لڳا. (ماهتاب ڪلفي ۽ آئيسڪريم جي شائق آهي) ۽ چار اوڀاريون لهواريون ڳالهيون ڪري اسان اُتان موڪلايو.

... ...

جڏهن کان وٺي مون سنڌ ۾ ۲۱-۲۲ ورهيه گذاريا هئا سنڌ جون روايتون ڪهڙيون هيون؟ اسان جو "اباڻو ورثو" هيٺين روايتن ۽ نشانين ۾ هو:

۱- خدا ترسي ۽ سچ جا پانڌيئڙا
۲- اُدارتا ۽ حليمائي
۳- نمڪ حلالي ۽ وفاداري
۴- محبت ۽ دوستي
۵- حياءُ، لڄ، غيرت ۽ مروت
۶- بهادري ۽ تلوار ٽيڪو
۷- مهمان نوازي ۽ مسافر نوازي
۸- وڏ ڏيائي جو لحاظ ۽ ادب
۹- اوطاقون ۽ ڪچهريون

فيروزآباد * پوليس اسٽيشن واجهي هئي اُتي پهتاسين. سج لهڻ تي هو. انچارج چيو ته انهيءَ لاءِ پوليس هيڊ ڪوارٽر وڃڻو پوندو، پر اهو ڪم سڀاڻي تي ٿي سگهندو. اسان کي رات ڪراچيءَ ۾ نه بلڪ حيدرآباد ۾ گذارڻي هئي. انڪري انچارج کان پڇيوسون. هن چيو ته حيدرآباد ۾ به انهيءَ ٿي سگهي ٿي.

... ...

مونکي "سن شائن" جو واپار آهي. چاڪاڻ ته ڪراچيءَ جي واڙا ۾ اها اڊريس هئي انڪري اُن جو انديشو هو. نيٺ ته "ساهرا" هئا.

اسان طارق روڊ تي پهتاسين. ڪافي رونق ڪانه هئي. جمع جي ڪري دڪان بند هئا. صرف ڪاڏي پيتي جا دڪان يا هوٽلون کليل هيون. "سن شائين" به کليل هو. جتي ڪلفي فالودو کائڻ وارا گراهڪ ريسٽورنٽ ۾ ويٺل هئا. ڪائونٽر تي هڪ نينگر ويٺو هو، جنهن چئي ڪنهيالال کي سڏايو. ڪنهيالال گهر ۾ ٿي هو. گهر به سندس هوٽل نما دڪان مٿان هو.

جيترو "سن شائين" جو دٻدٻو هو، اوترو مالڪ ۾ نظر ڪونه آيو. سندس چهرو مدوري ۽ مرجهايل، وات ۾ پان جي پيڙي، ڏاڙهي وڌايل، اکين ۾ اداسي، ماول

* ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڪيترن بستين جا نالا اُتر- پرديش جي شهرن جي نالن پٺيان رکيا ويا آهن.

اسان هتان ٿي ڪاڻس موڪليو. ڪاچ. پارت جي سنڌي اديبن سان "سوجهرو" جي ڪري ڪافي سمپرڪ ۾ رهيو آهي. "سوجهرو" جي اشاعت ته بند ٿي ويئي، ليڪن هيٺر ڪافي ڪتابن ۽ پڙهڻ جي ٽرانس، آفيس جو مالڪ ٿيو آهي. "لطيف"* نالي ٽيون رسالو شايع ڪري، ادب جي کيتر ۾ سرگرم ٿيو آهي.

ٽيليويزن تي نيوز اناؤنسر آهي. ماهتاب جي وڇڙڻ جو ڀرڪاشڪ (پبلشر) جو شرف ڪاچ کي حاصل آهي. سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ ويجهو ۽ وشواس پاتر ساٿي جنهنکي ماهتاب سڳو ڀاءُ ڪري سمجهندي آهي. ڪاچ نهايت خنده پيشاني ۽ سنجيدگيءَ سان ان رشتي کي نباهي رهيو آهي. اهڙائي ڪراچيءَ جا ٻيا ادب-همراز ۽ ساٿي آهن يوسف شاهين "برسات" جو مدير ۽ محترم علي احمد بروهي.

ان تي ڪراچيءَ ۾ پير حسام الدين راشدي جهڙو مانائتو تاريخڪار، کوجيڪ، ودوان ۽ سنڌيت جو مجسم - سنڌ جي اديبن لاء روشن منار هو. ماهتاب جو هن سان روحاني رشتو هو. ماهتاب لاء مرحوم پير صاحب جو ساڳو هو. اڄ هو ابدي ننڊ ۾ ستو پيو آهي ليڪن سندس ڪتاب:

---

* "لطيف" جي اشاعت به اڄڪلهه بند آهي.

١٠- اوڙي پاڙي جو ننگ - ناموس
١١- ٿورا ڪرڻ ۽ ٿورا مڃڻ
١٢- قول جي سچائي ۽ عمل جي پاڪيزگي
١٣- ملڪ واسي
١٤- علم ۽ اونهائي - روح ۽ بيداري ؛
جيون ۽ اصول ۽ مقصديت
١٥- پراون کي پنهنجو ڪرڻ.

*   *   *   *

انهن مڙني وصفن مان ڪنهيالال ۾ مون هڪ به وصف يا روايت جو عمل ڪونه ڏٺو. مونکي ڏڏڪو آيو. منهنجي خطن کان انڪار ڪري ويو. ٻئي طرف ماهتاب، محبوب، منڙا يار ۽ سندن سائي، جيڪي انهن ظاهر ڪيل روايتن جا جيئرا جاڳندا پتلا هئا، جن عارضي جي لوڏي کي ڪين لڄايو پر ڪنهيالال "سون تي سهڻ مڙئي چڙهيا."

...   .

هيڏانهن ماهتاب گهر پهچڻ لاءِ بيتاب! محبوب کي رستي جي گهٽتي هئي، جو رات جو سفر سڀاڻيءَ وارو ڪونه سمجهيو ويندو هو.

خير - اسان تاج ملوڪ جي گهر ڏانهن رخ رکيو. هڪ شاندار هائوسنگ ڪالونيءَ ۾ ٺهيل يا جوڙيل ماڙي ئي سندس شاهي فليٽ هو.

ڪيندا سون. في الحال هلون حيدرآباد! دلجاءِ ٿي.

محبوب چاهيو ته رات ڪراچيءَ ۾ گذاري ۽ صبح سوير حيدرآباد لاءِ ڪوچ ڪجي. پر ماهتاب کي گهر جي چنتا هئي. نوڪر کي ڪاڏو تيار ڪري رکڻ لاءِ ته تاڪيد ڪري آئي هئي. ٻارن جي اسڪول جي حاضري ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪين به ڏينهن ٿي ويا هئا. البت رات جي وقت سپر هاءِ وي تي اڄڪلهه ڦرلٽ جا واقعا ٿي رهيا هئا، انڪري ڪٽڪو هو. پر لوڪل جو تڙهو ٻڌي رات جو ۸ بجي روانا ٿياسون. ٻه ڪلاڪ سفر هو. سپر هاءِ وي جهڙو شاهي رستو اسانجي ملڪ ۾ ته ڪونه ملندو.

اڳي حيدرآباد مان ٻاهر روڊ اچبو هو ته ٺٽي وارو رستو اچڻو پوندو هو. گدو، ڪوٽڙي، ميٺگهه، جهرڪ ٺٽو لتاڙي ڪراچي پهچندا هئاسون. ۴-۵ ڪلاڪ لڳي ويندا هئا. هڪ ٻن هنڌن تي ڏاڍو ڪچو هو. هيئر اهو رستو ٻه سڌاري جديد روپ ڏنو ويو آهي. پر سپر هاءِ وي کي انگليءَ جي انجنيئرن جي مدد سان تيار ڪرائي، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾ ڪافي مفاصلو گهٽائي ڇڏيو اٿن. اهو وڏو سهڻو ٿي پيو آهي انڪري ماڻهو ٽرين کان وڌيڪ بس ۾ سفر ڪندا آهن يا هوند وارا پنهنجي موٽرڪارن ۾.

رستو نهايت صاف ۽ شاندار، ليڪن سنسان هو.

”آهي ڏوٿي آهي ڏيهن ڳالهيون ڳوٺ وٺن“

سنڌ جي هندن - مسلمانن جي مشترڪ تهذيب جو هڪ دستاويز آهي. سنڌين جي وچ ۾ رشتن جي هڪ مضبوط پل آهي. سنڌ ۽ هند ۾ سندس نالو وڏي ادب ۽ احترام سان ورتو ويندو آهي. ٢٠ سيپٽمبر ١٩٨٢ع تي راشدي صاحب جو جنم ڏينهن وڏي ڌام ڌوم سان ملهايو ويو.

*　　*　　*　　*

ڪراچيءَ جي شاهي رستن تان محبوب جي موٽرڪار ڊوڙڻ لڳي. مهجبون اکيون، ڏٺل وائٺل ڪراچيءَ کي ڏسڻ لاءِ بيتاب هيون، پر سڀ ڪجهه بدلجي چڪو هو! پر هڪ شخص کي ڏسڻ، سندس سلامتيءَ جو احوال جاڻڻ لاءِ بيحد منتظر هوس. اهو آهي: ”علي محمد مڪراني“ آزاديءَ جي هلچل جو سرگرم ساٿي، مزدورن جو شيردل رهنما، نوجوانن جو سونهون ۽ دلنواز دوست. جنهن سان ١٩٤٢ واري هلچل جي ڏينهن ۾ مهجبون دليون جانديون هيون. ١٩٤٧ کان پوءِ سندس ٻه چار خط آيا هئا ان بعد ڪابه خبر ڪانه پئي. ليارِي ڪوارٽرن ۾ رهندو هو. طبيعت جو مست هو. شادي ڪانه ڪيائين. سونڪي هڪ ممتا ۽ پيار واري ٻالي ماي. پر جلد ئي وڇوڙو نصيب ٿيو.

محبوب سان ذڪر ڪيم. هن خاطري ڏني ته ڳولاي

مون هڪ ننڍڙي ساٿي، پرچارڪ، ڳائڪ-وڪتا جو مختصر جيون ڏنو هو- هڪ شيرين- ٽالج آزمودو پراڻو هو. گوسوامي پرمانند جي سنگيت مجلس ۾ شاستري- سنگيت جو امرت رس پيتو هو. ڇوڏڪي ٻازار جو آئيسڪريم فلودو، صدر بازار جو سيرو مالپڙو، حيدرآباد ۾ ٽلڪ چاڙهيءَ جا درشيه، قومي هلچل جو گوناگون دؤر، درسگاهون، ساڌو واسواڻيءَ جو ميران هاءِ اسڪول ۾ ستسنگ، ٻائي پرتاپ جو مٺڙي ٻڙن، حيدرآباد اسٽيشن وٽ رنگارنگي- دلڪش ٽانگا ۽ انهن جي گهنٽيءَ جو مڌر سريلو آواز- سڀ کان وڏڪ ڪوڙيءَ جو پلو ۽ ٻادگيرن مان هوا جا گهوگهاٽ- جن سرتن سان گذاريل يادگار گهڙيون، "جيئي سنڌ" جي ڳائڪ ۽ انسانيت جي علمبردار حيدربخش جتوئي جهڙن فرشته سيرت شخصيتن جي صحبت- دوستن جي مائرن وٽان سڳي ماءُ جهڙو ملندڙ پيار، ممتا اهي سڀ ذهن ۾ تري رهيا هئا. سمرتين جي ساگر ۾ جڻ غوطا کائي رهيو هوس. اها حيدرآباد، جتان ١٩ جنوري ١٩٤٨- الوداع ڪري پنهنجي ڪٽنب کي ريل گاڏيءَ ۾ ڳوٺين وانگر سٽي روانو ٿيو هوس ۽ انهن ئي سمجهيو هوم ته وري ڪڏهن به ديدار نصيب نه ٿيندو......

بي يارو مددگار- پوشيه انهن نظر آيو جڻ اُپ ۾ ڪارونڀار!- اڄ اها حيدرآباد اکين پسي رهيو هوس،

ٻار ته ٿڪاوٽ وچان اُٻاسڻ لڳا. ڄڻ ته ماءُ جي هنج ۾ ٿي سُتو رکيو؟ پر اڃا سپت ٿي رکي اولڻ ٿي ويٺي. محبوب ۽ مان روح رهاڻ ڪندا سفر طئه ڪري رهيا هئاسون. محبوب ٻڌائيو ڪري رهيو هو، ان ڪري جي-جي ڪندو رهيو، ماهتاب نه وچ-وچ ۾ ٽهڪ پئي ڏنا، جيئن جهونو نه اچي وڃيس. واٽ تي ”ناڪي“ وٽ ٽڪس ڏيڻو پيو. پنجين لڳ ڏهين جو ٽائيم.

ڪار جام شوري وٽ پهتي، جنهن سنڌي جي پيٽ ۾ ساهه پيو. مون محسوس ڪيو ته منهنجي لاءِ رات جي سفر جو ڪهڙو نه جوکم ڪنهو ويو هو. خير رهجي آئي!

(٥)

ٽيهه ڪوهه ٽپي حيدرآباد جي ڪنڌ ۾ اسان جي ڪار داخل ٿي رهي هئي. ماهتاب ڪي ڄاڻ هئي ته حيدرآباد سان منهنجو ڪهڙو نه جذباتي رشتو هو. جيئن دادا اوهانجي دل جي ڪهڙي نه ڪيفيت هوندي! منهنجو من ڪافي پريل هو. ان حيدرآباد ۾ مون آزاديءَ جي هلچل ۾ سرگرم ڀاڱو ورتو. ٽرنڪ ڀاڙا ڪٽي. ڪشور اوستا ۽ جوانيءَ جي دلڪش گهڙين جو لطف ماڻيو هو. ”لاج“ سان لاڳاپيل ڏينهن هيون. شانتي آشرم جي ”سڌو مشنري ڪاليج“ ۾ آشرم واسي ٽٻجي

ٻڌايو ۽ اڄ اهي ساڳيا سنڌورڪي دنيا جي انيڪ ملڪن ۾ ناڻا ڪمائي "جس لوڪ اسپتال ۽ شاندار ڪاليج" اسٿاپت ڪري ڀارت ۾ ۽ پنهنجو ناماچار وڌائي رهيا آهن.

* * *

پر سڀ کان وڌيڪ ياد آيون حيدرآباد جون راتيون! ورهاڱي حيدرآباد جي اها بهار به کسي ورتي. سيپٽمبر جي مهني ۾ رات جي ١٠ بجي به مون گهٽ ٻوساٽ پئي محسوس ڪئي. اڄ نه آهن اهي ياد گير نه آهي ڪٿ! ڪمرن ۾ ايئرڪنڊيشنر يا ايئر ڪولر لڳل آهن. اڳ جنت جون راتيون هونديون هيون. ڇا هوا، ڇا هوا جي روح کي راحت ڏيندڙ تازگي، وري ان ۾ مٽي تٽ جي ملاوت جهڙي مهڪجي لاڏلي "زمر" جهنڪي واڪهو هيٺ سان "هور" جو احساس ڏئي رهيو هو.

ڀارت جي ساهت ۾ "صبح بنارس شام اوڌ" جو نالو مشهور آهي پر گدوءَ جو صبح ۽ حيدرآباد جي شام ڏسي ته بنارس ۽ اوڌ وسري وڃن. پر هاڻي نه اها حيدرآباد رهي آهي، نه ها بنارس (وارانسي) ۽ نه اها لکنو (اوڌ) جي نزاڪت!

(٦)

ماضيءَ جا ورق ورائيندي اڄون حال ڏي-

جڏ سچو ڏسي رهيو هوس - پر ساڳيا هئي. مان سچ پچ
٣٤ سالن بعد هڪ ”نئين حيدرآباد“ ۾ هوس. جنهن
حيدرآباد لاءِ (سرڳواسي) آچاريه آسودي مل گدواڻي
(قومي درسگاهه گجرات وديا پيٺ جي پرنسپال) لکيو
هو ته -

"I love Hydərabad as I love only one other place and that is Oxford". There is a wonderful repose about both"

*   *   *

اها حيدرآباد جنهن راجرشي ديارام گدومل شهاڻي
(سنڌ جو راجارام موهن راءِ)، مرزا قليچ بيگ، سادو
واسواڻي، رئيس غلام محمد ڀرڳڙي، سائين مهرچند ڀيرومل
ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، آچاريه ڪرپالاڻي، ديوان بهادر
هيرانند کيمسنگهه، سادو نولراءِ، سادو هيرانند، شيخ
عبدالرحيم، شيخ عبدالمجيد وغيره جهڙا نر رتن پيدا
ڪيا ۽ دادي پاروتي گدواڻي، ديوي هاسومل، موهني
لالچند جهڙيون ديش سيوڪائون پيدا ڪيون.

*   *   *

اها حيدرآباد جنهن اهڙا ”وڻجارا“ پيدا ڪيا جن
سنڌورڪي بڻجي ديش وديش ۾ سنڌ جو ڌاڪو ڄمايو.
جن ناڻي جا ڍير آڻي حيدرآباد ۾ رنگ محل ۽ شيش
محل کي مات ڪندڙ محل بڻايا. حيدرآباد کي پيرس

ٽوڪر اوسيڙي ۾ وڌندو هو. بک مري چڪي هئي. پر آهستي رزق کير موٽائي؟ الله بنده طعام ٽسي بک نه هوندي ته واٽ ۾ ٻائي ٻارجي ايندو. ان بعد يڪدم سمهڻ جي تياري ڪئي ويئي. ٿڪاوٽ جي باوجود به نئي گهوٽ ڪنوار خاطر تواضع ۾ لڳا رهيا. رات جو کير پيئڻ جي عادت ڇٽي وئي آهي. ماهتاب کير جو گلاس کڻي آئي. پر حيدرآباد جي واٽو مڻبل ۾ "سنڌ جي ٺٺاري مينهن جو کير" ڪير ڇڏي؟

ان رات ٣٤ سالن بعد "سنڌ" ۾ منهنجي وطن ۾ پهرين رات گذري. ائيرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ گرمي گم ٿي وئي.

. . .   .

صبح جو اک کلي ته زمر ۽ مرشد کار ۾ اسڪولي يونيفارم ۾ تيار ويٺا آهن. محبوب کار اسٽارٽ ڪري کين اسڪول ڇڏڻ ٿي ويو. "صبح بخير" سان ڪيڪارائون.

اڄ جو ڪالهه بعد هو. اڄا زندگي ۾ هئي. ماهتاب به اچي ڪيڪاريو، نيرڻ جي به عادت ڪانه اٿم. پر ماهتاب ته پنهنجي "دادا" کي طرحين طرحين جا سوادي، سٺا رڇي طعام کارائڻ لاءِ آماده هئي! تنهن کي ڪيئن نراس ڪريان؟

ماهتاب نهايت نازڪ ۽ پيل آهي. ڪک پيڙي به

"چام شورو" حيدرآباد جو تفريح گاهه بڻجي پيو آهي. ننڍي آدم جون رانون، ڪونڙيءَ جو پلو، ڪڙاهيءَ جو ٽيوڻ ڪائڻ لاءِ شوقين ڪلاڪن جا ڪلاڪ "ڪيو" ۾ ٻهندا آهن. ڪارن جا ڪٽڪ ايندا آهن. آسپاس جو رمڻيڪ آستان - شاندار پل جتان ڪراچيءَ جو سفر شروع ٿئي ٿو. پرسان سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌالاجي جون عمارتون. آفيسرن ۽ ملازمن جا ڪوارٽر وڏي وستار ۾ ڦهليل آهن.

لطف اديب

گدو روڊ کان وٺي الهندي ڪچي ٽائين لطيف آباد جي ماڊرن بستي ۾ مهڙجي ميربانن جو ننڍڙو آشيانو "ارم نما" آهي. ننڍي بنگلي وانگر، وڏو شاهي گيٽ، اندر گهڙڻ سان ڪاٻي هٿ لي لان، ساڄي هٿ لسي ٻاٿ روم ۽ هڪ ڏاڪڻ جيڪا مٿي جهروڪال ڪمري ڏانهن وڃي ٿي، جن ۾ مهمان رهندا آهن.

پر آءٌ مهمان ٿو رهيو هوس؟ ماهتاب ۽ محبوب جو دادا. هيٺ وڏو دالان، ننڍڙي انگڻ سان لڳو لڳ. ٻ ڪمرا، ساڄي طرف شاندار هال جنهن ڪان ڊرائنگ روم ۽ ڊائننگ روم جو ڪم وٺندا آهن. ان جي ڪمل لسي وڏو رنڌڻو. مڪان ۾ سب ماڊرن زماني جون سهوليتون ميسر ڪيل. مونکي پنهنجي "آرام گاهه" (ڪمري) ۾ ٽانڊيڪو ڪري "ڊاڪر" جي لهاريءَ ۾ لڳا.

محبوب هڪ ڪپ ڪانسواءِ وڌيڪ چانهه نه ڪٺندو آهي ۽ ارم مون لاءِ سڄو سيٽ ڏاهي اٿندي هئي. ڪڏهن جاڳو اهڙي چانهه وري نه پيتي آهي. محبوب ٻڌائو ته ارم جي چانهه لاءِ هر ڪو انهن ٿي ساراهيندو آهي سندس هٿن ۾ جس ۽ سواد ڀريل آهي.

... .

ننڍي ڀاءُ ۽ ڀيڻ کي به ارم جي سونهن ۽ پيار ڀري شفقت ملندي رهي ٿي. مرشد سهڙو-ٽڪهو ١١ ورهين جو ۽ لاڏلي زمر ٧-٨ ورهين جي.

اسانجي سماج ٻارن ڏانهن لاپرواهه رهي آهي. دادا شيوڪ ڀرجراج جي ٻالڪن جي ٻاري ۽ چاچا نهروءَ جي ڪوشش ڪانپوءِ دنيا ٻارن ڏانهن سنجيدگيءَ سان ڏسڻ شروع ڪيو آهي. "ٻال وڪاس" جون راهون هموار ڪيون ويئون آهن.

ماهتاب - محبوب ٻارن کي چڱي نه ڇڏيو آهي نه اجايو ٻڌن ۾ رکيو آهي. ٻنهي جي چاهنا ۾ ٻنهي جي سوڀ هلت چلت سان ٻارن ۾ اهي سنسڪار ڀريا آهن جو ڏسي دل ٺڊ ٺڪ ٿي ٿي. ارم جو خاڪو مون اڳيئي پيش ڪيو آهي. مرشد آهي سهڙو-سهڪ (ٿورو سانڍ پڇ ڪندو اٿس ڪن ٻل لاءِ) چالاڪ نه "زمر" ننڍڙي آهي. جهڙي ٻستي هير! سهاوڪ آهي نه ان ڏانهن من هر ڪندو. پاڻ به الٽروئي پيار ڪري ٿي.

اُتي نه ڪري! محبوب پنهنجي محبوبيت جي چانو ۾ ڪيس سڀ سک، آرام، آسائش ميسر ڪري ڏنا آهن. صرف جو چاهيندي ماهتاب کي گاڏي جي طلب ٿيندي آهي، جنهن آسان اميري وارن کي چانهه جي طلب! سندس نوڪرياڻي (موڪل لسي وال هئي). اُن جي غير حاضري ۾ سياڻهڙي ارم پنهنجي امي لاءِ نيرن تيار ڪري وٺندي. ڪٽوري ۾ پاڻي پيئندي. ڪير اهو نه ڄاڻندو ته ڪٽورو. ارم ١٥ ورهين جي سهڻي اهڙي ڇوڪري "پون ڪماري"! ڪڏهن نه ڪنهن صحن ۾ ڏٺي. نه ڏسندا. ڪلمڪ، ڏسڻ سان ٿي طبيعت ۾ موج اچي ويندي. نه هرڪو، نه شوق، نه گهمنڊ، نه غرور. ادب، اخلاق، شائستگي ۽ فضيلت جي مجسم نيڪري آهي. ارم جي سهرا! ماءُ لئي ته جان ڇڏيندي آهي. ليڪن ماهتاب پنهنجي دادا لاءِ سڀ پنهنجي هٿن سان ٺاهيو. پلاءُ، ڦلڪا، پاڄيون، خاص ڪري نورتن جي ڀاڄي، ساڳي ڀاڄي، مرغي، گوشت، بعض جا ٻه چار ڪورس، ٽوسٽ، مکڻ، ملائي، ڏڌ، سيون، پاپڙ ۽ آچار.

هاڻي مان پنهنجي ننڍي گهڙي ۾ ڇا وجهي ڇا وجهان؟ ٿورو ٿورو سڀ مان چکڪو وٺان.

... ...

منهنجي چانهه جي جوابداري "ارم" کنئي.

محبوب کي ڏسندا ته پرڪشش شخصيت وارو، مٺارو مڙس آهي. مٺي جا وارڪٽل اٿس پرڪشش اکين ۾ عجيب معصوميت ۽ صدق وارو پيار ڀريل نظر ايندو. ڏاڍي ٻهڪجائپ وارو آهي.

پاڪستان نيشنل فرٽلائيزرس ڪارپوريشن جو وڏو آفيسر آهي پر عملداري ڇڪي کان بي نياز، شاهاڻي شخصيت وارو آهي. پينٽ - بشرٽ ۾ وڌيڪ چست لڳندو پر پهريندو شلوار - قميص. دوستن، سائين، زيردستن ۾ بيحد هردلعزيز. ماهتاب کي جڏهن "ڊرائي لائري" ۾ مليو آهي.

دل جو جهڙو شفاف اهڙو ئي نرم ۽ حساس. نهايت روشن خيال، همت جو چوٽ ۽ اهڙو ئي حليم ۽ ايماندار ۽ نيڪ انسان. ماهتاب سان ادبي ناتو جڙيو، پر محبوب سان ته "رت" جو رشتو ٻڌجي پيو. جڏهن ڪو جنمن جو رشتو هو. ماهتاب ٻڌايو ته ٢٤ ڪلاڪن ۾ زمـــر ۽ محبوب جو اوهان ۾ ساهه پئجي ويو آهي الائي اوهان مٿن ڪهڙو جادو ڪيو آهي.

سڀان - نيرن ڪري، محبوب جي دفتر پهتاسين. اهو دفتر لپيداري ڪاليج جي پرسان آهي پرسان ئي چرمن جي اسپتال (گدو بندر) آهي.

جون ڻا ته ڪنهن زماني ۾ گدو بندر وڏو بندرگاهه هوندو هو. انگريزن اتي هڪ عاليشان پارڪ ٺهرايو

اُرم چانهه جو سفيد ڪَٽي مٿي لُڙي رکندي زهرا چوندي،
”دادا، آءٌ ناهيان؟“ اهڙي مٺڙي سُر ۾ جو ور ور
ڪري پيو پڇي ته ”دادا، آءٌ چانهه ناهيان؟“

.. ..

ماهتاب لڳندي آهي ته زهرا جو دادا ۾ ساڻ آهي
نالو پڻ ڏيندي مٺهن مٺڙي پوٽس ڏو ولايو تي نڪتل فلم
ڏيکاري ڪيس خوش ڪندا آهن. هن معصوم جو ٻچڙ
مون ساڻ جنهن جو رشتو آهي. جيڪو انهن ٻارن کي
ڏسي، سڀني ساڻ لڳاتار ڪانسواءِ نه رهي. ننڍڙا ننڍڙا
ٻارڙين پولين وارا ونهي خط لکندي راند روند ۾
مرشد ۽ زهرا جو رسڻ ۽ پرچڻ وري هڪ پل هڪ ٻئي
ڏاران نه سري - ڏسڻ وٽان هوندو هو. پر ٻاهرئين مائٽن
مهمان، مٽ مائٽ، دوست احباب سڀني جي سامهون
سندن فضيلت، سعادتمندي جي هرڪو هاڪ ڪري.
محبوب جهڙو شفيق پتا ۽ سڪارن واري ساٿتڪار
مائا ۽ ته انهن ٻارن لاءِ وڏو وردان (نعمت) آهي!
هيڙا ٻار شل سڀني جي گهرن ۾ هجن ته، گهر گلشن
بڻجي پوي. ٻار ڪونهن گلاب جهڙن مکڙين آهن.
سونهن، سرهاڻ ۽ ڪوملتا جو سنگم!

....

ٻارن کي ڇڏي محبوب اچي وارد ٿيو جي، دادا
سڀري وٽو، اهڙي جو جهڄهڪ لاهي اچون.

جي وارداتن جون خبرون! سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي - فارسي لفظن جي ڀرمار ته اُردو ڪجهه سانس نظر آئي، شايد سنڌين ۽ پنجابين کي خوش ڪرڻ لاءِ اُردوءَ وارن ۾ ڪجهه ڦيرو آيو نه ٿو ڏسجي.

اخبارن ۾ نه صفحا نه معيار پر قيمت هڪ رپيو، ڏيڍ رپيو. پني جي اڻاٺ آهي. ڀارت جي فلمن وانگر ڀارتي فلمي رسالا ۽ مخزنون به لوڪپريا آهن. شمع، بيسوين صدي، اسٽار ڊسٽ ٣٠-٤٠ رپين ۾ وڪامندڙ آهن.

سنڌي رسالن جي به پني جي اڻاٺ ۽ مهانگائي جي ڪري ڳري قيمت رکي اٿن. اديون، پرسات، ناري ۽ هاڻي لساج بلوچ جو لطيفه في پرچو ٥ رپيا. سنڌي پاٺڪن ۾ جيڪو ادبي شعور آهي ان لحاظ کان قيمت واجبي رکڻ گهرجي.

....

دفتر ۾ سافٽ ڊرنڪ گهرايو ويو ذائقيدار ۽ روح افزا. ”پاڪولا“ ”ڪوڪو ڪولا“ ڪافي لوڪپريا آهن. قيمت به اڍائي روپيا. ڀارت ۾ هڪڙو به ”ڊرنڪ“ ڪونهي جو پاڪستان جي ”اينرجيٽڪ واٽر“ سان برميچي! ”سوڊا“ نظر ڪانه آئي. شايد دارونديءَ جي ڪارڻ ”سوڊا“ جو رواج بند ٿي ويو آهي. اها ڪسر ”ليمن“ سان پوري ڪندا آهن. اسانجو ”ٿرل“ هجي ”ٿمس اپ“ يا ”ليمڪا“ جهڙو ڪٿر جو پاڻي!

جو ماڻهن لاءِ اهو وندر گاهه بڻجي پيو. گرديو رابيندر ناٿ ٽئگور کي خبر پئي ته ان پارڪ وٽان سج اُڀرڻ جو نظارو ڏاڍو دلڪش هوندو آهي، پاڻ حيدرآباد آيو ۽ ان نظاري ڏسڻ لاءِ پوئين رات جو وڃي پارڪ ۾ ويٺو. سج اُڀرڻ جو درشيه ڏسي دانهن نڪري ويس، چي:

”ساري دنيا ڏٺي اٿم، پر سج جي اُڀرڻ جو هھڙو نظارو ٻيو ڪٿي به نظر ڪونه آيو اٿم.“

وڌيڪ چيائين:

”جت هھڙا نظارا هوندا، اُت شاعر ۽ قدرت جا ترجمان ڇو نه پيدا ٿيندا!“ پر گدوءَ کي ملي چرين جي اسپتال. اها به شايد قدرت جي ڪارسازي ھُئي!!

....

محبوب جو دفتر نهايت ڪشادي، صاف سٿري هوادار، روشن عمارت ۾، ائيرڪنڊيشنڊ آهي. اسانوقت ڪمشنر يا ڪليڪٽر جو به اهڙو دفتر ڪونهي. سندس اسٽاف ۾ هڪ سنڌي اشرف کانسواءِ باقي سڀ پنجابي ۽ مهاجر هئا. پر محبوب ته هنن لاءِ ”راڄهن“ هو. سنڌي - غير سنڌي جو ڀيد محبوب وٽ نظر ڪونه آيو سڀني خنده پيشانيءَ سان ڪيڪاريو.

اُتي عبرت، هلال پاڪستان سنڌي، ڊان انگريزي، جنگ، اُردو اخبارن تي نظر پئي. ڪي خاص خبرون ڪونه هيون. رسمي سماچار کانسواءِ قتل، ڌاڙا، ڦرلٽ

آهي. ٽيڙو ڪيس "وڙڙون" ڪهاڻي سنگرهه لاءِ ٣٠ هزار انعام مليو آهي ۽ اُن ۾ سمائي ڇڏيائون. وري خوش خير و عافيت بعد ولنداسين ته همراه جا ٻئي هٿ ڳون ۾. ٻئي طرف ملاقاتين جو سلسلو جاري. هڪ مائٽ ويٺو ته ٻيو مائٽ پنهنجي ٻار جي داخلا لاءِ پڇي آيو. اهڙي مصروفيت جي باوجود محبوب ڪيس اشارو ڪيو انٽري جي ڳالهه ڪئي. امالڪ پوليس ڪپتان محترم سيد امام علي شاهه کي فون ڪيائون. شاهه صاحب فون تي ئي کيس چيو ته مان روبرو اچي ٿو، هو آهيان سڀ ڪم ٿي ويندو. پوليس ڪپتان صاحب وٽا وڃ ڪيا ٻارڻ کهي آيو. ڏاڍي سڪ ۽ محبت سان گڏجي مليو. چيائين انٽري ڪوئي مسئلو ڪونهي. ڪراچيءَ پنهنجو ماڻهو موڪلي بندوبست ڪرائي ڏنا ويٺون. تنهن اوهان سان رو هاڻ ڪنداسون.

ڇاڪاڻ ته پيتڙو ڪوٽ جو آر ٻي ڏٺي حمد صاحب پنهنجي خاص ڪٽين ۾ اسانکي وهاريو. شاهه صاحب پوليس آفيسر هوندي به هڪ علمي ۽ ادبي شخصيت وارو معلوم ٿيو. نهايت سلجهيل خيالات وارو ۽ دلچسپيءَ سان ادب ۽ تعليم جي وشين تي خيالن جي ڏي وٺ ڪيائين.

اسان انٽري جو مسئلو اهڙو جلد آسانيءَ سان حل ٿيندو ڏسي سامت جو ساهه کنيو. شاهه صاحب منهنجا

پبلڪ هاءِ اسڪول

نيو حيدرآباد طرف "لطيف آباد" ماڊرن بستي آهي. جنهن ۾ نيون حصو سنڌين جا مڪان آهن. وڏن شهرن ۾ اڪثر پاڙاسري هڪ ٻئي کي نه سڃاڻندا آهن اهڙو ئي حال هت به نظر آيو. پر محبوب جا ٻه ويجها دوست ۽ همدم پنهنجا مڪان جوڙائي ويٺا آهن. انهن ۾ سندس ٻه اسسٽنٽ رفيق ۽ شاهه جي ٻنگالي) ڪسانسواءِ "روح رهاڻ" جو ايڊيٽر ۽ تعليمدان جناب عبدالحميد ميمڻ عرف حميد سنڌي به رهندو آهي.

سنڌ يونيورسٽي ڇڏڻ بعد حميد صاحب لطيف آباد جي شاندار تعليمي سنسٿا "پبلڪ هاءِ اسڪول" جو پرنسيپال پڻ ٽن ڇهن سالن کان سنڀالي ۽ سينگاري رهيو آهي. هن اسڪول کي ڏسي ڪراچيءَ وارو شاردا مندر ياد اچي ويو. جنهن ۾ گانڌيجي به رهيو هو. وڏي پکيڙ ۾ اسڪول جي عمارت، راندين جو ميدان، هاسٽل ۽ ساڍا ٽي هزار شاگرد.

حميد صاحب جي شاهاڻي شخصيت، پائيپ ۾ سگريٽ، بشرٽ ۽ پتلون ۾ ملبوس، قداور، پري کان ئي بلند آواز ۾ نهايت حب سان ڪيڪار ڪندو. سائين! منهنجا مرشد ڀلي آيا! ڪيئن اچي ٿي منهنجي آمد جو اطلاع مليو هو. ادبي دنيا ۾ ڪنهن وقت بيحد سرگرم هو. سنڌ جي ٻهراڙين ڪهاڻي ڪارن ۾ سندس شمار

ونان ڳالهه هئي. حميد صاحب سان موڪلائي ڪري سنڌ ميوزيم پهتاسون.

(٨)

سنڌ ميوزيم ۽ حيدرآباد

ساڄي ۾ ڊائريڪٽر محترم ظفر ڪاظمي پنهنجو هنر اصل ڳالهه جو شعلو هو. ليڪن ايتري حد، بي حجابه ڏاڍي قرب سان نه مليو پر اندر ۾ ڪي طوفان مچائي ويٺا هئاسين. وڏا اوسان ڪٽي هن ميوزيم جي چارج سنڀالي هئي. مون جي ڏٺي جو ورتو هن سنڪار ۽ سڪاوت ڪرڻ ٿي چاهيو. پر پنهنجي تند مزاجي ڪري ها بالا عملدارن جي ننگدليءَ ڪوتاهه نظري ۽ سنڌي ڪلچر ڏانهن بي رخي واري وهنوار سبب ناخوش هو. پر سندس الماڙيءَ اندر ۾ مهارت جيان موجزن نظر آيو. عيدگاهه جي ڀرسان سنڌو هاڻي ٿي هڪ وڏي اراضيءَ ۾ اڏيل "سنڌ پراونشل ميوزيم ۽ ساهوون سنڌ لئبريري" اسانجي تمدن، تهذيب جا زنده يادگار ۽ خزانا آهن. حيدرآباد جهڙي اهاسڪ اهم ٿي اهي سنڌالون عالمن الهاسڪارن، اديبن ۽ محققن ڪان سواءِ ڪلچر سان وغيرهه ڪندڙن لاءِ ڪشش جا مرڪز بڻجي پيا آهن. مون جهڙا سيلاني جڳياسو پڻ ڏهڪو ڪجهه حاصل ڪري سگهن ٿا. محدود وسيلن اسڪار ۽ ناموافق حالتن جي باوجود ظفر صاحب سنڌ

ڪاغذ (پاسپورٽ وغيره) وٺي پنهنجو خاص قاصد ڪراچي اماڻيو ۽ اهو انٽري ڪرائي آيو ۽ هاڻي ته ٿي فڪر ٿي مونکي ماروئڙن سان ملڻ، ڪچهريون ڪرڻ، سندن مانيون کائڻ، قرب ونڊڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙو ڪم هو؟ سنڌين جي شاندار روايت جو هيڪان بهترين مثال ٻيو ڪهڙو ٿي ٿي سگهيو؟ شاهه صاحب نهايت خلوص سان مليو ۽ موڪلايو.

... ...

انٽري ۾ پروانو پتيءَ عمر شهباز، جمال ونڊ، ٿي جو سيشن جج (نالو وسري ويو اٿم - پر ادب نواز)، ظفر حسين، محمد حسين سومرو ۽ محترم محمد ابراهيم جويو (سنڌي ادبي سنگت جو سرڪردو) به اچي سهڙيا. چڱي خاصي ادبي محفل ٿي وئي ڏاڍي سڪ سان مليا. ڪي مهاندا سچائل هئا. سومرو هڪ ڪلاسي هو. سندس چاچو مرحوم غلام حسين سومرو ٽنڊي باگي هاءِ اسڪول جو پرنسپال هو. اڄ مونکي شري نيڻومل گدواڻي جهڙا قابل استاد مليا.

محبوب ته پنهنجي دفتر ڏانهن هليو ويو. حميد صاحب ته پنهنجي شاگردن جي داخلائن ۾ اهڙي الڳاءِ پئي ڪيا جو ڏسڻ جهڙو منظر هو. جويو صاحب منهنجي وقت جو صحيح استعمال ڪرڻ پئي چاهيو. جيائون آئو ته هاڻي سنڌ ميوزيم ڏسي اچون منهنجي دل

قائم ڪيون ويئون آهن. جن ۾ ”فريڊم گئلري“ ٻي آهي جنهن ۾ ١٨٤٣ کان ١٩٤٧ تائين آزاديءَ جي لڙائيءَ جي مهندارن ۽ ويرن جي جهلڪي آهي اهو پروجيڪشن فوٽوگرافن ۽ مختصر نوٽس ذريعي تيار ڪيو ويو آهي.

اُن گئلريءَ ۾ ڊائريڪٽر ظفر صاحب پنهنجي شڪتيءَ کان وڌيڪ دلچسپي وٺي ٿو. کيس گهربل وسيلا ميسر ٿين ته اهو ميوزيم انٽرنيشنل شهرت کي حاصل ڪري سگهندو ۽ نئين پيڙهيءَ لاءِ به لاڀدائڪ ٿي سگهي ٿو.

اُن گئلريءَ ۾ سنڌ جي مٿان راڄ ڪندڙ مختلف راڄ گهراڻن جي ويس وڳن، هٿيارن ٻوهارن، روايتن رسمن، هنرن جي عاليشان نمائش ڪيل آهي. ”سنڌو سنسڪرتي“ تي بجا طور ناز ڪري سگهجي ٿو.

ٻين گئلري آهي ”ونش گيان“ جي- انساني زندگي ۽ رهڻي ڪرڻيءَ جا مختلف پهلو سنڌ جي روايتي هنرن ۽ دستڪاريءَ جو وڏو اتهاس آهي. ڪپڙي ۽ هٿ جي هنرن جو وڪاس اوج تي هو ۽ پرڏيهي ملڪن ۾ انهن جي روانگي ٿيندي هئي. اڄ به مينا- ڪاريءَ کي ڇڏي ٻيا هنر سنڌ جي اُن قديمي روايت کي زنده رکيو ويٺا آهن. حيدرآباد جي شاهي بازار ۾ انهن جي دلڪش جهلڪي ملندي. (سنڌ جا هنر

ميوزيم کي هڪ شاندار ادارو بڻايو آهي. داخلا ٥٠ پئسا وڏن لاءِ ٢٠ پئسا ٻارن لاءِ.

سنڌ جا قديمي آثار (موهن جي دڙي سميت) ۽ سيلاب جا يادگار آهن. ندي جي سيلاب ۾ غرق ٿيل مقبرا - سنڌ ۾ هر هنڌ نظر ايندا. "موهن جي دڙي" جي کوٽائي بعد معلوم ٿيو ته اسانجي تهذيب ايتري قديم (پراچين) آهي جيترو بئبيلان، مصر (نيل ماٿري) جي. سنڌو جي ڪناري آريه رشين ويدن جا منتر اچاريا ته سڪندر جهڙن جوڌن کي سنڌين منهن ٽوڙ جواب ڏنو. سنڌو جي ماٿريءَ ۾ گوتم ٻڌ جي پيغام جو - انسانيت - جو پڙاڏو پڌرو ۾ آيو ته سنڌ اسلام جو دروازو به بڻيو.

... ...

سنڌ جو اتهاس، انساني قدرن جو هڪ شاندار داستان آهي جنهن ۾ سچ ۽ گيان جي تلاش آهي.

ظفر ڪاظمي ٻڌايو:

١٩٧١ ۾ سنڌ جي اتهاسڪ مرڪز حيدرآباد ۾ "سنڌ پراونشل ميوزيم" ٺاهيو ويو. اُنجو مکيه مقصد آهي ته اهڙو پروگرام رٿجي جنهن موجب سنڌ جي تاريخ کي برقرار رکڻ لاءِ مڪمل معلومات جي امداد مهيا ڪري ته جيئن ساڳي انجي "علمي تصوير" پيش ڪري سگهجي. ان اداري جي پوري ڪاڻ ٣ گئلريون

جهڪي آهي. اهو اڳيون جلوو نه رهيو آهي. سڃاڻپ
کان پري آهي. ٽلڪ چاڙهي ۽ پوڙهو ڪناڻي وارن جي
بلبل نگهه پوڻ پساهه تي نظر آهن. البت وڻندڙ آبادي
۽ ٽرئفڪ ڪري نوان رستا ڪڍي ون-وي ٽرئفڪ
کي آسان بڻايو ڪيو ويو آهي. حيدرآباد ۾ فوٽوگرافر
دوست نور محمد سان سندس دڪان تي مڪاميلو ٿيو.
سرور ۽ دلبر دوست نور محمد سان ڀارت ۾ نه جهڙي
ملاقات ٿي هئي، پر هو دل تي ٽنش چڙهي ويو هو.
ڪدم "انڊري" لاءِ پاسپورٽ فوٽا ڪڍي ڏنائين.
محبوب جو فون آيو نه پر مائيءَ جو انتظار ڪري رهيا
آهن. پر ڀڪ کان وٺي ڪل پر ڀڙهيو "دادا" جو اوسيڙو
ڪيئي رهيا هئا.

مائيءَ کان پوءِ آرام جو خيال هو. پر ماهتاب ۽ ٻار
ڪيئن ٿا سمهڻ ڏين؟ "دادا" سان ڳالهيون ڪڍهن
ڪيون؟

... ...

ماهتاب جا وڏا پيري ميري وارا هئا. پر روشن ۽
آزاد خيال هوندا هئا. بدقسمتيءَ کان سندس پيڪن ۾
ڪوبه ڪونه بچيو آهي. وڏا ڀاڄائي ۽ ننڍڙا ڀاءُ ۽
ڀس. گذريل ٢-٣ سالن ۾ وڏا صدما برداشت ڪري ٿا پيا
انس. سندس خاندان جو آخرين چراغ - ننڍو ڀاءُ به
ڪڻهن دشمنيءَ جو شڪار ٿي ويو، جنهن سنڌ جو سدا

پاڪستان لاءِ باعث فخر آهن)

ميوزيم جي محدود دائري ۾ سڀ ڪجهه سمائڻ ناممڪن هوندي به انتظاميه نشونما پيش ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر ڪانه ڇڏي ويئي آهي.

”ونش وگيان گئلري جي جهلڪ“

١- رنگريزي جو ڪم.

٢- اُٽ جو ڪم (ڪپڙي جي اُڻائي)

٣- پتل ۽ ڌاتو تي وارنش.

٤- مٽيءَ جا برتن ۽ ڪاشي - جنڊيءَ جو هنر.

٥- ايمبرائڊري (ڀرت يا قصيده ڪاري)

٦- چمڙي جو ڪم.

٧- سنگيت جا ساز.

٨- زيور (ڳهه ڳٿا)

٩- گهريلو هنر.

ظفر صاحب آشاوادي آهي. لڳن وارو ۽ اورچ انسان آهي. نهايت ذهين، سلجهيل ۽ قربدار هو. مونکان وعدو ورتائين ته ميوزيم جي باري ۾ سفرنامي ۾ ذڪر ڪندس. چانهه پي ڪانئس موڪلائي آياسين.

* * * * *

ميوزيم مان سڌو رخ رکيوسين حيدرآباد ڏانهن. حيدرآباد جتي روز شام جو پاڻيءَ جي ڇٽڪار ٿيندي هئي. جنهن کي ”سونهن جي راڻي“ چوندا هئا. اڄ

چئجي؟ انگريز اڄڪلهه ڪافي ساوتان وهندا آهن. ماهتاب کي زيورن جي چوڊي ۾ وڃڻ جو ڏاڍو ملال آهي. هر عورت جي ڪمزوري ۽ پسندي زيور ئي ٿيندا آهن. ماهتاب پنهنجي شاديءَ جي وقت انگلنڊ ۾ يادگار فوٽا ڪڍرايا جن ۾ اهي زيور سڀ جي پهريان ڪاريگريءَ جو نمونو ڏسي منهنجي من کي به چوٽ لڳي ته ڪهڙا نه ”نايا زيور“ کوهي ويٺي آهي اسانجي ليکڪارائي! ليڪن محبوب جهڙو امام ماڻڪ آرام، مرشد ۽ زمر جهڙا هيرا - موتي به سندس زندگيءَ جو سينگار بڻيا آهن انهن انمولن (زيورن) سان هوءَ آراسته آهي.

(١٠)

انتري ۾ ماڙيءَ مان وڊس ڪرام ڪش جو فون آيو. هن صاحب کي اڳي ئي سوچنا ملي چڪي هئي. ماڙيءَ جي معزز سرڪاري ۽ غير سرڪاري هستين کي هن ”ڊنر“ تي گهرايو هو. سندس ”ماءِ ليسٽ“ ۾! ٣٤ سالن بعد به سندس آواز ۾ اهائي ٻلندي هئي جو اڳلي کي ئي بيوس ۽ متاثر ڪري ڇڏي. محبوب سندس بيحد ادب و احترام ڪندو آهي. سندس فرمان جاري ٿي ويو ”ڏهل کي وڏي رات جو ٨ بجي ڊنر تي پهچي وڃو“ انڪار جي گنجائش ئي ڪانه هئي.

شام جو ٧ بجي محبوب ۽ نور محمد سان گڏ ماڙيءَ

ٻيو افسانه نگار "نسيم احمد کرل" به ڪنهن وڏيري جي ڪهاڙي جو شڪار ٿي ويو. سنڌ جي افسانوي ادب جي هن ڀاري نقصان جي تلافي ٿيڻ محال آهي. ڪرل صاحب ڀارت ۾ به ڪهاڻين جي ڪري ڪافي لوڪ پريا هو. سندس "چوٿون دروازو" ڪهاڻين جو مجموعو سنڌي عوام ۽ سماج جي ڀهترين عڪاسي ڪندڙ آهي. جن مان ڪي ڪهاڻيون هندي - گجراتي ۾ به انواد ٿيون آهن.

ڪهاڻي ڪار ماهتاب لاءِ "ڪرل" آدرش ٿي رهيو آهي. اهي صدما ناقابل برداشت آهن. پر وقت سڀ زخم ڀري ٿو ڇڏي. ڪرل صاحب جي وڌوا ۽ ٻه ڀاڻيون آهن جي ڪاليج ۾ پڙهنديون آهن. ماهتاب سان سندن گهرو رستو آهي. ماهتاب لاءِ ٻيو ڀاري صدمو هو پير حسام الدين راشدي صاحب جو انتقال پر ملال! هو سندس سونهون ۽ پريرڻا جو سرچشمو ٿي رهيو آهي.

... ...

انهن صدمن کانپوءِ پنهنجي ساده لوحي ۽ حد کان وڌيڪ وشواس سبب سندن گهر چور صاف ڪري ويا هئا. سندي ذاتي سمپت لک ڏيڍ جو نقصان سهائي نئين سر وري پنهنجو گهر آباد ڪيو اٿن. اها ڪارستاني هڪ پوليس انسپيڪٽر جي هئي. اڄڪلهه "رکشڪ ڀڪشڪ" يعني رهبر ئي رهزن آهن ته ٻين کي ڇا

آماڻسي محبوب ”ارم نما“ ڏانهن ڪار هلائي.

ٻـار سمهيا پيا هئا. محبوب جو ٿڪاوٽ سبب برو حال هو. جون ته ڪجهه آرام به ڪيو هو. پر محبوب ته لڳاتار پنجن ڏينهن کان هڙ-وٽ ڪري رهيو هو. مٿان ڪار جي ڊرائيونگ! پيٽ ۾ شل! (ماهتاب ٻـڌايو ته سياري ۾ به پگهر نڪرندو اٿس) ليڪن سڄان گرم پاڻيءَ سان ڪندو آهي. اهڙي شديد ماندگيءَ ۾ به چهري تي اهائي امنگ ۽ اتساهه واري جهلڪ نمودار!

....

آرتوار ٥ سيپٽمبر ١٩٨٢

صبح جو اٺ ڪلاڪ ته ”نيلڙي زمر“ سيرانديءَ کان ووڻي آهي. ماڪ جي بوند جهڙي معصوم زمر جو مکڙو ڏسندو رهيس. چيو، ”مون خط لکيو آهي“ هاڻي اوهان مهنجي خط جو جواب ڏيــو! مهنجا ٿاڪ ٿي ٿـڪجي ويا.

نيب جي ٽشي ۾ ٻار جي خط ڏانهن ڌيان ڪونه ويو. وٺي پڙهيم. مهنجي خوشيءَ جي حد نه رهي. ١٠ تاريخ سندس جنم ڏهاڙو آن ۾ شامل ٿيڻ جو ٽولو هو. هت-منهن ڌوئي يڪدم کيس ڀاڪر ۾ ڀري پيار ڪيم ۽ ان وقت سندس ٻاراڻي ٻولي جو جواب لکي ڏنم. ٿوري پڙهي.

”صبح بخير دادا“ ماهتاب جو سرهاو آواز جهڻڪار ڪري اٿيو. مٿان ”ارم“ ۾ اڇي چانهه لاءِ سڏيو. ٻنهي

لاءِ روانو ٿيس.

موسم خوشگوار هئي. ڪجهه ڏينهن اڳي مينهن ورڪا ڪئي هئي. گرمي هئي ۽ برسات ڪانه هئي. حيدرآباد کان ماڙيءَ جو رستو به پڪو جڙيل آهي. ڪلاڪ سوا ۾ ماڙي! ڪراچيءَ کان حيدرآباد اچڻ وقت سنسان رستو ڏسي هيانءُ هڪي ويو هو؛ پر اڄ اهڙي اسٽي ڪانه هئي.

... ...

ٺيڪ ٨ بجي "ماءِ نيسٽ" ۾ پهتاسون. ماءِ نيسٽ جو اڳيون اوچ نه رهيو هو. پر ٻئين جي جهڙو رونق لائي بيٺي هئي. نهايت گرمجوشي سان گڏجاڻي ٿي. رئيس صاحب جي اکين ۾ خوشيءَ جا اوڙڪ ڳڙي آيا. سندس ٣٤ سالن جو وڇڙيل متر "سچن جي ديش جو واسي" پهچي آيو هو. ماڙيءَ جي عملدارن ۽ معزز هستين جو ميلو متل هو. ٻنهي جي ميز به سجايل هئي. رئيس سان اها "رونگ" واري گڏجاڻي هئي. مونکان سواءِ سڀ شلوار، قميص ۾ ملبوس هئا. مان انهن ۾ پوشاڪ جي ڪري نرالو پئي لڳس. پر پهچڻ کان به وڌيڪ پهچڻ جو هوس فوٽوگرافرن ۽ پهچڻ هر ڏيکاريو. ساڍي ٩ بجي موڪلائي ڪري وري ٻن ڏينهن کان پوءِ اچڻ جو وعدو ڪري حيدرآباد لاءِ روانا ٿياسون. حيدرآباد سج سان پهتاسون. نور محمد کي گهر ڏانهن

ڪمپنيءَ جي پاران حيدرآباد برانچ جو انچارج آهي.
ادب ۾ ڪافي سرگرم آهي. دنيا جي بهترين ڪهاڻين
جي انواد ڪري ”مجموعو“ شايع ڪرائڻ اڳائين جنهن
۾ سنڌس ادبي شعور جي پروڙ پوي ٿي. هندي ۽
سنڌي ڄاڻي ٿو. اصل ۾ ٿي (ٿرپارڪر ضلع) جو آهي جتي
هندو گهڻائيءَ ۾ آهن، راجستان جي ويجهو هئڻ سبب
هندي پاڙشالائون هلن ٿيون.

سنڌ جي ادبي حلقن ۾ هو ڪنهن به گروهه بنديءَ
۾ ڪونهي. انڪري هر دلعزيز ۽ مانيو آهي. *

....

ڀاءُ نورمحمد سڀ ڪجهه وساري مهڙجي ادبي
گڏجاڻين لاءِ آماده هو. آچاريه حميد (حميد سنڌي
جي پرنسيپال جي بدران مون آچاريه جو خطاب ڏنو)،
محترم جوهر ۽ ماهتاب وڏان ساڻي جهڙي طرح سڀ
هو رٿا عمل ۾ آڻڻ لڳو. سارو حيدرآباد جو سير
به ڪرائيندو رهيو. سڀ ڪجهه ساڳيو هوندي به بدليل
نظر آيو. وڌندڙ شهرن جي هر هنڌ ساڳي حالت آهي.
اسڪوٽرن (آٽو رڪشا) ۽ سائيڪلن ڪانسواءِ موٽرڪارن
جي به ڀرمار هئي.

ياد اٿم ته ٣٤ سال اڳ حيدرآباد ۾ مشڪل سان

---

* اڄڪلهه ”آرسي“ ادبي رسالو سنڌس سمپادڪيءَ
۾ شايع ٿيندو آهي.

کي ٻڌائم ته ٽپرس وٺي وٽن، محبوب به، اڄ به سهڻو،
آرتوار ڏينهن مرشد کي اسڪول پڙهائڻ جي لاءِ ٽوئي
اٿس، چي، ”دادا، اسان ته جمعو ڏينهن“ پاڻ به ڪ—ي
”عيد“ ڪاڻي ملهائيندا آهيون. زمر جي خوشيءَ
لاءِ اوهان جي آمد جي خوشيءَ ۾ ”جمعو ڏينهن“
ڌوم ڌام سان ملهائيندو.

”بهار“ جي ڪومل پاوناڻ جي فرشداسي ٿي
وري پيو خط لکڻ وٺي ان ۾ مونکي ”تحفو“ ڏکي
ڏنائين. پاڻ شعر به لکيل هو. ماهتاب ٻڌايو ته زمر
کي قدرتي ڏاس آهي. ننڍپڻ ننڍپڻ آکاڻيون سوچي
اچي ٻڌائيندي آهي

”هڪڙو هو راجا هڪڙي هئي راڻي وچارا ڏاڍا
غريب هئا... ماهتاب ڪل ۾ اوندي. چي، ”راجا راڻي“
ڪيئن غريب ٿيندا! ۽ ”زمر“ جو واڪو. اتل. ماهتاب
کي شايد وسري ويو آهي ته آزاديءَ کانپوءِ رياستن کي
الحاق ٿيڻ ۽ پاڪستان ۾ مدغم ڪيو ويو، تنهن
ڪيئن رياستن جي والين کي ”مزدوري“ ته ڪرڻي
پئي!!

....

نور محمد سان سندس دڪان تي ڪچهري ٿي!
نور محمد وڏو وڙ ڪري سنڌ جي ادبين ۽ هردلعزيز
ولهرام وٽ سان مڪاملو ڪرايو. ڪڏهن فلمي الهورناٿيو

(مغربي) شين سان سجاوٽ ڪيل آهي. ٻئي جو مرڪب آهي. ان کان ڊرائنگ روم جو ڪم به وٺندا آهن. ذوق سليم، فيشنتائي، لطافت، نزاڪت جو مرڪب گهر ۾ رنگين ٽي-وي سيٽ، ويجهو رکيل آهي. سنڌي نيوز ٻڌڻ ۽ سنڌي پروگرام ڏسڻ جو اشتياق هو. اڌ ڪلاڪ روزانو سنڌي پروگرام هلندو آهي. مٿو ٻڪيل سنڌي اناؤنسر ٻڌڻ ڪي ڏسڻ، سنڌي ۾ ڳالهه ٻولهه، چهچٽا ڏسي گهٽ ۾ گهٽ اٿرو ته اطمينان ٿيو ته سنڌ ۾ سنڌي لاءِ گهڻو ڪجهه ٿي رهيو آهي. اسان ته ڀارت ۾ گهٽائي مٿا موٽا هڻيا آهن پر دور درشن (ٽيليويزن) تي سنڌي پروگرام هڪ سپنو ٿي رهندو! سنڌ ۾ ٽي-ويءَ تي ٻولتي فلم ۽ ٻانگن وارو ڊبو چون روزانو سنڌي پروگرام ڏيکاريندا آهن پر ان ۾ دلچسپي ڪي ٿورا وٺندا آهن. البت ريڊيو تي به ناٽڪ ۽ سٺا سنگيت جا پروگرام پيش ڪندا آهن. ريڊيو تي سنڌي ڪلاڪارن ۾ عابده پروين، زيب النساء زرينه بلوچ محمد يوسف ۽ قمر سومرو وغيره ڪافي لوڪپريه آهن.

پاڪستان ۾ فلم انڊسٽريءَ جو آئينده اونداهو آهي. اُردو فلمن کان وڌيڪ پنجابي فلمن جو ٻول بالا آهي. سرڪار جي سرپرستي ۾ نه رڳو پنجابي فلمون، ليڪن پنجابي ساهت، ڀاشا ڏانهن به عالمن، اديبن جو ڌيان ڇڪيو آهي.

٨-١٠ موٽرون هيون. هينئر ته ڪاٽونئي ڪونهي. ناڻو اڪيچار ته مهانگائي به ڏاڍي لڳي.

سنڌالاجي، جام شورو، راڻي باغ، داس گارڊن، سينٽرل جيل وارو پنهنجو حصو، مهرن جي قبن جي هيٺاهين وارو حصو، گدو ڏانهن ويندڙ لنگهه ڪجهه کليل ۽ تازي هوا سان ڀريل هوا. باقي هر هنڌ گپا گيهه هئي. البت فوجي لحاظ کان "صدر" ڪئنٽونمينٽ ايريا ۾ صفائي وغيره هئي. حيدرآباد جو آدم مڻي لک مان اڄ ويهه لک ٿيو آهي. ڪراچي ۴ لکن مان ٦٠ لکن تي پهتي آهي.

عرب ملڪن مان ناڻو اچي ٿو، زمين به زرخيز آهي. واپار ۽ هنر به ترقي ڪري رهيو آهي. اڳي سڀ ڪجهه سئي کان راڪيٽ سميت "امپورٽ" ٿيندو هو هاڻي جپان ۽ ٻين ترقي يافته ملڪن سان ڀائيواريءَ ۾ ڪارخانا کلي ويا آهن. هنري وڪاس تيزيءَ سان ٿي رهيو آهي.

... ...

اڄ ڏينهن ماهتاب ۽ ٻارن سان ڪچهريون، راتين ۽ ٺهڪڙن ۾ گذريو. ماهتاب جي گهر ڏسڻ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته "اپر مڊل ڪلاس" جي رهڻيءَ ڪرڻيءَ جو درجو ۽ معيار ڪيترو آهي!

سنڌين "ڊرائنگ هال" ۾ نج سنڌي ۽ ماڊرن

جي پيٽ ۾ وڏيڪ بهتر لڳو، صداقت لڳي اٿم نه ڪ
مبالغه آميزي!

....

نيروڻ ڪوٽي محبوب جي آفيس ۾ پهتاسين. وٽس ڪريم بخش پنهنجي ڪار ۾ انتظار ڪري رهيو هو. اڄ حيدرآباد - ڪراچي - سکر جهڙا شهر "سنڌي" ڪونه ٿا لڳن. ليڪن وٽس ڪريم بخش ۽ سنڌي دوستن سان روح رهاڻ سنگت ۾ لڳي ٿو ته اسان سنڌي شهر ۾ آهيون. حيدرآباد ۾ سنڌ يونيورسٽي آهي. سنڌالاجي جو شعبو آهي، سنڌ پروونشل ميوزيم آهي، ميران هاءِ اسڪول، ٽلڪ چاڙهي (ساڳين نالن سان برقرار) آهن. ڪراچي سنڌ جي راڄڌاني آهي. ليڪن انهن اسڪندو ته ڪنهن عرب ملڪ جي راڄڌاني ۽ آهيون جهڙڪي اسلامي رنگ سان گڏ "مغربي رنگ" به ڏنو ويو آهي. ساڳيو حال حيدرآباد ۽ سکر جو به آهي.

....

وٽس سنڌو "ادبيات" ڏانهن رخ رکيو. "ادبيات" سنڌ ۾ شاندار پبلشنگ هائوس (ڪتاب گهر) آهي. جنهن کي نوجوان سليم قريشي ڪاميابيءَ سان هلائي رهيو آهي. تازو ڀارت جو سفر ڪري موٽيو هو. "ديس پرديس" نالي سفرنامو لکيو هئائين. ۹ تاريخ

سنڌي فلمن جو نالو نشان بہ ڪونهي. هڪ سنڌي فلم ”پرديسي“ جو ڪافي نالو هو. رهيس وقت گهٽو نہ ترسيس نہ تہ سندس سئنيما ۾ اها فلم ڏسي سگهان ها.

ڀارت جي فلم انڊسٽريءَ ۾ سنڌي هر ڪنهن ۾ ڇانيل آهن پوءِ بہ سنڌي فلم ڪرڻ جو ساهس نٿا ڪارن. ان لاءِ اهو جذبو گهرجي، پر جذبو ايمان ۽ نظريو ”پئسو“ آهي، فلمن کي جيڪي ”ڪمرشل“ آرٽ سمجهن ٿا - انهن مان اميد رکڻ آهي ٻڙن کان ٻير گهرڻ.

(11)

٦-٩-٨٣

سومر جو ڏينهن، اڄ ڪلهہ ”راج“ جي ياد آئي. اڄ سندس جنم ڏينهن آهي. پهريون ڀيرو سندس جنم ڏينهن تي ڌيءَ کان دور هوس. خيال آهو تہ ٽرنڪ ڪال وٺي کيس شڀ ڪامنائون ڏيان. ماهتاب ۽ محبوب ۽ ٻارن کي بہ راج سان ڳالهائڻ ۽ کيس ”سالگرہ مبارڪ“ چوڻ جو اشتياق هو. ڪافي ڪوشش بعد بہ ڪال ڪونہ ملي سگهيو. لائين خالي ڪانہ هئي. البت ڪراچيءَ مان بمبئي سان فون تي جلدي وارو ملندو آهي. پاڪستان ۾ ٽيليفون سرشتو بهتر آهي. سڄو پاڪستان ٽيليفون ذريعي ڳنڍيل آهي ”مڪاني ڪال“ يڪدم ملي ويندا آهن. ڪراچي جي اهاط ڪان نہ ڀارت

ڪندو هلجي.

ڏينهن ٽيل هو. ماني جو وقت هو. ماڻهن ۾ گهڻو واڻن کي ڇيل ڪونه هو، رئيس صاحب جي جسماني حالت جو به مونکي احساس هو. ان هوندي به پير صاحب جي اسپتال ۾ پهتاسون. ان وقت هڪ وڳو هو. پير صاحب ڪنهن عزيز جي انتقال ڪري سبب "مارڪي" ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ويل رهيو هو. اسانکي ڏسي ترسيو. پهرين نظر ۾ سڃاڻي ڪونه سگهيو.

ڪافي ڪمزور نظر آيو. اسپتال ساڳي جڳهه ۾ بدستور هلي رهي هئي. مريض قطار ۾ ويٺا هئا. اُن ئي اسپتال ۾ ١٩٤٢ ۾ مان ونس طبابت جو ڪم سکندو هوس، مونکي ڊاڪٽر ڏسڻ ٿي چاهيائين.

سڃاڻپ بعد معذرت چئي "مارڪي" ۾ ويو ۽ ٻئي ڏينهن فرصت ۾ اچڻ لاءِ تاڪيد ڪري ويو. ڪاڻي جي دعوت به ڏئي ويو.

ٽنڊي محمد خان کان ڦليلي جي هن پار-حيدرآباد ويندڙ رستي تي ٥-٦ ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي سرهندي پيرن جو ننڍو ڳوٺ "ٽنڊو سائينداد" آهي. آهي "سرهند" (پنجاب) مان اچي صديون اڳي هتي وسيا هئا. علم ۾ پڙ آهن. مذهب جا پڪا پابند ۽ عربي فارسي ۽ پشتو ۾ ماهر. سندن بڻ حضرت محمد صاحب جي پيروڪار چئن "ٻارن" (خليفن) جي حضرت خليفي

انجو مهورت ٿيڻو هو. ان لاءِ ورتو "ٽيپ ٽاپ" ڏنائين موقع جو مکيه مهمان رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ کي ٿيڻ لاءِ عرض ڪيائين.

مون ساڻن ڏاڍو گرمجوشيءَ سان ڳالهيو. افسوس ظاهر ڪيائين ته ڀارت جي سفر ۾ اديب دوستن سان نه ڳڏجي سگهيو، جيڪا ڪسر "ايشيائي راندين" جي موقعي تي پوري ڪندو. (پر اچي نه سگهيو.)

سنڌالاجي جي ڇپاوي هيٺ ڇپايل "شاهه جو رسالو" (ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ جو مرتب ڪيل- ٽيون ڇاپو ٣ جلدن ۾) نذراني طور ڏنائين. "هڪ گهڙي - پين" جو سيٽ ۽ "ڊنس پرڊنس" جي ڪاپي.

مهورت واري تقريب ۾ شامل ٿيڻ لاءِ خاص زور ڀريائين.

(١٢)

جهم آستان - ٽنڊو محمد خان

١٢ ع جي ڏاڍي رئيس صاحب ماڻهي هٿ لاءِ ڊرائيور کي ڇڏيو.

٤ تاريخ راڻي جو ڳاٽو هٿڙ سبب ماڻهي ۽ رستي ۾ هٿوسڙي، ڪٽر ۽ ٻيهڻ جو جهم آستان ٽنڊو محمد خان صرف اوڙانگهي آيا هئاسون. ان ڪري مهڙجي من ۾ اِيل هئي ته اول ٽنڊي محمد خان مان ٿيندو، سائين پير حڪيم غلام محي الدين سرهندي سان ڳالهائي

ناظر کي مان ننڍپڻ ۾ ننڍي ٻار وانگر پائيندو هوس. مونکي به بيحد پيار ۽ عزت ڏيندو هو. اڪثر منجهند جي ماني گڏجي کائيندا هئاسون، بيحد ذهين هو. ائين ٻيا فرزند لائق اٿس. جن مان هڪ نيوي ۾ ڊاڪٽر آهي ۽ ٻيو حڪيم آهي، ساڻس گڏجي پريڪٽس پڻ ڪندو آهي.

نهايت شريف ۽ خداترس، انسانيت جو علمبردار نيڪدل ۽ شفيق آهي. مان کيس پنهنجي والد بزرگوار جهڙي عزت ۽ احترام ڏيندو آهيان. سندس دلي تمنا هئي ته مان ابائڻو گهر ڇڏي نه وڃان. ۳۴ ورهين بعد به سندس پيار ۽ شفقت ۾ ڪجهه فرق نه آيو آهي. ٻه رڱون سرس!

... .

ٽنڊو محمد خان سنڌ جو قصبو ٿي نظر آيو. ڪافي وڏي ويل هو. سونهن عدم پيدا هئي. کليل پاسا به والاريل هئا. پراڻي جهلڪ هئي. ڪي هندو غريب رهجي ويا هئا. اڄ سڀ سکي آهن. هڪ ٽپالي بالڪل وڏو سهڻو ٺهيو آهي. سندس ننڍو خوبصورت پٽ گل ڊاڪٽر آهي. اسٽيشن جي پٺيان پاسي ڪلراٺي زمين ۾ سڄي پٽي واڪا ڪندي هئي اتي ”فوجي شگر مل“ آهي. گهٽيون، پاڙا، بازار، شاهي سڙڪ ۽ ٻيا رستا لڳ ڀڳ ساڳيا هئا. هندن جي شاندار عمارتن

فاروق ساڻ نسبت رکي ٿــو. شڪل جا سڀ سهڻ
مهانبا موچارا، مذهب، ادب اخلاق ۽ مهمانوازي ج
ڪوڙيا.

سندس خاندان مان عبدالباقي مهندجو هم ڪلاسي
هوندو هو. هن وقت اسسٽنٽ انجنيئر آهي. سندس
اڪاوئنٽ مولين جهڙي هئي. سائين پير غلام محي الدين
"طبيه ڪاليج" دهلي مان سند ورتي حڪمت -
ڊاڪٽري ١٩٤٢-٤١ ۾ شروع ڪئي. سمورو ڪورس
عربيءَ ۾ پنج سال - هر سال فرسٽ ڪلاس فرسٽ!
"فزيشن ۽ سرجن" ايم - بي - بي - ايس جهڙي ماڻهان
مليل "فاضل الطب و الجراحت"، ايف - ٽي - جي - جي
ڊگري حاصل ڪيل آهي. مهندجي ماءُ جو علاج ڪري
آيو هو جڏهن مرض لاعلاج ٿي چڪو هو. مهندجي امڙ
١٩٤٢ ٿي ساڻس سڪالي ٿي. ان ڪانپوءِ سندس شفقت
حاصل ٿيندي رهي.

قومي هلچل ۾ سرگرم ٿيڻ سبب ڊاڪٽر ٿيڻ جو
ارادو ڪافور ٿي ويو. ليڪن پير صاحب جي نظر
عنايت ۽ شفقت ۽ سڀني برابر ملندو رهيو.

سندس ٻئي فرزند ڊاڪٽر ناظم الدين ايف-آر-
سي-ايس- ڊگري حاصل ڪئي. پر "ڪيون" خراب
ٿيڻ جي حالت ۾ ننڍي جوانيءَ ۾ راهه رباني ورتي ويو.
پير صاحب کي ناظم جو زبردست ڏڪ آيل آهي.

البت - "وڏا مور مري - هنجهه ۽ رهبو هيڪڙو" واري ڪار آهي.

ٽنڊي محمد خان جا بغيچا خاص ڪري ڏيپوٽي جو باغ، انجنيئر جو باغ ۽ ميرن جو باغ، "پڪنڪ اسپاٽ" آهن - مون انهن جهڙي گلن جي سجاوٽ ۽ گوناگونيت صرف آگري جي شاهجهان باغ (تاج محل ڀرسان) ۾ ۽ مشهور جي برندابن باغ ۾ ڏٺي آهي. هاٿي ته آهي نه گذريل سوڻهري دور جا "يادگار" آهن البت وڏيه واپار وڌيو آهي. اڄي بيڙان رستي هاٿي ٽرانسپورٽ جو ڀول بالا آهي. پر اڄ ڪلهه "سر" ڪاهي پئي آهي.

(١٣)

ماتلي "مڻي ٽنڊو محمدخان" آهي ٽنڊي محمد خان کان پوءِ ماتلي هڪ آباد ۽ خوشحال قصبو سمجهيو ويندو هو. هينئر بدين ضلع ۾ آهي. "لاڙ" ۾ ئي انهن جو شمار آهي. انڪري ٻولي، رهڻي ڪرڻي سڀ "لاڙي" آهي. جديد دور جي سهوليتن جي باوجود لاڙ جي سڀڪرڻي ۾ ڪوبه فرق ڪونهي.

ماتلي ۾ سيٺ رڇومل شيوارام جو ڪپهه جو ڪارخانو، اسٽيشن جي ڀرسان ماتلي، جو "نڪ" هو. ان جي سامهون اسانجي رنگارنگي شخصيت رئيس ڪرم بخش نظاماڻي بلوچ جو ماڙيون طرز تي جوڙايل

جو حال هيٺو هو. ننڍپڻ جا ساٿي ڏاڍي سک سان مليا. مون سان گڏجي سڄال پڙهڻ ۾ هليا. ٣٤ سالن بعد سڀ ڪجهه ياد هو. پنهنجي اباڻي مڪان وٽ پهتس ته ڏاڍو نراس ٿيس. نالي ۾ هڪ ننڍڙي ديوار ئي بچيل هئي. ان مڪان ۾ مون جنم ورتو هو- اُن ۾ منهنجي پرورش ٿي. ان ۾ منهنجي ماتا ۽ پن ڏاڏن جا موت ٿيا هئا- ان مڪان سان ٢١-٢٢ ورهين جون مٺيون ۽ ڪڙيون سمرتيون جڙيل هيون-

الان ئي ١٣ جنوري ١٩٤٨ لڏپلاڻ ڪري ڀارت ڏانهن نراسي ڀٽڪي ويا هئاسون. اڄ ان مڪان جو وجود ئي نظر نه آيو!

... ...

ننڍي محمد خان جا پيڙهون، مربو ۽ ادب هٿيان ماڳ مشهور هئا. پيڙهون اڄ به اتان جي خاص سوغات آهي. انهن جو فصل به پلارو اهڙو آهي البت مربي ڪاهڻ وارا حلوائي اڄ "امبئي ۽ پوني" جا مشهور و معروف مٺائن جا دڪاندار آهن جيڪي لکن ۾ ئا ليڪا ڪن! ننڍي محمد خان جي ريلوي اسٽيشن جو ڪو خاص وڪاس ڪونه ٿيو آهي. "ڏهاڙ" پئي لڳي.

سنڌ ۾ لڳ ڀڳ سڀني ريلوي اسٽيشنن جو ساڳيو حال آهي!

ننڍي محمد خان ۾ مون جو اڃا ڪالهن ڏاڪو آهي.

مرحوم پير حسام الدين راشدي صاحب ڪٺي هئي.

...   .

"ڪيٽي ڪتاب" ٻهراڙون پاڳو ڇپيو آهي جنهن جي قيمت ١٠٠ رپيا آهي. اهـا آتم ڪٿا آهي. پر اُن ۾ ايڪڪ جنهن بيباڪائي ۽ راست گوئي سان "آتم ڪٿن" ڏوارن پنهنجي ڪمزورين، اوڻاين، غلطين ۽ رنگين زندگيءَ کي بي نقاب ڪيو آهي انڪري "عريان"چوان ته بهتر، ان لاءِ ڪيس هرڪو داد ڏيندو ۽ شرڌا وچان سر جهڪائيندو، جيڪڏهن ان ڪتاب کي صدق دلي ۽ ظرافت جي جذبي سان پڙهيو وڃي. جنهن جا اڪيچار آزمودا، ٻالپڻ کان وٺي جواني ۽ "جواني ديواني" جا رنگين باب، اُن بعد ڪرڙوپ اوسٿا ۽ بلوغت لاثين هن صاحب جيڪي دور ڏٺا آهن، انهن سڀني کي دلچسپ شڪلي ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هر وشيه تي قلم هلايو اٿائين.

سنڌين جي مشترڪ تهذيب، ورهاڱي کان اڳ جي سنڌ جي سماجي، سياسي حالت، ورهاڱي بعد اُٿل پٿل سفر و سياحت، فلمي زندگي، لِلت ڪلائن ۽ ڪشمير جي نظارن، سنڌ جي سياست جا مختلف دور، ثقافتي تعلقات، راڄـ داري، بزرگن جا سفر، قدرتي نظارا، مجلسون، محفلون، سنڌ جا ست رنگي طعام، شخصي ڪمزوريون، عشق و محبت جا رنگين حقيقي قصا،

"MY NEST" (منهنجو آکيرو) بنگلو!

"جلتي ديپ"، "آغوش" "گهمنڊ" (نهال فلم
پرابڪشن) جي پروپائيٽر سيٺ راجهومل جو ڪارخانو
قومي ڪم ڪندڙن جو مهمان خانو هوندو هو. شري
جواهرلال نهرو به ان ۾ پير گهمايا هئا ۽ ايرڪ ڪئي
هئي، (۱۹۴٦ ۾ سنڌ جي طوفاني دوري وقت). اڄ
به ماڙي ۾ ڪافي هندو گهر آهن. هندن جو واپار ۾
ڪافي ڏاڪو آهي.

ماڙيءَ جي پرسان ڪڙيو گوهر آهي. اُتي قدرتي
گئس ۽ تيل ملڻ سبب ماڙي ۽ پسگردائي جو جلدئي
شاندار وڪاس ٿي رهيو آهي. سرڪار ۽ ٽيڪنيشنس
جو ڌيان ڇڪيو آهي.

... ...

ٽنڊي محمد خان ۽ ماڙيءَ ۾ ادب دوستن جو
ديدار ڪونه ٿيو. "فوجي حڪومت" اسانجي فنڪارن
جي تخليقي قوتن کي ٿڌو ڪري ڇڏيو آهي. سنڌي
جي ڪمر ڪڍي آهي، اسانجي بزرگ "ڪالهه جو
هيرو - اڄ جو اديب" رئيس ڪريم بخش نظاماڻي!
"سوناري جا سؤ لوهار جو هڪ" "ڪيٽي ڪتاب"
جي اشاعت هڪ "ڌماڪو" هئي. جنهن کي سنڌالاجي
طرفان ۱۹۸۰ لاءِ "غير افسانوي ادب" طور پهريون
اعزاز عطا ٿيو. اُن يادگار ڪتاب (اُلسو) جي صدارت

ميراڻي رهن ٿا رئيس جي سڏ تي آڌي رات سازندن
سان اچي وارد ٿيندا. پس پوءِ موسيقي جي محفل
مچندي. الله وسائي، لکانو (اصل حر) ڪچهري جو عثمان
ڪچي، مثل خان اهي سنڌي ڪلام ڳائڻا جو اڄ به پيا
ڪنن ۾ گونجار ڪن!

”نجه سنڌيت جو هڳاءُ“ ونڊو آهي ته سنڌو
مٽيءَ جي اُپج - انهن ڪلاڪارن جي ڪلامن ۾ ماڻدو
[رئيس جي چالاڻي بعد اهي محفلون به ماٺ ٿي
ويئون .]

مثل خان اصل ڪچي آهي. اڄڪلهه ٽنڊي محمد خان
۾ رهندو آهي. سندس ڪلام جي جهلڪ:

عمر پياد آيا اڄ ڪي اباڻا
روئن ٿيڙ جن لئه نيڻن منجهه نماڻا   عمر...
قضا جنهن قيد ۾ ڪئي آهيان ڪاري
الله عمر گذري سون ۾ ساري
گهنگهور جن سان گهاريا پنوهارن پياڻا   عمر...
پيلس همه پهڻن ۾ ڏور ڏمام ڏهي
رهيا سب رچن ۾ وساري عون و ٺهي
ڪنڌس هارڪ ڪين مان مارون ري مانا   عمر...
مونکان پوءِ ملڪ تي منهن ڪيون موڪون
منيا مرڪ مڪٽيون ڪيون جام ڪو ڪيون
ڦيون پوچ پٽن لي لاولب لاٽا   عمر...

ترقيءَ ڪاڳر ۾ ساڳو سماڄو اڏائين. سنڌس اهو ڳالهو نه لڳي پيڳي ڏيا آهي. تيون ڳالهو پرڏيس ۾ آهي. محترم محمد ابراهيم جويو صاحب اڳڀرائي ڪري رهيو آهي.

ٻڌي ڳالهي ۾ سنڌس پارٽي ڪلچر جي باري ۾ معلومات ڏني ته ڏنڊ آڳريون ڏٺيون پرنٽيون. ويدانت تصوف، پارٽي (هندو) سنسڪرتي، ڏورهه، اشتراڪيت، ساميوال هندو - مسلم دوستيءَ، بزرگن، سالڪن، سيدن - پيرن، مندرن، مذهبين گرودوارن ۽ مزارن، مقبرن جا احوال پاڻ ڪن ڪي وجد ۾ آڻيندا

... ...

مالڪيءَ جي مهمانوازيءَ جو نه جواب ڪونهي. حاجي خان جي ابراهيم - جهيڏنگا، آمليٽ، پڪوڙن، ڳاڙهو مکڻ، مکيءَ جي ورقي، سيڱون، ڏونگن جي ڀاڄي، اڦرائا (سڄي ڏينهن ۾)، صوف، انگور، شرڊو (ميوو) ڏهي (ملائي سان) لسي (مهي) ۽ پانگ.

سيٺ دريائي مل جي ڪارخاني تي دعوت جو ورق اهو رنگ هو. موٽي محل ۽ دهلي دربار هوٽل ڪي ان شهه ڏيندڙ لذيذ طعام - جن ۾ ڪڪڙ (مرغي) جا قسمين قسمين ڪورس!

ليڪن سڀ ڪان وڏو هو "واڳو". وليس ڪرلو اڃش جي وڏي احوال ۽ لان ۾ واڳو جون مضمون اڪثر لڳن تيون. پرسان تي "فنڪار ڪالوني" ۾ ايشورو

ڪرڻ لڳندا هئا. همت ڪري رهجي ويا، هيٺر
خوشحال آسودا ۽ ڀلا ڀاڳيا آهن. رئيس سندن سرپرست
۽ واهرو ٿي رهيو آهي. رئيس سڄي سنڌي صوفي
لاڪڙي ۽ ويدانتي آهي. صبح جو اڪثر ڪلاسيڪي ۽
”ميران ٻائي“ جا ڀڄن ڪن ۽ گولڊيا ڀڄن جي
امرت رس ڌارا جو رس پان ڪرڻ سان رئيس جو ڏينهن
شروع ٿئي. رئيس جي وچارن موجب آواز ۽ راڳ جي
راڻي لتا منگيشڪر سر ۽ ٻروين سلطانه ۽ نسوانيت ۾
آشا ڀونسلي ٻي جوڙ آهن.

ادب، علم ۽ اتهاس ۾ سندس انوکي دلچسپيءَ جو
راز آهي سندس اونهو اڀياس ۽ سنڌ جي علمي، ادبي
شخصيت ۽ اتهاسڪار پير حسام الدين راشدي جي
سنگت ۽ صحبت. راشدي صاحب پاڻ کي ”رئيس جو
عاشق“ سڏائيندو هو. هن صاحب ئي ڪريم بخش کي
خلوت ۽ راڄ داريءَ جي محفلن مان ڪڍي ”ادب“
جي سطح تي روشناس ڪرايو ۽ ”ڪيئي ڪتاب“
جهڙي شاهڪار کي قلمبند ڪرڻ لاءِ پريرڻا ڏني.

سنڌ جي سائينءَ محترم جي. ايم. سيد سان ٻـــ
رئيس جون ڏاڍيون ڄاڻيون هيون. شخصي سطح تي
سياست تي دسترس هوندي به سياست جي ڏيڻ
کان ڪريم بخش ڪنارو ڪيو، ڇاڪاڻ ته بنيادي طور
هو فنڪار هو، ليڪن سائينءَ جو عقيدتمند ۽ سچو

پار جي ٻيڙيءَ لءِ آهيان مان پياسي
وطن جي وهٽي لءِ آهيان مان اداسي
جتي آهن جيڏيون [جا] ڳڀا پٽ پراڻا   عمر..
"صاحب ڏنا" سانگي سدا روئيو وهني ساريان
پل پل پنهوارن کي پيٽي روز پڪاريان
تني جي ته سورن کيا سدم سدق ساٿا   عمر...

مائي الله وسائي [ميراڻ] ۽ پنهنجي نالي سان آهي. ميلن، عرسن، شادين شادمانين، مجلسن ۾ محفلن سان پروگرام ڏيئي گذر بسر ڪري رهيا آهن. تنهن رات ميلي مان موٽي هئي. ٿڪاوٽ جي باوجود "مهمان" جي دلجوئيءَ لاءِ ڏهن ڪلاڪ سندي ڪلام سان موج مچائي. رئيس جي خادم لکاڻي [اصل ڌر] ۽ سنگت ڪئي. ڪلام جي جهلڪ:

وڏا ڪيهو پار اڄ وهني روئي سنڌڙي
لانئون لال لطيف ڏي پرڻان سندي پار
دل منجهه درد هزار سانڍيو گهوري سنڌڙي
جهريا جهانگيرن جا پيا ٽوڙي ٻار
دل منجهه درد هزار سانڍيو گهوري سنڌڙي

(١٣)

٦-٧ تاريخون - رئيس ڪريم بخش ۽ سائين پير غلام محي الدين محمد دي جي مهمانوازيءَ جو شرف حاصل ٿيو. رئيس وٽ مائيءَ جا سنڌي هندو ۽ ڪچهريون

ڪا ماڻهن ني خطا ڪئي، صديون ني سزا پائي!"
هڪ "غلطي" جو پرائشچت ڪرڻ ۾
سائينءَ جي جواني پيائي ۽ بدلجي ويئي!
رئيس جو من ڀرجي آيو - چئي "اڃا هن درويش
کي ڪيتري سزا ڏيندا؟"

... ...

وڇاڙي بعد سائينءَ سنڌونگر (الهاسنگر) ۾ پيرڙا گهمايا هئا. پاڻ پرتاپ ٻين جنهن سپاهيملاڻي ۽ راءِ صاحب منگهومل جي دعوت تي آيل هو. ان وقت سنڌي نرواسين جي ڏکدائڪ حالت ڏسي اوچنگارون ڏيئي رنو هو.

...، ... ...

سنڌ جي هڪ پرش نه رڳو سياست ۾ بلڪ ادب ۽ اتهاس جو به گوڙهو اڀياس ڪيو آهي. "جڳ گذاريم سي"، سنڌوءَ جي ساڃاهه" جهڙا مها گرنٿ رچيا آهن. جن ۾ انسانيت، عالمي برادري، مذهب جي سچي سکيا، ۽ سنڌ جو صدين جو اتهاس ائين سمايل آهي جڻ گاگر ۾ ساگر. اڄ تائين ڪنهن به سنڌي عالم، فيلسوف، اديب، ليکڪ ۽ سياستدان اهڙي وسيع ڄاڻ سان گرنٿ ڪونه لکيو آهي جهڙو جي. ايم. سيد "سنڌوءَ جي ساڃاهه" ۾ درج ڪيو آهي. اهو ڪتاب

دوست ۽ خيرخواه !

جي. ايم. سيد-سنڌ جي زيارت جو سڀاڳيو ٣٤ ورهين بعد پراپت ٿيو. ليڪن اها زيارت اڻپوري يا اڌوري ٿي ها جڏهن سنڌ جي سائينءَ جو ديدار نہ ٿي ها. سنڌ جي آهي مرد سان بہ ڪرم بخش جي ڪري مشاهدو ۽ ماڻيم، چاهي چند گهڙيون ! پر اهي منهنجي زندگيءَ جون يادگار گهڙيون آهن. جن ۾ ٧٩ ورهين جي پوڙهي شير کي ساڳئي عزم، ارادي ۽ استقلال سان ڏٺم. سندس پيرن جي پاڪ پٽي مستڪ تي لاتم. ٣٤-٣٥ سال اڳي سندس رهبريءَ ۾ سنڌ جي سيوا جو شرف حاصل ٿيو هو.

موهن جي دڙي جو وارث، انسانيت جو علمبردار، سنڌيت جو روح روان، سائين اڄ بہ سنڌ وارن لاءِ روشن منار آهي. ١٨ جنوري هر سال سنڌ ۾ "سالگره واري جشن" جي موقعي تي سن کي نئين ڪنوار جيان سينگاريو ويندو آهي. راڳ - رباب جي محفل مچندي آهي، گلابن جي ورکا ٿيندي آهي، "سنڌڙي" نئين سر ڪر موڙيندي آهي. سنڌ جو سائين (جي. ايم. سيد) روح افزا پيغام ڏيندو آهي..

سائينءَ کي ڏسندي ماضيءَ جا ورق دماغ ۾ ڦرندا رهيا. اردو جو هڪ شعر ياد آيو:

"تاريخ ني ڪچھ ائسي ڀي دور ديکي هئن

"دعوت" ۾ ٿي افغان مجاهد به آيل هئا جي پاڪستان ۾ پناهگير آهن ۽ افغان سرڪار ۽ روس جي خلاف لڙي رهيا آهن.

(١٤)

٨ تاريخ -

نور محمد جو اسرار پاڻ آيو. چيو، "دادا، ٨ تاريخ حيدرآباد ۾ پهچي ويندا" رئيس ڪمهندي ڪرڪندي موڪل ڏني.

ماڻهيءَ کان حيدرآباد روانو ٿيس. "شلوار ۽ قميص" ۾. ماهتاب ڏٺو ته ٺري پيئي. نورمحمد اڳي ئي وڏو پروگرام رٿي ڇڏيو هو. ٩ تاريخ ڏينهن مسلم ڪلب ۾ اردو ادبي سان ڳڏجاڻي رکيل هئي. آچاريه حميد ۽ ظفر حسين شاهه ۽ سندالاجي جي ٻين ادب دوستن، محترم جوڻو صاحب به خلاصي ٺوني ڪچهريون ڪرڻ جي فرمائش ڪئي. هيڏانهن ماهتاب ۽ ٻارن کي شڪايت ته دادا اسانکي وساري ويٺو آهي. مونکي لاج جي ڇڏيا هئي. ٻالڪ پرڪاش ۽ ڏم جي مرڪندا. اَمگر ۾ مونکي موڪل ڏني هئائين، پر پڻهان سندس سڪ. سماچار ڪيئن ملي؟ ٿرڪ ڪال بيسود!

... ...

٨ تاريخ شام جو ماهتاب ۽ محبوب سان سنڌ جي لوڪ پڙهه ڳالهڪا محترم عابده پروين جي گهر ويا هون

هر سنڌيءَ جي پڙهڻ وٽان آهي. سوماڻ پسند قوم لاءِ هڪ آب حيات! هڪ اَملهه سوغات!!

... ...

پير حڪيم غلام محي الدين وٽ ٧ تاريخ رات جي دعوت هئي. سڀو ڄڻهن جمع پوڻي ٽڪي محمدخان جو سٽر ڪيم. رات جو ٽڪي سائينداد ۽ دستوري دعوت. نه ڪوئي اَڌمر نه مغربي نمائش. دسترخوان تي بي حجاب ٽي ڪلاڪ ويٺاسون

مهنجون من پسند شيون ٣٤ سال بعد به مهنجي بزرگ اُستاد کي ياد هيون. مهنجو هردو گد ڏنـي ويو. پر سندس من ڪين ڀانيو. پنهنجي سڳورن هٿن سان ڳنهون ڏاهي ڪاراڻ لڳو. شايد ”نظام“ کي هو ڊون ۾ ٻسي رهيو هو.

موڪلائڻ وقت چيائين، اها عارضي دعوت آهي. ان هوندي به هڪ راشمي گدڙي (رلي) ڏنهئي طور ڏنائين. هڪ هفتو پاڻ وٽ رهڻ جم آستان واسين سان گڏ جاٽيون، ادبي ڪچهريون - سڀني جو مڪمل انتظام ڪرڻ پاڻ تي هموار ڪيائون. ٻه راتيون سمهت ڪار مهنجي حوالي ڪرڻ جي آڇ. ليڪن وقت جي تنگي ”مرشد“ جـي ان من پسند دعوت قبول ڪرڻ کان مجبور ڪري وڌو.

پير سائين پشتو ۾ ماهر آهي. ساهـرا اعغان انس.

RE-PRODUSE ڪرڻ. جهڙوڪ: ماسٽر چندر جو اڻ ڇپيل ڊرامو (ڀيرون) هز ماسٽرس وائيس تي ڀرايل رڪارڊ جو ڪئسيٽ. دادا شيوڪ ڀوڄراج جي ناول ”آشيرواد“ جو نئون ڇاپو وغيره. اها مون لاءِ فخر جي ڳالهه هئي.

مون کين ٻڌايو ته ”ادا، ڀارت ۾ نه سنڌ يونيورسٽي آهي ۽ نه سنڌالاجي، جيڪا سنڌي ڪلچر جي سار-سنڀار لهي. ليڪن هڪ ”مني سنڌالاجي“ آهي اها هڪ شخص جي روپ ۾ - اهو آهي گنگارام سمراٽ! ريسرچ اسڪالر. جنهن وٽ اڻميو ۽ اڻلڀ ساهت، سنڌو اتهاس جو ڀنڊار آهي. جنهن جي رچنائن تي ”ڊاڪٽريٽ“ حاصل ڪري سگهجي ٿو. هو پنهنجي رچنائن کي هندي ۽ انگريزيءَ ۾ به شايع ڪرائي رهيو آهي.

اُنهن دوستن ٻڌايو ته اڄ به سنڌ ۾ به قلمڪارن جي تخليقي قوتن ۾ ڪوتاهي ڪانهي، ڀٽي جو فوجي سرگرم حڪومت جو والاورڻ آهي. سرگرم ليکڪن، ڪهاڻي ڪارن، نقادن، صحافين ۽ شاعرن ۽ فنڪارن ۾ يوسف شاهين، امر جليل، سليم آغا، تنوير عباسي، حميد سنڌي، اسير ملاح، فتاح ملڪ، رشيد ڀٽي، شيخ مبارڪ علي، ”اياز“، ٻادل جمالي، فاروق سولنگي، قمر شهباز، الطاف شيخ، شمشير الحيدري، ذوالفقار راشدي،

هن سک سان سکيو هو. ٻن ڏهاڪن کانپوءِ پٽ ڄڻيو هيائين. اڄان ڄڻيءَ ۾ هئي ان هوندي به پنهنجي پٽيءَ جي همتائڻ لئي راڳ جي واٽيءَ ١٢ راڳ ٻڌايا جدا جدا راڳڻين ۾ ـ کوهياري، ڀاڙي، سهڻي، ٻروالي، ٻروي، حسيني، ملتاني، يمن، درٻاري، شڌ ڪلياڻ، ڪلاونتي ۽ ٽوڙي. نج سنڌي راڳ ، شاستريه شڪليءَ ۾ ـ دنگ رهجي ويس ته هن سرائي ڪلاڪار کي ڪلاسيڪل موسيقيءَ ۾ به ڪافي مهارت حاصل آهي. سندس گهوٽ ريڊيو پاڪستان ۾ پروڊيوسر آهي.

ماهتاب کين ٻڌايو ته دادا ٿهارام سنگيت پريمي آهي. سندن سوکڙي طور مليل ڪئسيٽ ٻڌڻ سان اڄ به روح کي راحت ملندي آهي.

رات جي ماني بعد ”ارملا“ جي ننڍڙي لان ۾ بــزرگ اديب دوستن سان ڪچهري ٿي. اتفاق سان ٦ تاريخ دهليءَ مان سنڌي سروس آل انڊيا ريڊيو تان لکشمڻ ڀاٽيه ”ڪومل“ جو تبصرو نشر ڪيو ويو هو. ” اندر جهين اڄ“ (ماهتاب محبوب جي سفرنامي) ۽ ظفر حسين شاهه جي ناول تي تبصرو خاصي پسند ڪيو ويو هو. ظفر پڙهندي سرهو ٿيڻ لڳو. هن ٻڌايو ته سنڌالاجي طرفان سنڌ جي ڪلچر جي جيڪا خدمت ٿي رهي آهي، انجو هڪ اسم آهي جهونن فنڪارن جي رڳائن کي ڪئسيٽن ۾ ڀرائڻ ۽ سهيڙ ڪري

ناشرن (پبليڪيشن) ۾ - اسٽيٽ ميڊيڪوز ائسوسيئيشن، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي "سگهڙ پبليڪيشن" (لاڙڪاڻو) "ادبيات"، "سهڻي"، "اوم پبليڪيشن" "سنڌي ادبي بورڊ (حيدرآباد)، ڪافي پبليڪيشن (ڪراچي)، سنڌي ادب ڪتاب گهر" (سڪرنڊ) ڪانسواءِ رسالن ۾ "لطيف"، ڪينجهر، "ناري" "برسات"، "آديون" ۽ اخبارن ۾ "زندگي"، "مهراڻ"، "هلال پاڪستان"، "انسان"، "سنڌ نيوز" ۽ "عبرت"، سنگم پبليڪيشن (ڪرم الاهي چنا) لوڪپريه آهن.

هلال پاڪستان ۾ دادا گرداسمل واڌواڻي سب ايڊيٽر آهي. "الوحيد" جو سنڌ آزاد نمبر شايع ٿيو آهي جنهن ۾ سنڌ جي هڪ صديءَ جو اتهاس ملندو. سنڌ جي صحافت ۾ اتهاسڪ معلومات ۾ "آزاد سنڌ نمبر" هڪ يادگار ٿي رهندو. سليم قريشيءَ هڪ ڪاپي سوکڙي طور ڏني هئي.

رات جو سائي يارنهين بجي محبوب اچي ننڊ مان اٿاريو. لان ۾ وري نئين ڪچهري ٿي. ڪراچي کان تاج بلوچ ۽ يوسف شاهين ڪلاڪ واسطي آيل هئا. تاج "ادبي گڏجاڻين" ۽ يوسف "برسات لاءِ انٽرويو" جي واسطي ذڪر ڪيو. ان بعد ڪراچيءَ جا به چڪر هنيا، ليڪن نه ادبي گڏجاڻي ٿي نه انٽرويو. صرف "زباني جمع خرچ".

بخشل مهرانوي، تاج بلوچ، قيوم لاڙائي، فقير محمد لاشاري، جمال ابڙو، ٻروانو ٻٽي، حفيظ احمد شيخ، عبدالقادر جوڻيجو، ممتاز مهر، بدر قريشي، نصير اعجاز، شرجيل، عبدالغفار، ظفر حسين شاهه، ڊاڪٽر غلام علي الانا (ڊائريڪٽر سنڌالاجي) منير گهانگهرو، سرور سيف، علي احمد بروهي، ابراهيم جرڙو، نياز همايوني، اياز گل، عمر قاضي، ٺاڪا، اخلاق انصاري، غلام محمد گرامي، امداد حسيني، مدد علي سنڌي، ڪيهر شوڪت، منظور ظفر، نصير مرزا، نديم اختر، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو سحر امداد، اخلاق انصاري، اسلم سنڌيلو، طارق اشرف، ولهيرام والي، بزرگ گرداسمل واڌواڻي، ڊاڪٽر در محمد، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر رشيد ڀٽي، موهن لعل، جوهر بروهي، نجف علي شاهه، ڪمتر ٺٽوي، ممتاز مهر سرمش ماڪيجاڻي، تاجل بيوس، کيمچند شرما، عبدالڪريم گدائي، پير علي محمد راشدي (جهونو سياستدان) ۽ خواتين ۾ تسنيم مهتاب قريشي، سلمي زاهد سومرو، زبيده مينلو، لذ مر ناز، ماهتاب محبوب، خير النساء، نسيم ٿيٻو، ارم محبوب، فهميده حسين، ثريا سوز، عذرا، نسرين شاهه، نور الهدي شاهه، وغيره، فنڪارن جا اقوال ذڪر آهن.

يوسف شاهين جي هڪ بيت جي جهلڪ:

"ڪڏهن ڪرندو ڪومت، ڪڏهن ورندو واءُ
هي سڀ ۽ ساهه، گهوريان ان گهڙيءَ تان"

* * * *

ڀاشا جي وڪاس مان پريرڻا حاصل ڪندا آهن. وري
۽ شڪر آهي جو اڄ ڀارتي حڪومت ڏانهن اسانجي
دانشورن، اديبن ۽ تعليم دانن جو ڌيان ڇڪيو آهي.
هن عظيم شاعر ۽ فيلسوف جي شاعريءَ، زندگي ۽
فلسفي (جيون درشن) تي ريسرچ ڪري ڌوان ماڻ
قائم ڪيا ويا آهن. ڀٽ شاهه ۾ وڏو زيارت گاهه آهي
ڀلڪ آرٽ، ادب ۽ تهذيب جو "مرڪز" پڻ آهي.
ڀٽ شاهه جي پرسان ئي سنڌ جي عالم شمس العلماء
دائود پوٽي جي تربت به ٺهيل آهي.

ڀٽ شاهه تي ڪاشي ۽ جنڊيءَ جي ڀهترين قصيده
ڪاري ٿيل آهي. شاهي دروازي مان داخل ٿيءُ،
وسيع ايوان ۾ پهچبو، انجي سامهون ڀارتي حڪومت جي
خوبصورت مزار آهي، جنهن تي دلڪش نقش جون
چادرون چڙهيل نظر اينديون. اگربتين، لوبان جي
سرهاڻ سان سڄو واتاورڻ معطر هو. "شاهه لطيف"
ڏانهن هر سنڌيءَ جو جذباتي رشتو آهي. ازخود شردا
وچان سر جهڪي ويندو. ڀٽ شاهه اڄ سنڌين جي
ڪشش جو مرڪز بڻجي چڪو آهي.

محبوب نور محمد جون ڪمپرائون حرڪت ۾
اچي ويئون. نهايت دلڪش پوز ورتا ويا. ٻاهر شردالن
جي ڀيڙ هئي. ڦاڪا، تسبيحون، مالهائون، ٻيا ڪتاب،

(١٥)

٩ تاريخ —

٨ تاريخ دراصل "ڀٽ شاهه" جي سفر جو پروگرام رٿيل هو ليڪن ٩ تاريخ تي ٿي طئه ٿيو. سنڌ جي سفر ۾ ٩ ۽ ١٠ تاريخون ٻئين پروگرام وارئون هيون.

٩ تاريخ صبح جو ڀٽ شاهه لاءِ ڪوچ ڪيو. محبوب، نور محمد ۽ محبوب جا اسسٽنٽ شاهه جي ۽ رفيق سفر جا ساٿي هئا. ايوب خان واري دؤر ۾ حيدرآباد کان هالا، مٽياري، ڀٽ شاهه، ٽنڊو آدم وغيره جا رستا نهايت شاندار تعمير ڪرايا ويا آهن. انگريزي ڪار جو سفر آرام بخش آهي ۽ وڌيڪ سهوليت وارو. ڏهين ڪلاڪ ۾ اسان ڀٽ شاهه تي پهتاسون. اسانجي شاعرن، فيلسوفن کي عوام پنهنجي پسنديدگي ۽ سچيتا جي علمبردارن کان وڌيڪ "پير - مرشد - اوليا" بڻائي ڇڏيو آهي. هنن جي درگاهون - مزارن - سماڌين لئي ميلا روائتي، انڌ وشواس وچان سجدا ڪرڻ، ڀيٽائون چاڙهڻ تائين محدود آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو سندن ان ئي عظمت، انسانيت جي پيغام، امن ۽ آشتي وشو پريم جي واڻيءَ جي اهميت کي نظر انداز ڪري اسان شيڪسپيئر، ملٽن، گيٽي جي ساراهه مان پايون ٿا. مغرب ۾ ماڻهو پنهنجي فنڪارن جي پوڄا يا پرستش ڪانه ڪندا آهن، بلڪ سندن ساهت، سنسڪرتي،

ناظم جي مهمانوازيءَ ۾ سنڌين جهڙي دلنوازي هئي. محبوب ۾ خاص ڪشش آهي جو غير سنڌي اُنس وتڪ ٻڌايو وڃن ٿا. ناظم شاهد مهدي اردو زبان ۽ ڪليل وهنوار ڪان بيحد متاثر ٿيو. پر ٿي ڪلاڪ صحبت ماڻيءَ تي اڳيو ته "وڙهين" جا ناتا هئا. الڏي پنهنجائپ ۽ قرب، جو موڪلائڻ وقت سنڌس اکين ۾ نمي محسوس ڪيم. ڪيڏي نه حب آهي ساڻيهه وارن ۽ ساڻيهه جي مٽيءَ ۾!

ٽنڊي آدم ڪان حيدرآباد تائين رستو نه ڊگهو هو. آسپاس جا زرخيز علائقا ۽ آبادي، خوشحالي جا نظارا پسيم. اڄڪلهه آمريڪي طرز تي ڪيترائي ڪيت "فارم" جي صورت وٺي رهيا آهن. فصل ڀلو ۽ ميويا اناج جا انبار هئا.

واٽ تي ٽنڊو الهيار، مٽياري ۽ ٽنڊي جام جي ڀرڪرها تي وٺي - ٽنڊي جام جي "زراعتي يونيور-سٽي" اُن پرڊيس جي ڀرڀاري ڀرسان "ڪي. ايم. مشي ڪرشي وشو وديالي، ڀنت نگر" جون سڪون تي لاهي. چانهه جي ٽائيم تي لطيف آباد، گهر پهرو ٿياسون.

ننڍڙي زمر پنهنجي دادا لاءِ اوسيئڙي ۾ وٺي هئي ڪيس لسڪين ٿڌيدي چم ته سياڻي (١٠ تاريخ) شڪروار جو موڪل جو ڏينهن آهي. زمر جي سالگرهه خوب ڌوم ڌام سان ملهائيندا سون.

قل قول، ڪمبخت ٻگڙا، ٻنا شاهه، اکر ٻنهين جا دڪان ۽ اسٽال سجايل هئا.

سوکڙيءَ يا نشاني طور شاهه عبداللطيف جي نالي وارو ڪڙو ورتم. ٻه چار سڳا به ورتاسين. اهي ٻچيءَ ۾ پائي، روشني ڪانڊر فوٽا به ورتائين. ماهتاب گهر ۾ صدق وچان ڪڙو منهنجي ڪرائيءَ ۾ پاتو- جڏهن ٻئي پاءُ جي ڪرائيءَ ۾ ڪي ٻڌي! چي، دادا، شل وار ونگو نه ٿيندو. ٻنهي گهوٽ جي دعا اوهان لاءِ رهندي.

محبوب جي سائي شاهه جيءَ پٽ شاهه لاءِ فاتحو پڙهيو. مون محبوب کان پڇيو، شاهه جيءَ ڪي ٻچا ٿيو؟ چي، گناهه بخشائي رهيو آهي.

پٽ شاهه کان رخ رکيو ٺٽي آدم ڏانهن ڏينهن لٿل هو. منهنجو خيال وانگي اٺين لال ڏسڻ جو هو پر صبح جو ڏسڻ، وهنجڻ ڪانسواءِ نڪتا هئاسون. ٺٽي آدم ۾ محبوب جو هڪ نيڪدار دوست ناظر خان رهندو آهي. پنجابي نوجوان آهي. ميونسپل بورڊ جو وائيس پريزيڊنٽ آهي. نهايت خوش اخلاق، زنده دل ۽ ملنسار، نهايت گرمجوشيءَ سان اسانجي مرحبا ڪيائين. سمان ڀاڄي وٺڻ لاءِ ٿيو ان وچ، ناظر خان ٺٽي آدم جون مشهور رانديون ۽ پنجابي لسيءَ جا گلاس تيار ڪرائي ورتا. سڀ ٿڪ لهي ويا.

۽ احمد سان گڏجي ٽيڪل پل ڪلب (نيشنل لبرل
اڪيڊمي پڙهڻ سان) ڏٺوسين. ڪلب جو ڊنر ڏاڍو سادو هو،
پر وڻندڙ سوپ. صرف ”ماني“ پلاءُ ورتا هئا. ڦل
ڦل، ڪل ٽڪڙو، چانهه پاڻي، ڪيڪ پيسٽريون، شربت
آئيسڪريم مطلب تہ طرحين طرحين جي سوادي ۽
لذيذ شين جي ڪمي ڪانہ هئي. ماحول ڪافي
خوشگوار ۽ کلڪي وارو هو.

اردو جي اديب ڊاڪٽر مظهر حسن ۽ سندس
دوستن نهايت خنده پيشاني ۽ حب سان مهمانن جو آدر
ستڪار ڪيو. لکنوي انداز واري نزاڪت ۽ لطافت
جو احساس ٿيو. ليڪن تڪلف برطرف! چند منٽن ۾
هري مري ويا جڻ ورهين جي واقفيت هئي. خاطر
تواضع، شعر و شاعري جو بہ سلسلو هلندو رهيو. هڪ
ٻہ سڄڻ باندرا نيشنل ڪاليج جا وديارٿي رهي چڪا
هئا. سنڌي ساهت جي ڪوهنور پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي،
پرنسپال اجواڻي، پرنسپال ڪنڊناڻي، پروفيسر رام
پنجواڻي، ڪماري پوپٽي هيرانندا ڻي ۽ ٻين اُنهن جو
وڏي صدق سان ذڪر ڪيائون. سنڌين جي هلچل
جي سرگرمين سان، خاص ڪري سنڌونگر (اُلهاسنگر)
جو بہ مٿن سمرتين ۾ احوال ورتائون. اردو ۽ هنديءَ
جي ڀيٽ ۾ سندن خيال سلجهيل ۽ آدرڻا لوارا هئا.
مظهر حسن صاحب تہ هنديءَ ۾ ڪافي ماهر هو. ڪين

٦ بجي شام جو ”ٽائيس پرڊائيس“ (سفرنامي) جو مهورت هو. ان جلسي ۾ ماهتاب محبوب، نور احمد ۽ جوڻيجو صاحب شرڪت ڪرڻ وارا ڪونه هئا. انڪري مون دل مان ٿي همٿيو، پر سنڌ جي اديبن ۽ فنڪارن سان گڏجڻ جو هيءُ گڏجاڻي جو موقعو هٿان وڃائڻ مناسب نه ڄاتم.

٦ بجي جو پروگرام ٨ بجي شروع ٿيو. وڊيو فلم - ٽيليويزن وغيره جو به بندوبست رکيل هو. سڄو هال ڪچا ڪچ ڀريل هو. آتي نثار حسيني، قمر سومرو، عبدالقادر جوڻيجو، جمال رند، حميد سنڌي، اسرار شاهه، ابراهيم خشڪ، خان محمد پنهور، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ظفر حسين شاهه، رحيم بخش ٿهيم، نصير مرزا، آغا قمرو، فاروق سولنگي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، شوڪت علي شوق، رباني، نسيم ٿيبو جوڙن قاسم ڪاريو ۽ فنڪارن سان بعد قربانئي گڏجاڻي ٿي. ڏاڍي سڪ، اڪير سان ڀاڪر پاتي مليا.

ٽالا بند هئم. اڄ روبرو انهن مارونئڙن سان سڪ ونڊيم. سليم کان موڪلائي ڏيتل مل ڪلب لاءِ روانو ٿيس. رئيس به هلڻ لاءِ آماده هو، پر مجبور هو. ڪلب مان واپس سليم وٽ اچي گڏجڻ جي ٽاڪيد ڪيائين. رئيس ان ڏينهن جو خاص پروگرام رٿيو هو.

... ...

حيدرآباد علمي، ادبي ۽ تمدني سرگرمين جو مرڪز بڻيو. ليڪن "ڪمبو" اڪيل رهيو. "اردو" ڏانهن بدگماني وارو رخ رهيو. اڄ حالتون بدليل آهن. سوچ ويچار جا قدر بدلجي رهيا آهن. اها سٺي علامت آهي... اهو نه وسارڻ گهرجي ته "ڀاشا" نه رڳو ڄاڻيءَ جي آلا آهي پر اظهار جو واهڻ آهي. پر جيڪڏهن "ڀاشا" جو غلط استعمال ڪيو وڃي ته ان ۾ ويچاري "ڀاشا" جو ڪهڙو ڏوهه. ڪابه ڀاشا زوري مڙهڻ سان پنهنجو اثر ڪونه ٿي وجهي. سياست نفاق پيدا ڪندي آهي، ساهت اتفاق يعني ايڪتا جو حامل آهي. خوشي ۽ سنتوش محسوس ڪيم جو اڄ سنڌ ۾ سنڌي - اردو جا اديب هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. "اردو" کي ڪوبه گهر ڪونهي. جيڪا اڄ "سنڌي" ڀاشا جي ڀارت ۾ درگتي ٿي آهي سرڪار جي سر- پرستي کان وڌيڪ عوام جي سهڪار ۽ سهيوڳ جي وڌيڪ درڪار آهي - ڪابه ڀاشا ڀومي کانسواءِ وڌيڪ جٽاءُ نه ڪري سگهندي. ڀارت ۾ ته اردو جهڙي مالدار ڀاشا ۽ انجي شاندار اتهاس ۽ پرمپرا جي قدر- شناسي ٿي رهي آهي.

"اردو اڪادمي"، "غالب اڪادمي" انجا مثال آهن. اڄ پاڪستان ۾ به هوا جو رخ بدليل آهي. اردو

اُن ڳالهه جي زبردست چاهنا هئي ته پاڪستان ۾ به سرڪاري ۽ غير سرڪاري (يونيورسٽي) سطح تي هندي سيکارڻ جو خاطر خواهه بندوبست هئڻ گهرجي؛ جنهن بعد ئي علائقن جي خوشگوار نتائن جي توقع ملي. سهينتڪ، سي پاوتا وارهون سفارتون اچن وڃن. هنن ٻڌايو ته ڦرباوڪر صاحب ۽ ناٿي بولاخان (ڪوهستاني علائقي) ۾ هندي جو خانگي طور سيکارڻ جو سٺو بندوبست آهي، خاص ڪري هندو ودياٿي سکن ٿا.

شروعاتي دور ۾ ڀارتي ۽ اتر پرديش جي حد کان وڌيڪ اردو نواز پناهگيرن (مهاجرن) جي نيتيءَ جي ڪارڻ سنڌي ٻولي، ساهت ۽ ڪلچر کي ميسارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. اردو اسڪالرن کي ان ڳالهه جو رنج و ملال هو. هنن جو اهو وشواس هو ته ڀاشا هر جاتيءَ جي آتما آهي.

مرحوم حيدربخش جتوئي "جيئي سنڌ" جو نال وجهي ۽ سنڌي ودياٿي ۽ دانشور (ٻڌيمان) ۾ ميدان ۾ آيا. جن هٽي هلچل ڪيو. "ون يونٽ" ٽوڙڻ بعد هڪوار وري "سنڌي ٻولي" کي حقيقي درجو مليو. سنڌ الڳ صوبو بڻيو. ڪراچيءَ کي صوبي سنڌ جي راجڌاني بڻايو ويو. حيدرآباد ۾ سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌالاجي کي ترقي ووپ ڏنو ويو. سنڌي ٻولي، تعليم، ساهت ۽ ڪلچر جي وڪاس جون واهون هموار ٿيون.

آهن. سنڌ جي صوبائي انفراديت، هستيءَ برقرار رکڻ لاءِ ۽ سنڌي ساهت، تعليم ۽ ٻوليءَ کي وڌيڪ مائيدار ۽ مالدار بڻائڻ لاءِ به، اهو نهايت لازمي آهي. ڊاڪٽر مظهر حسن وانگر اردو جي ٻين دانشورن کي سنڌي ڪلچر ۽ روايتن مان گڏو گڏ شاهه، سچل ۽ سامي بيکس، بيدل ۽ بوس، دلپت، آغا ۽ ڪوجل جي شاعري ۽ پيام کان سنجيدگيءَ ۽ گهرائيءَ سان واقف ڪرڻ گهرجي.

مون ڪيس ٻڌايو ته مان هندي پڙهندو آهيان. پر مون کي هندي سيکارڻ وارو ۽ ان ۾ پڪو ڪرڻ وارو استاد، اُتر پرديش جو هڪ مسلم ودوان هو، جنهن ٣٦-٣٧ سال اڳ حيدرآباد جي وسالا روڊ وٽ هڪ "وديا مندر" ۾ مونکي هندي سيکاري هئي.

احساس ساڳي آهي ته "هندي" جي وڪاس ۾ مسلم شاعرن جو ۽ "اردو" جي خزاني کي مالا مال ڪرڻ ۾ هندي اديبن ۽ مصنفن جو وڏو يوگدان آهي.

مثال طور: هنديءَ جا سنت ڪوي، پريم مارگي شاخ وارا سڀ مسلمان هئا. جهڙوڪ: قطبن، منجهن، ملڪ محمد جائسي، رحيم خان خانان ۽ رس خان. اهڙي طرح اردو ۾ رچناڪار ڪرشن چندر، فراق گورکپوري، مهندر ناٿ، رتن (ملاپ)، جسٽس ملا الله آبادي، منشي پريم چند وغيره سڀ هندو هئا. هندي - اردو

اخبارن ۽ رسالن جي ٻولي ڪافي سليس ڪئي وئي آهي.

سنڌين ۽ پنجابين، بلوچن ۽ پختونن جي ادب ۽ آرٽ ۾ "اردو" وارا دلچسپي وٺي رهيا آهن. ترقي پسند عناصر (اديب ۽ تعليمدان ۽ صحافي) هڪ ٻئي جي اوڏو اچي رهيا آهن. ترجمن ۽ ADAPTATIONS ذريعي هڪ ٻئي جي فن ۽ فنڪارن جي صلاحيتن ۽ عظمت، تخيلي قوتن کي به سمجهڻ ۽ پرکڻ ۽ هنڊائڻ جي مبارڪ ڪوشش شروع ٿي چڪي آهي.

مون کين ته هن نقطي کرائو ته ڀارت ۾ سنڌي ساهتيڪارن جا هندي ۽ ٻين ڀاشائن جي ڀيٽ ۾ اردو عالمن ۽ فنڪارن سان وڌيڪ خوشگوار ناتا آهن "سنڌي ۽ سنڌيت" جي ڪاز کي اردو وارن جي همت افزائي وڌيڪ ملي آهي. سنڌي لپي (رسم الخط) کي برقرار رکڻ ۾ به اردو جي روشن خيال ۽ ترقي پسند طبقي جو خاص سهڪار مليو آهي. جن ۾ خواجه احمد عباس ۽ بيگم عصمت چغتائي وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن. ان ڪري اسان به چاهيون ٿا سنڌ جو عوام، سنڌ جو پڙهيل طبقو، سنڌ جا استاد، شاگرد، تعليمدان، اديب، فنڪار ۽ سياستدان خاص ڪري "اديب" اردو ڏانهن پنهنجو "نظريو" بدلائين، انهن دور جون نيون تقاضائون

ڊرامگ. پروفيسر وقار احمد رضوي آهي. هو صاحب هنديءَ جو عالم آهي. سندس هندي پڙهڻ ۽ ڪوشش سان پاڪستان ۾ هندي وديارٿين جو تعداد چڱو وڌيو آهي.

پروفيسر رضويءَ کي اردو ”جنگ“ جي ايڊيٽوريل وارن مضمونن جو سٺو سهڪار مليو آهي، جن جو سار آهي: ”اسان کي پنهنجي پاڙيسري (ڀارت) جهڙو اسان جو رقيب (RIVAL) ٿو آهي، کي چڱي طرح ڄاڻڻ لاءِ هندي سکڻ لازمي آهي. ڇاڪاڻ ته ڀارت جو گهڻو ساهت هندي ۾ ئي آهي.“

ودياٿين ۾ اڌ کان وڌيڪ ليمگرلون آهن. پروفيسر رضويءَ جو لکيل هندي ريڊر ڪافي لوڪپريه آهي.

* * *

ان ڳالهه وقت نور احمد موڪلائي دڪان تي هليو ويو. رئيس نظاماڻي منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. هن کي انديشو هو ته رئيس اڄ اجازت ڪونه ڏيندو. نور احمد محبوب کي فون ڪري چڙهندو جنهن کين شڪر نه رهي ته دادا ڪيڏانهن ويو!

رئيس جــي ڪار سنڌالاجيءَ ڏانهن رخ ڪيو. سنڌالاجي پارڪ ۾ رمڻيڪ واتاورڻ آهي. اتي ڪباب ڪارنر آهي. رئيس جي ”محفل“ ٻڌي ”مڌوشالا“ ڪار ۾ ئي متل هئي، ان ڪري SNACKS جي گهرج محسوس ٿي.

جي ڪلاسڪ ادب ۽ صحافت ۾ مٿين نالا وڏي عزت ۽ ادب سان ورتا وڃن ٿا.

نور محمد، ڊاڪٽر مظهر حسن کي ڪن ۾ ڦوڪ ڏني- سندس سڄڻ جي فرمائش تي ۽ مون کين پنهنجي هندستاني رچنا ترنم ۾ ٻڌائي:

"آنسو نينا ترانه گائين"

هڪ ٻه سنڌي ڪلام، ٻال هئا اهي به کين ٻڌايم. موٽ ۾ موڪلائڻ وقت ڊاڪٽر مظهر حسن ۽ ٻين سنڌين ادبي رچنائون (اردو ۾) سوکڙي طور ڏنيون، جي ڪافي معياري آهن. اردو ۽ سنڌي جو هي سنگم سنڌ جي ڪلچرل فضا کي وڌيڪ خوشگوار بڻائيندو، اهڙو وشواس کڻي اتان موڪلايم.

* * *

پاٺڪن کي اهو ڄاڻي خوشي ٿيندي ته اڄڪله پاڪستان ۾ هندي لاءِ چاهه وڌي رهيو آهي. منهنجي دوري وقت ڪراچيءَ ۾ هڪ ڀارتي ڪلچرل سفارت جو شاندار سواگت ڪيو ويو هو. ان تقريب ۾ "رامائڻ" تي هڪ مسلم اديب عالماڻو مقالو پڙهيو هو. (البت اهڙين ڪلچرل سفارتن ۾ ڪو به سنڌي اديب-فنڪار شامل نه ڪيو ويندو آهي. اها افسوسناڪ حالت دور ٿيڻ گهرجي.)

ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ هندي وڀاڳ آهي. جنهنجو

اڪيلو وچڙ ڪري ڏيندو هو. مون رئيس کي اشارو ڪيو ته هن لاءِ سرو آڻند ئي آڻند هو. آءٌ ان ماري وٺڻي رهيس.

رات جو ڏينهن وڃي چڪو هو... مون ته سمجهيو ته مهمانن معزبان آسرو لاهي سمهي پيا هوندا. رئيس جهڪي سوچيو هو سو مهمانن جي من وڻان هو.

(ماڪا ۽ عبدالقادر کي ڪوارٽرن ۾ پهچائي رئيس موڪليو. ماڪا سنڌالاجيءَ ۾ تيار ڪيل ڪجهه ”ڪئسيٽ“ بعد ۾ سوکڙي طور ڏنا هئا.) ان رات رئيس اسرار ڪري ڏيکاريو. اهو وڏو داستان آهي. ”سفرنامي“ ۾ اڳي ئي انجي جهلڪ پيش ڪري چڪو آهيان. (چپ چاپ اڌ رات جو سن ۾ سائين جي. اهو سيد سان گڏ جاڳي.)

... ...

جام شوري جو ذڪر آيو آهي ته ڪجهه وسٽار سان ڏيکان. سن رسيده بزرگن ۽ سنڌ جي جاگرافي کان واقف پاڙکن کي اهو معلوم هوندو ته سکر بئراج کان اڳي سنڌ الهندو زرخيز ڪانه هئي. گهڻو ڪجهه حصو ريگستان هو. سکر بئراج ڪانپوءِ سنڌو ندي سڪل پٽ ساوا ڪري ڇڏيا. ڪوٽڙي-گدو جي وچ ۾ پل جو به آبادگارن ۽ آمدرفت کي وڏو فيض رسيو. ٻه هيٺر جام شوري جو بند ۽ پل ڪمهر ٽيڪ بعد حيدرآباد ضلعو ۽ آسپاس

ڪار ۾ عبدالقادر جوڻيجو ۽ رئيس جا ساٿي امين
مانڪوي ۽ حاجي خان ٻرڙو شامل هئا. سنڌالاجي
جي ڀرسان عملي (اسٽاف) لاءِ شاندار ڪالوني آهي.
هڪ ڪوارٽر وٽ پهچي پيل ڪار وڃايو. رات جو
وڳو - ١٢ ٻجا - نوجوان ماڪا دروازو کوليو. اسانجي
مرحبا ڪيائين.

٢٥ ورهين جو خوبصورت جوان- ان زال جو مڙس،
ڏاڍو زور ڀريائين ته گهر ۾ هلي ويهون ته خاطر تواضع
ڪجي. پر رئيس ڪنهنجي پرڻ وارو هو. من چوڻي!
ماڪا کي ٻه ساڻ نيئي هلي سهڻو جام شوري جي
”ڪڙاهي پوڙ“ واري دڪان تي. جتي ڳاڙو گوشت
ڪڙاهيءَ ۾ تيار ڪري گراهڪن کي پيش ڪندا آهن.
ماڪا کي ميزبانيءَ جو شرف ڏنو ويو.

سرا جو سُرور ۽ نيٽ جو خمار. بڪ ڪان سب بيحال،
ٿڪاوٽ ۾ چور. پر رئيس جي زنده دلي ۽ شرارتن
هڪ عجيب ۽ پرڪشش ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هو.
ڪاٺي آڪاس جي هيٺان، ٿڌاڻ واري هنڌ تي مزو پئي
آيو خوب پيٽ ڪري ڪاڌو سين.

اچانڪ مهڪجي اندر ۾ اُٿل پيدا ٿي، مهانا
محبوب ۽ ماهتاب، انتظار ۾ وٺنا هجن ٿا. ”دانا“
ڪيڏانهن هليو ويو؟ محبوب وس پڇندي مونکي

"ڪهي سا رهي، ٻولي ٻاروچن جي"
دادو ۾ ٽن جا ماڻهو سنڌا ۽ سنڌوانا، لسيءَ جو ونڊو چاڙهي، لٺ ڪلهي تي کڻيو، ٻـالم ٻڌيا ويندا هئا. اوطاقن، اوتـارن جون اڻ وسرندڙ ڪچهريون. تـڏا وڇايو، کٽ رکيو، چلم ٻيڪي؛ آئي وئي جـو آدر ڪندا هئا.

محترم علي محمد راشديءَ پنهنجي " آتم ڪٿا " ۾ دادو ضلع جو ورڻن هن ريت ڪيو آهي: "سنڌ جي قديم تهذيب جا آثار ڏوڪريءَ جي ڀرسان موهن جي دڙي مان مليا آهن. ليڪن ڏوڪريءَ کـان ڪوهڙي (دادو ضلع) تائين اهو سمورو رقبو "آثار قديم" جي گواهي ڏيندڙ آهي.

موهن جي دڙي کان ٻه آڳاٽو آهي- "رنيءَ جـو ڪوٽ" جو دادو ضلعي ۾ آهي. سنڌ ۾ سڀ کان اوچو جبل ٻه دادو ضلعي ۾ آهي جنهنجي اوچائي ڪوئٽيا کان ٻه هڪ هزار فوٽ وڌيڪ آهي.

سنڌ جي سڀ کان وڏي درگاهه قلندر شهباز جي، دادو جي دل ۾ استاپت آهي. "دمادم مست قلندر" "لال ميري پت رکيو ٻلا" اڄ سنڌين جو ترانو بڻجي چڪو آهي.

سنڌ جو " لڪي تيرٿ " جو پنهنجي شدت جي گرمي اُڪ ۽ اَڪ کان مشهور آهي اهو دادو ضلعي ۾

جي علائقي جي پوکَ ۾ زبردست اضافو آيو آهي.
جام شورو سيلانين لاءِ ڪشش جو مرڪز آهي. اهو
دادو ضلعي جو حصو آهي. ڀر دادو ضلعي کي شايد
ئي ڪولاپ ملي ٿو. "دادو" جهڙي "جادو" ڪري
چوندا هئا، ان جو به لاڙائي احساس آهي. ڪنهن وقت
لاڙڪاڻي ضلعي جو حصو هو، ڀر الڳ ضلعو ٿيڻ بعد ۾
پنهنجي سادگي ۽ سادہ لوحي سبب پڌري ٿي رهيو
آهي. دادو، ڪراچي، حيدرآباد ۽ نوابشاه. دادو - مورو
شاهي پل تعمير ٿيڻ بعد انهن چئن ئي ضلعن جـون
حدون سمجهڻ کان ٻري آهن. ان ڪري ٻين ضلعن
جي بهبودي دادو ضلعي جي پيٽ ۾ ا رکڻ سرس
ئي آهي.

دادو مالي لحاظ کان ترقي پذير هوندي به ڪلچر ۾
زرخيز رهيو آهي. دادو هر ڪيترن بهترين شخصيتن سان
سرفرازي کي سيڪارو آهي. انسان جي انسانيت سدا
۽ دولت جي ڪٿ چڙهڻ سان زنگ لڳل لوهه وانگر
اندر ٻاهر ڳري ٿي وڃي ٿو ماڻهپي جي دولت لازوال
آهي. اها نه ڪٽڻ جي نه وڃڻ جي. دادو جا ماڻهو
دغا، دولاب، چالاڪي، چاپلوسي مان نه ڄاڻن.
اهڙا جو سڌن وفاداري ٿي دوستي ۾ ناڻان آهي.
دشمن نه شرافت جو دامن نه ڇڏيندا، لاڳيندا ٿو
اهڙيندا ۽ هڪڻ قول پاڙيندا.

ڪري سنڌ جي شهرن ۾ واپار کي اوچ ڏني آهي. سنڌين
اولاد ڊاڪٽر، انجنيئر، وڪيل ٿي ملڪ جي خدمت
ڪري رهيا آهن. سنڌ جي رواجن کي ڪونه وساريو
اٿن. مهمانوازي، حلم، سهڻا سڀاجها، ملوڪ مهانڊن وارا
اهڙا ڪوهستاني- محبوب جي زبان ۾ "پڪمينڙا ۽ جوڳي"
ٻيو ڪٿي به ڪونه ملندا.

... ...

دادو سان مغلن جو اتهاس به جڙيل آهي. هندستان
جو مغل اعظم اڪبر سنڌ جي امر ڪوٽ ۾ جنميو هو.
سندس پيءُ همايون شيرشاهه جي هٿان شڪست کائي،
دادو ضلعي ۾ اچي پناهه ورتي هئي. سنڌ ۾ ان دور
۾ ارغون گهراڻي جو راڄ هو. همايون جي ڀاءُ هندال
جي حرم ۾ هڪ شهري "حميده بانو" هئي. ١٤ ورهين
جي عمر ۾ قلب کائي سونهن سبب ٣٣ ورهين جي
همايون مٿس هرڪو هاري وڌو. ڪافي مشاڪت بعد
همايون حميده بانو سان لانئون لڌيون ۽ ان بيگم جي
ڪک مان مهان سورما اڪبر جنميو هو. اها شادي
دادو ضلعي، جي "پاٽ نگر" ۾ ٿي هئي. همايون جي
ٻانهن ٻيلي خان خانان بهرام خان جون مرزا عيسيٰ ترخان
۽ سلطان محمود بکريءَ واري سان لڙائيون دادو ضلعي
جي جبلن ۾ اڳيون هيون.

... ...

سنڌ ۾ پاڪستان جي صحت بخش گرم پاڻيءَ جي
چشمن جي ڪري مشهور آهي، جن ۾ لڪيءَ جي ڀرسان
۽ جهڏوري جا چشما! هينئر ته جيالاجيڪل سروي جي
رپورٽ ان ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي ته هماليه
جبل کان ٻه جهوٽو جبل آهي "لڪيءَ" وارو جبل،
جيڪو سمنڊ مان نڪتو آهي. اڃا به ڪوچ جاري آهي.

دادو جي منڇر ڍنڍ ڏانهن جوڳو ڌيان ڏنو وڃي ها
ته شايد دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ ليکي وڃي ها.

دادو ضلعو اڄ به پال پلائي رهيو آهي. ڪوٽڙيءَ
جام شوري جي بئراج ڪري حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعن
جي ۳۵-۴۰ لک ايڪڙ زمين آباد ٿي آهي.

شاهه صاحب به فرمايو آهي:

”ڪنڌيءَ سڪائين ڪانهن، پاڻ پلا پوڙئين“

اڄ به جام شوري وٽ. ڪوٽڙيءَ جو دنيا ۾ بينظير
پلو کائڻ لاءِ شوقين موٽرن ۾ اچي قطارن ۾ اوسيڙو
ڪندا آهن. سنڌ يونيورسٽي ظاهري طور حيدرآباد ۾
آهي پر جام شوري جي ڪري اهي ٻئي دادو ضلعي
جا ئي حصا سمجهڻ گهرجن.

دادو جو ڪوهستاني علائقو کليل هوا جي ڪري
اڪسير آهي. ڏاٽو بولاڻان ۾ سنڌي هندن جو ڏاڪو
آهي. سکي ۽ خوشحال ڪٽنب آهن. اڳي علم ۽ واپار
کان دور هئا. جهالت جي اونداهه ۾ غرق هئا. انهن

جهڙا ڏٺئون، رئيس ڪار ۾ "ارم نما" جي ڦاٽڪ وٽ لاهي، رفو چڪر ٿي ويو.

مون گهنٽيءَ جو بٽڻ دٻايو.... اندران "دادا، دادا" جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو... ڦاٽڪ کليو... مرشد؟ زمرد ڏسڻ سان اچي چنبڙيا.

زمرد جو اُلساهه ڏسڻ وٽان هو... هن لاءِ دادا کان سواءِ "جنم ڏينهن ملهائڻ بيسود هو." پر اسانجو محبوب ميان!... سندس قياس جوڳي حالت ڏسي، منهنجي اندر ۾ جهوريو اچي ويو... من ئي من ۾ پشيمان ٿيس. چپڙ چالو واري ٻئي ٿي مونهن مونن ۾ وجهي ويٺو هو..... جڏهن ٻڌائيسي گهوٽ "پرڻي سان واپار ڪري ويٺو هو"...

"بس، دادا ساڻ ڪٿي آهي ...... دادا، اسان کي ڪيترو حيران ڪيو اٿو؟.." رتل ننڍي ٻار وانگر شڪايت ڪرڻ لڳو. اتري ۾ ماهتاب اندران نڪري آئي... الا! سنڌ جو گلاب چند ڪلاڪن ۾ ئي ڪومائجي ويو هو.

ماهتاب جو مکڙو ڏسي اوجن شاد ڪيس "سنڌ جو ماهتاب" (چنڊ) سڏيو هو، موهن ڪلپنا "تاج محل"... نسيم ڪرل، "چوڏهين جو چنڊ" چوندو هو - پر مونکي ته هوءَ سنڌ جي مٽيءَ ۽ سرهاڻ سان ڳنڍيل "گلاب جو گل" نظر آئي.

سنڌ جو ھيرو دولھه دريا خان سنڌ کي ڌارين جي غلاميءَ مان آزاد ڪرائڻ وارو ميان يار محمد ڪلھوڙو دادو ضلعي جا نر مڙس ھئا.

پر وري ٽالپرن جي حڪومت جو ٽرو ڪيڻ وارو ۽ انگريزن کي سنڌ فتح ڪرڻ ۾ مددگار سيٺ ناؤنمل ھوتچند ڀوجواڻي جو خاندان به دادو ضلعي جو ھو.

اڪبر جي دربار جا نو رتن- انھن ۾ آبدار رتن ابوالفضل ۽ فيضي وڏا عالم ۽ فاضل ھئا. انھنجو والد شيخ مبارڪ سيوھڻ جو ھو (ضلعو دادو).

ھر قسم جي پوک، آبھوا دادو ۾، ھر قسم جو جھنگلي پالتو يا شڪاري جانور دادو ۾ - جنھن جي ساک ڏيندي مشھور عرب سيلاني ابن بطوطا جو حوالو ڏيندي ھڪ عالم، الھاسڪار لکيو آھي ته سيوھڻ جي بيلن ۾ گينڊا ۽ شينھن به ھوندا ھئا. ھر قسم جو پکي ڏيھي خواه پرڏيھي دادو ضلعي ۾، ھر ذات جي مٿي دادو ۾ ۽ ھر قسم جي معدني ڌن دولت دادو ۾. اڄڪله پھاڙي علائقن ۾ کاڻين مان اڻڳڻ دولت (معدني) ملي رھي آھي.

*　　　*　　　*

(١٦)

١٠ ڪارخانا جو عجب آھن. مھجي لاڏلي رھبر جو

اوهانجي ڳولا ۾ ويو آهي. نور محمد ٻڌايو ته رئيس سان آهي - مون به ڪيس وري سمجهايو ته رئيس ڪيس وٺي ويو هوندو... رئيس جون رمزون جاڻين ٿو، تون فڪر ڇڏ ۽ آرام ڪر." ڪن ٻڌي ماهتاب ڪلهدي چيو، "دادا، اڄي مونٽي مٺيو. ڇ ي، مهمان تنهنجو حيران آءُ پيو ٿيان!" ماهتاب وري ٺهڪ ڏيندي ٻڌايو ته، "ويچارو جبر! اوهان جي ڳڻتيءَ ۾ ڪيس گهمرا ٿي پيا!" (دل ۾ چيم ته هڙئي دلبر ٿان ساهه صدقو! من احترام ۽ پيار سان ڀرجي ويو. ڏک به ڏاڍو ٿيو-دادا، سڄو ڏاءُ به جيڪر اهڙو انتظار نه ڪري).

مون ڪيس ڀاڪر ۾ ڀري ورتو. خير-سڳي ساعت جو ساهه کنيو.

"صبح کا ڀـولا شام کـو گهر لوٽ آئي ته وه ڀي نهين ڀـولا"...... وهنجي سهنجي ليٽي پيس.

ڪافي دير ننڊ ڪيم... ماهتاب اچي جاڳايو...... اک کلي.

ماهتاب کلندي چيو، "اوهانجي لاڏلي زمر سالگره ملهائڻ جي مڪمل تياري ڪري چڪي آهي. اٿو، اوهانجو ئي انتظار آهي."

منهنجو چهرو ٿڪاوٽ ۽ پشيمانيءَ سبب اجهـا ۽ ملول هو. خير-سڳوري حال ۾ گهڙيس. واهه! زمر راجڪماريءَ وانگر سڳوري ليٽي هئي. سندس ساهيڙيون

سنڌ جي مٽيءَ جو ذائقو ئي اور آهي. سنڌڙيءَ
جي ڪک مان جيڪي پيدا ٿيا، سنڌوءَ جي ئي گود ۾
جيڪي پروان چڙهيا، تن ۾ ڪيترائي مچاري موهاڻين
وار پيدا ٿيا آهن - نه نه ڀارت جي ڪيترن ئي راڄن
۾ انيڪ سکي شاهوڪار ڪٽنب آهن، جتي گهڻو ڪيترو
مال ملڻ جي ڪمي ڪانهي. اهڙن خوشحال ڪٽنبن
۾ نينگر - نينگريون ڏسو - سبحان الله - شڪل پڻي
شمشا پڻي!

قدرت، پنهنجي ڪارسازيءَ سان سونهن جي سخاوت
سنڌ و مائريءَ ۾ ڪئي آهي سنڌ جي گلزار جو سدا
بهار گل آهي ماهتاب!

ماهتاب ڪي ڪهڙي، اٿي پاڻ ۽ سخاوت سينگار
جو به ڏانو آهي. نيٺ به نه هوءَ هڪ فنڪار آهي...
صورت ۽ سيرت جو هڙو خوبصورت سنگم اوهان ڪي
ورلي ڪٿي نظر ايندو.

اندر ۾ غبار هوس - لري آهس... پر مونکي ڏسڻ
سان ئي سندس چهري تي رونق اچي ويئي - چيو،
"دادا، ڄڄوءَ (محبوب) کي ڪيترو سمجهايم. دادا
پار ڪرنهي. اصل ته حيدرآبادي آهي، ڪيڏانهن ئي
نٿو ڪندو، اچي نڪرندو. پر دادا، ڄڄوءَ کي ته اوهان
جي پڇڙ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه سجهي ئي ڪونه. ڏاڍو مل
ڪاٿ ۾ ڪڍهن ڪرڻ وڃي، رات جو ۲ ڀڄي الڳي

اديبن سان سندس گهر ۾ گڏجاڻي. ۸-۳۰ بجي رات جو آئي پهتاسون.

ان محفل ۾ محترم جوهر صاحب، جمال رند، آچار، حميد سنڌي، ظفر حسين شاهه، پروانو ڀٽي، ايم-ڪاف شيخ (آرٽسٽ)، ڪلان جوهر، محبوب، مسز نور احمد، فهميده حسين ۽ ماهتاب کانسواءِ ٻين ڪي ليکڪائون ۽ اُسرندڙ اديب به شامل هئا.

محفل ۾ واڄي رباب جو به بندوبست ڪيل هو. فنڪار رهبانو آرٽسٽ قمر سومري ۽ پارٽيءَ سنڌيءَ جا چونڊ ڪلام ڳايا. جن ۾ "جيئي سنڌ و دلشاد" "سنڌڙيءَ لاءِ سر ڪير نه ڏيندو؟" کانسواءِ ڪي روحاني صوفي ڪلام ۽ عشق و محبت جا نغما به هئا ڪي رومانيت وارا گيت:

دل جو دلبر هڪڙو - گهڻا ٿان نه ڪجن
دل ڀي ڏجي هڪ کي - ٻوڙي سؤ سڪن
سي چاولا چئجن - جي در در لائن دوستي.

تاجل بيوس ۽ "اياز" جو ڪلام دلين کي ڌڌڪائيندڙ هو. حميد سنڌي سڏڪا ڀرڻ لڳو. سڀني جي اکين ۾ نمي هئي. ماحول ۾ ڏاڍي سنجيدگي اچي وئي. نور احمد آئي به والهانو فلم جو ڪمال پيش ڪيو. ماهتاب جي فرمائش تي مون به دڪايل جو ڪلام ۽ هندي ۾ "آئو نيا ترانه گائين" پڙهيو. جمال رند جي ٺهڪڙن ۽ چرچن

ڪيس ڳھرو ڪري ٻڌندا ھيون. ٻيا ننڍا ٻارڙا، جن ۾ ماھتاب جون ٻه ڀائٽيون به ھيون - نور احمد ۽ سندس وڏي ڪڪي، ارم، مرشد... نور احمد جي ھٿ ۾ ڪيمرا ۽ زمر لاءِ آندل سوغات! (ٻين جو سيٽ-زمر ان ٻين سان ٺهي مونکي عمدي رنگين گلن واري ڪاغذ تي ٻارنهن خط لکندي آهي.) وڏي ٻو قلم جي ٻه اياري ڪيل ھئي.

ٻارن جو ڊانس شروع ٿيو. زمر ڪيمرا، چاڪليٽ ورھايا. سڀ کان اول مونکي ڏنائين. ڪيس ٻئار وچان ڇوڪري ڀائي مٿي تي آسمس ڪندي مسڪ تي چمي ڏنم. اکين ۾ آب ڀرجي آيو... جو ھھڙي پياري ٻار کان وري جلد جدا ٿيڻو پوندو...

محبوب کسي شرارت سوجھي. چيئين: "دادا BE SPORTSMAN اوھان به ٻارن سان ڊانس ڪريو.... سو پاڪستاني ڊريس ۾... سفيد وارن واري دادا کي به ٻارن سان نچڻو پيو...زمر جي دل گھري ساھيڙي ۽ ڪلاس ۾ ھوشيار ٻالڪا ھئا جو ڊانس قابل تعريف ھو. زمر به موج ۾ اچي وئي... ان بعد ڪيڪ ڪاٽيو ويو. "ھئپي برٿ ڊي" راڳ سڀني گڏجي ڳايو ۽ تاڙيون وڄيون. چوڌاري چوڏو ٿيو. سڪ سان سالگرھ جو جشن پورو ٿيو.

آخري ۾ نور احمد ٻي ٽڪيٽ جي ڳالھ ڏساري.

ڪئمبلپور ڪار هٽي. مون سامان کڻڻ لاءِ جيپ ۽ ــر
ماهتاب اجازت نه ڏني، هن چاهيو ته شام جو واپس
گهر پهرا ٿيون.

اسانجي ڪار ١٠ بجي رواني ٿي. جام شوري کان
پل پار ڪندي شاهراه تي پهتاسون. پاڪستان جو
پهريون هاءِ وي. ان ڪلاڪن ۾ سفر پورو. ڏور ڏور
تائين ڪوهستاني علائقو پکڙيل. مسافرن لاءِ وستي ۾
ٻه چار ريسٽورنٽس آهن جن ۾ اسانجي اديب يوسف
شاهين جو به ريسٽورنٽ آهي. ڪوالٽي، صفائي، هر
لحاظ کان شاندار سروس هٽي. ڪيڪ، پيسٽريون، مکڻ
توسٽ، پيزا، سموسا نهايت سوادي ۽ لذيذ هئا.
سافٽ ڊرنڪ ۽ چانهه- ڪافي به گهر جهڙي سوادي.
گهر مان نيرن ڪري اچڻ جي باوجود پيٽ پوري
کاڌوسين. ڪوهستاني ڪيٽر ۽ ٻئي طرف ٺٽي ضلع جي
آب و هوا جو به اثر هو. هاضمو تيز ٿي ويو هو. يوسف
ڪونه مليو پر سندس مئنيجر اسانجو دلي سواگت ڪيو.

١٢ بجي ڪراچيءَ ۾ وارد ٿياسون. ٣ ڪلاڪ سڄو
هٽي ۽ هيٺ ڏٺهن هو. آڪاس صاف هو. سج تيز
هو. وڏن وڏن شهرن ۾ ٽرئفڪ جي ڏهما ڏهي هٽي
به هٽي. واهڻن کان وڌيڪ واهڻ هئا. مجبور
چالاڪيءَ سان "شارٽ ڪٽ" ڪري بندر روڊ
ايڪسٽينشن. بندر روڊ، ميونسپل ڪارپوريشن، سواءِ

گهڻن ڪانپوءِ مون ڪين ڀارت ۾ سنڌي هاريءَ جو مختصر احوال ٻڌو جو سڀني دلچسپيءَ سان ٻڌو.. اُتي بـــ ڇهه ڇورو ڪهو ويو... حيدرآباد جي پارٽيءَ ۾ سڀ حضرا رات جو ١٠ بجي مجلس پوري ٿي.

گهر ٿانهن موٽندي مون ٿڪو شوڪارو ڀريو ته هن عارضي وصل ڪانپوءِ وري جدائيءَ جون گهڙيون نصيب ۾ هيون... اڄ هيءَ سفرنامو لکندي اُنهن ماڻهن ـ ٿن جي ياد ۾ منهنجو من ڪيترو نه مچلي رهيو آهي اها ڪيفيت بيان ڪرڻ ڪان ٻاهري آهي...

(١٧)

١١ تاريخ قائد اعظم جناح جي ورسيءَ جي ڪري موڪل جو ڏينهن هو. انڪري ڪراچيءَ جو پروگرام رٿيو ويو. ڪراچيءَ ۾ گهڻو ڪجهه ڏسڻ جي لائق هئي. ڪراچيءَ ۾ صرف ڪاڪ ۾ ٿي پروگرام ڏسڻي هئي. "من شانين" واڙا ساهرا آهن، پر سنڌين پورٿين ڏينهن جي رخ موڙيندي تراس ڪري ورتو هو. پر وڏا ۾ سنڌين الدارس ڏٺل هئي انڪري هڪوار گڏجڻ ضروري هو. چاهيم ته محبوب کي ڪجهه راحت ماڻي، ڪجهه ٻين اي ميزبانيءَ جو اسرار وجهان. محبوب لڳاتار منهنجي شيوا ۾ هڏ ڪان وڌيڪ ميزبانيءَ جو رول ادا ڪري رهيو هو. سو منهنجي ساٿي رفيق، ڪڪي مرشد سان گڏ موٽڪي ويندي ڪراچيءَ لاءِ ڪار ۾ اسهيو. الهر ـ

ڪلفٽن تي پارسين جو واندرگاهه آهي. اتي عرشه آئيس ڪريم کاتي. بستيءَ ۾ هرمن موهاٽا، گابا، بيگم نصرت ڀٽو، کهڙي جا شاندار بنگلا ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جو هڪ يادگار ڏسي سگهاسين. ان تي ڀٽي صاحب جا ڪي واڪيا اُڪريل هئا. اتي ته فوٽا ورتا ويا. پرسان اسماعيلي خوجن جي امام آغاخان جي ڪروڙن جي لاڳت واري نئين عميق اسپتال ڏسڻ وٽان هئي. جنهن لاءِ ڪ اسپتال ڪاڻ ٻه. ان جو آڪار وڏو هو. ان ۾ چار سو بسترا ٿيندا. هر قسم جون ماڊرن سهوليتون ۽ هر قسم جي علاج جي ونوستا. خوجن کي (بيمارن). ڪسي اڳرائي ڏني ويندي.

عمارتي فن جو ٻيو ڪمال آهي. ”حبيب پلازا“ حبيب بئنڪ جو هيڊ ڪوارٽر. سو ان رات ٻي پرڪرما ڦرندي مونکي اولهه ڏانهن ڪراچيءَ جا نظارا اکين اڳيان ڦرڻ لڳا. ۱۹۴۲ جي هلچل وقت نڪتل پرڀات ڦيرائون. جنهن ۾ د ڪاهل جا قومي ترانا ڳائبا هئا.

فرض ماتا جو چڪائيندين تون ڪڏهن جوان اچي،
ملڪ مادر تان ڪڏهن ٿيندين تون قربان اچي!

۱۹۴۳ ۾ ۲۱ جنوري تي سکر جيل ۾ سنڌ جي نوجوان ”هيمون ڪالاڻيءَ“ کي ڦاسي ڏني وئي هئي. امر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جو ماتم ملهائڻ لاءِ نڪتل شاهي سرگس ياد اچي وئي. سنڌ جي لاڪيٽي

ناراڻ مندر، رام باغ، گاڏي کاتي، سٽي لائيٽ، بولٽن مارڪيٽ، لڪشمي بلڊنگ کان ٿيندو ڪار کي فريئر روڊ - ڪيماڙي ڏانهن گهمايو. ان بعد ڪلفٽن جي پرڪرما ڏيئي اسان نئين ڪراچيءَ جي طارق روڊ تي پهتاسون. تاج بلوچ ۽ يوسف شاهين جا دفتر (ارسات ۽ لطيف رسالا) لڳو لڳ آهن. تاج سان روح رهاڻ ٿي. هن کي ٽي - وي سينٽر تي پهچايو هو.

محبوب اڄ هڪ چيني ريسٽورنٽ تي وٺي هليو. چيني کاڌو اڄڪلهه هر هنڌ لوڪ پريه آهي. اڄ هڪ دوست وٽ وٺي هليو. هوائي جهاز جي ٽڪيٽ مون کان وٺي ڪيس ڏنائين. ١٧ کان ٢٤ سيپٽمبر تائين جيڪا سهوليت واري تاريخ ملي اها وٺي ”ڪنفرم“ ڪرائي ڪيس فون تي سوچنا ڏيڻ جي تاڪيد ڪيائين.

اهو اونو لاهي اسان وري ڪلفٽن ڏانهن رخ رکيو. ڪراچيءَ جي ڪڙ - ڪڙ ۾ سورنهون سمال هئون. ڪيترا پراڻا دوست قلم جي ريال وانگر ذهن ۾ گهمي رهيا هئا. محبوب منهنجي دلجوئي ڪرڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو. رفيق کي حيدرآباد پهچڻ جي تڪڙ هئي. سو وري ٻئي ڪنهن سان گڏجڻ جا موڪلائڻ جو خيال لاهي حيدرآباد لاءِ رخ رکيو. ”ڏنو ٻهر پهچي مراد“.

... ...

ٻهراڻون مٿن جو ڏٺو ۽ ساڻس ڪيترا سال مٿن ٿي رهيو. سنڌ جو سائين محترم جي. ايم. سيد "جنب گذاريم جن سين" ۾ لکي ٿو ته "جمشيد پارسي" هو. ١٩٠٩ ۾ ڊاڪٽر انيءَ بيسنٽ سان واقفيت بعد، ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو ميمبر ٿيو. صوفي مت جو هئڻ سبب وحدت جو قائل هو. رمضان جا روزا به رکندو هو، نانڪ - ايسٽر تي چرچ ۾ به ويندو هو ته هندن جي ڏڻ وار ۾ به وڃي شامل ٿيندو هو. خدا پرست، ڪرم يوگي، اعليٰ مفڪر (مهان چنتڪ) ۽ درد مند دل رکندڙ لاثاني انسان هو."

سائين سيد لکي ٿو ته، "مجسم ڪرشڻ" هو. ڪرشڻ مهاراج لاءِ مشهور آهي ته هو پريم جو اوتار هو، سندس پريم ليلا چانئيل هئي جو سندس هزارين زالن ۽ گوپين مان هرهڪ تي اهو اثر وڌل هو ته ڪرشڻ سندس محبوب آهي:

"ڪوڙين ٿهڻون ڪامڻيون
تون ڪوڙين سندو ڪانڌ" (شاهه)

جمشيد تي سوين ناريون فدا هيون، پر هيءُ خوبصورت ۽ خوبسيرت انساني نفساني خيال کان آجو، محبت جو اوتار هو.

بي لالچ خدمت ڪرڻ وارو جمشيد صوفين جي صدا جو قائل هو ته:

لال هيمون جي قدمن ۾ سر ٿرڙا وڃان جهڪي ويو.
اهڙو ئي هڪ نوجوان اسلم اڇڪزئي به ياد آهي.
جنهن به سکر جيل ۾ برٽش حڪومت جون ڏاڍايون
مرڪندي برداشت ڪيون ۽ ساهه وڃڻ گهڙي جوانيءَ
۾ سنڌڙيءَ تان ساهه صدقو ڪري ويو!

... ...

ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن کي ڏسندي جڏهن ڪراچيءَ جو ابو ”جمشيد نسروانجي“ ياد آهي. اهڙو نسل اعتبار ڪونه ڪندا ته هڙو انسان هن ڌرتيءَ تي پيدا ٿيو هو. هنديءَ ۾ هڙي فرشته سيرت انسان کي ”اجات شترو“ سڏيندا آهن. آءٌ نه سمجهان مهاتما ڳانڌي، جمشيد کان وڌيڪ اهنسا وادي رهيو هوندو! ڪراچي ۽ جمشيد هڪ ٻئي جا ”پورڪ“ هئا.

هو پنهنجي دور جو سچيارو واپاري، ڪرڻ جهڙو داني ۽ حاتم طائي جهڙو غريب نواز سخي مڙس هو. نسوارت شيوا سبب کيس سنڌ اسيمبليءَ تي دادو ضلع مان چونڊيو ويو پر کيس نڪته چيني برداشت نه ڪري استعفا ڏيڻي پئجي وئي. وري سياست جي ”س“ کان به تاعمر دور رهيو. اهڙي حساس طبع جو مالڪ هو. زندگي ڀر سفيد کاڌيءَ جي وسترن ۾ رهيو. کيس پيار وچان ”جمي سيٺ“ ڪري چوندا هئا. پنهنجي سان نرو سچن سان سچو. ڪراچيءَ جو

ڪو ڏڪر واسي، جانور، وڻ، پاڻيءَ کان وانجهيل رهي. (ان ڏينهن پاڻيءَ جي اڻاٺ هوندي هئي.) پاڪستان ٺهڻ بعد شري جواهرلال نهرو ڀارت ۾ ڪيس وڏي پد جي آڇ ڪئي پر جمشيد ڪراچيءَ ۾ ئي رهڻ جو فيصلو ڪيو. ١٩٥٢ ۾ هيءُ مهاپرش پرلوڪ پڌاريو.

... ...

ڪراچيءَ ۾ ئي ورلي انگلا جهڙي سپاهيماڻي هئي جنهن ديش ڀڳتي، ساهس، ويرتا ۽ راجنيتي ۾ اصول ۽ ايمانداري سان نباهه ڪرڻ جا نوان ماڻ قائم ڪيا. بي. اي. پاس ڪرڻ بعد آزاديءَ جي هلچل ۾ سرگرم ڀاڱو ورتائين. انيڪ سور سختيون ۽ جيل ياترائن ۾ ڪشالا برداشت ڪري، استرين ۾ سڄاڳي آندي. گانڌيجيءَ جي رهبريءَ هيٺ هن سڄي زندگي برهمچرج جو پالن ڪيو ۽ وطن جي خدمت پاڻ کي ارپڻ ڪيو، سندس قرباني ۽ ڏاهپ جي سبب ڪيس سنڌ اسيمبلي تي چونڊيو ويو ۽ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر چونڊي. ان ڪرسيءَ تي وهندي هن اسيمبلي جي ڪارروائي جنهن شان ۽ قابليت سان هلائي تنهن سڀني کي حيرت ۾ وڌو. ڪانگريس جي پد ۽ مشهوري کان دور هن ديش جي سماج سيوڪا تي رهڻ کي ترجيح ڏني. سادگي ۽ شالينتا اهي سندس زيور هئا. تن تي کادي کانسواءِ ٻيو وستر ڪين پهريائين. ورهاڱي بعد

"ڪر ڪا ڳنڍڻ جي ڳالهه، چڱو عجب ڇا آهي."

اسان معمولي انسان هون مها پرش جي مهانتا جو ڪاٿو ڪيئن ڪريون؟ ڇاڪاڻ ته انسان جا اصول مٿرو ۽ معمون آهن ته تضادن ۽ ٽڪرارن جي هن دنيا ۾ اڙجي طور ٽڪر ٿيندو رهي ٿو. ماڻهوءَ جو مزاج به ان اڙانيل پاڻيءَ مثل آهي جنهن ۾ آسانيءَ سان هر رنگ ۾ رڱجي سگهجي ٿو. پر جمشيد کي مون هڪئي رنگ ۾ ڏٺو هو دهوتا جو جڻ درشن ٿيو. ڪنهن نه ڪنهن جي مشڪل آسان ڪندو ويندو هو. ڪنهن جي دل ڏکوئڻ نه پري پر ڪنهن کي به انڪار نه ڪيائين. انسان ته ڇا پر پسون پکي به سندس دلها ۽ شيوا جا پاتر بڻيا. وڻ ٽڻ، گل ٻوٽا، سڀ جي سار لهندو هو. ڪڏهن ڪنهن جي گلا، غيبت شڪايت جو اکر سندس زبان تي ڪين چڙهيو.

آڌيءَ رات جو به ٻيڙو روڪي بيٺو پاڻيءَ سان رستو ڏيکاري. سندس عقيدو هو: لاسين ٻين ڀلاءِ جاسين ساهه سرير ۾!

ڪراچيءَ کي اهڙي رت ناهيائين ۽ سينگاريائين جئن ڪا ماءُ پنهنجي ممتا ڪري نڇاور ڪري شاديءَ جي رات پنهنجي سڪيلڌي ڌيءَ کي هار سينگار ڪرائي. ڀاڻ صبح جو سلان ڪندو هو، ماڻهل ۽ وزن ڪيل هڪ ڳيلن پاڻي ڪياڙيندو هو ان ڏاڪڻ ٻوڻا

ڳنڍيل اٿ صديءَ جو احساس جناح صاحب جهڙي رنگارنگي شخصيت سان جڙيل آهي...

*　　*　　*　　*

رات جو حيدرآباد سڪ سان پهتاسون. گهر ۾ ماهتاب ۽ ٻار انهن اچي چنبڙيا، جڻ ورهين کان وڇڙيل مرڳي گهر ۾ آيو هجي. ماهتاب چيو "دادا اسان سڀ توهان اوهان کانسواءِ اڪيلائي ڪيئن گذاريو آهي. ڏاڍي اڪيلائي محسوس ٿي."

اڄ به ماهتاب جا پيارا ۽ ٻيل مٺيان لفظ ڪنن ۾ وڄندا آهن هڪ سريلي گيت جي سٽ ٻڌجي. ماهتاب کي چوڻ چاهيم: "توهانجو هيءُ پرڏيسي دادا چند ڏينهن جو مهمان آهي...... پوءِ هن لاءِ ايترو موه ۽ انتظار ڇو؟" پر ڪونه چيم. ڇا ان پيار جي ڪائي موٽ سواءِ پيار جي ٿي سگهي ٿي؟... ڇا انهي ڪٺ ناٿي سان ٿي سگهي ٿي؟... هرگز نه؟

مان نهايت ايمانداري ۽ انڪساريءَ سان اهـا حقيقت دهرائڻ چاهيان ٿو ته مونکي جيون ۾ جن نارين ماءُ ۽ ڀيڻ ۽ ٻالڪيءَ جي روپ ۾ پيار ڏنو آهي، سڀني ماءُ کانپوءِ دل جي گهرائين مان، ڪنهن انتهائي درجي جي بي لوڀ، بي غرض پيار ۽ ممتا سان منهنجي دل جي واديءَ کي سرسبز ڪيو آهي، شاداب ڪيو آهي، تن ۾ "ماهتاب" جو درجو سڀ کان بلند آهي......

ڪيس ٻمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ڊپٽي چيئرمن چونڊيو ويو. اهو پد به وڏي هوشياري سان هلائي ناماچار ڪيائين. نوجوان هائوسنگ سوسائٽي جي سهاري هيٺ هزارين وچولي درجي جي ڪٽنبن جي آرڪ اسٽي ڪي ٿهان ۾ رکي. جيئن پيڙ ماهير، ماڊونگا، ڊمنگٽن ۽ چيمبور ۾ نگر وسايا - اڄ اهي سندس يادگار آهن. هن ڪاري ۾ شري **منگهارام سپاهيملاڻي** سندس سروٽو. ساڻس ئي رهيو آهي جو اڄ به سندس سڪاوت جا ڪارڻ - ٽرسٽ نشڪام ڀاو سان هلائي رهيو آهي، جن مان انيڪ ضرورتمندن جون، وديا ۽ صحت جون ضرورتون پوريون ٿي رهيون آهن. **جيڪي سپاهيملاڻي**، گنگا گدواڻي، پارولي گدواڻي جيٺوارون ڏيهش سيوڪاڻون هر قوم ۽ جاءِ لاءِ وردان آهن.

٢١ مئي ١٩٧٨ تي سنڌ جي هن ور انگلا سڪمنيءَ جو پاڻ پڙهندي ٻمبئيءَ ۾ پنهنجو پساهه ڪيو.

... ...

ڪراچيءَ ۾ ئي پاڪستان جي جنم ڏاتا قائد اعظم جناح جو جنم ٿيو ۽ اتي ئي هن پاڪستان جي قيام بعد پهرئين گورنر جنرل جي حيثيت ۾ واڳون ورتيون ۽ اڄ سندس مقبرو - ڪراچيءَ جي ٻهڪرن ۾ دلڪش زيارت گاهه آهي. هڪ تاريخي يادگار!

ڦاٽن ۾ رکي ڪنٽونمينٽ اختياري وارن اها "عدالت" ڪئي ٿي ڏسجي.

سنڌي ميمڻ حاجي مدان حلوائي جي دڪان تي سيرو، مالپڙو، پڪوان، دال جو دلپسند ناشتو ٿيو، مٿان لسيءَ جو مائيدار گلاس، رڳو ڳري پئي... محبوب ڪاٽيج، پيٽي جو شوقين آهي. ڪڻهن چيز، دوست، ماڻهو، ساٿي جي انتخاب (چونڊ) ۾ سندس پرک قابل تحسين آهي. ڪنٽونمينٽ اريا ۾ "باميٽي بيڪري" اڃا تائين قائم آهي. پاڪستان ۾ بهترين بيڪري آهي. انجو مالڪ سنڌي هندو آهي. ملازمن ۾ مهاجر گهڻا آهن. ٽمر جي جنم ڏن جو ڪيڪ ان بيڪريءَ ۾ تيار ڪرائو ويو هو.

*　　　*　　　*

صدر اريا جا ٻه هند مهذبي هندو آبادي جيون جا اهم حصا هئا. هڪ رسالا روڊ - صدر بازار جتي "هاري حقدار" جي آفيس هئي ۽ ٻيو پائي پرتاب جو "مندري پون" جو ميناروڊ تي هو، رسالا روڊ جي مهڙ ٿي.

اڪيچار ياد گهرائون جڙيل!

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ ٻه آن آڙاضي ۾ اچ وچ گهڻي هوندي هئي. لکنوي شيرواني، چوڙيدار پجامو، افغاني سڏيل ۾ دوستن احباب ۽

سنڌس ٻچڙي نور نظر زمرد ۽ منهنجي هردي جي
هير آهي.... هزارين ڪلوميٽر دور آهي ته به سنڌس
هڳاءُ محسوس ڪندو آهيان... هيءَ اهي رشتا
آهن جي رت جي رشتي کان وڌيڪ پائيدار
۽ اٽوٽ آهي.

(١٨)

١٢ تاريخ ته موڪل جو ڏينهن هو. دوست نور
احمد حيدرآباد ۾ ”ٽائيمس فوٽو“ جو دڪان هلائيندو
آهي. بهترين فوٽوگرافر! حيدرآباد جنهن کي ”حورآباد“
چوندا هئا، اڄ اُتي چيٽا ثقيل آهن. وڪاس ۽ وناش
جو سلسلو آد جڳاد کان جاري آهي ۽ جاري رهندو.
پراڻي حيدرآباد ماضي آهي ته نئين حيدرآباد نئين
دور جي - حال جي ضرورت.

ماڊرن تعمير جو بهترين نمونو. وستار نئي وستار
آهي. ولوسٽا ۽ ترتيب جي کوتاهي. پر منهنجي پوءِ
کي ڏسڻ جو لوڀ اڄهل هو. نور احمد ڪافي ڪجهه
ڏيکاريو هو. پر ڪي حصا رهيل هئا. وري زندگيءَ ۾
الائي ڪڏهن موقعو ملي يا نه ملي!... محبوب لاءِ
والو- چوي، اڄ گهر ۾ نهرڻ ڪٽيسل - مرشد کي سلام
ڪري صدر بازار ۾ پهتاسون. صدر يا ڪنٽونمينٽ
ايريا جو شان اڄ به برقرار آهي. فوجي مصلحتن کي

قول ۽ فعل ۾ يڪسان هوندو هو. هن عمل جي زندگي گهاري. هيٺن جو همراهه ٿي جيئڻ ۽ مرڻ. هڪڙو ئي شوق پاليو هئائين: چانهه ۽ پان جي ٻيڙي- قبضي جي ڪارڻ... هارين جو مڪتي داتـــا ثابت ٿيو. سنڌ ۾ جاگيرداري نظام هوندو هو. هارين سان زميندارن ۽ جاگيردارن، وڏيرن جو ڪهڙو وهنوار هو، اهو هر ڪو ڄاڻي ٿو. قومي عاقل جي دور ۾ ئي جهالت جي ڏيڍ ۾ قاتل هارين ۾ خاص سجاڳي ڪانه آئي. ڀارت ۾ جيڪا بستري، ڏاڏي ضلعن ۽ گوڏرا جي آدي واسين ۽ ڀيلن جي ابتر حالت آهي ساڳي حالت سنڌ جي هارين جي هئي. سيتا جو سورج هنن لاءِ جڻ اڀريو ئـــي ڪين هو!

عبدالقادر لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو، حيدرآباد کي صدر مقام بڻائي ڪراچيءَ سان رابطو رکيائين. مسڪين هو پر مانجهي ماڻس هو. جاگيردارن سان ٽڪر کائيندو رهيو. جاگيردار سنڌ جي سياست تي حاوي، انگريز سرڪار جي سرپرستي حاصل ليڪن عبدالقادر اڪيلو. ڪڏهن رڻ جو پاڙو نه هجيس نه ڪڏهن وڏو ڪاڻ ملال! جهرڪي ۽ باز جي جنگ هئي. جهرڪيءَ کي جس جو نيت جيت سندس ٿي. هارين کي چگا حق ملڻ لڳا. اڄ هاري خوشحال ۽ سجاڳ آهي، لوڪشاهيءَ لاءِ لڙي

ڪامريڊن جي محفل جو "مور" هوندو هوس......
سنڌ جڏهن جو خواب خيال ڪندو هو... مون ۾ ماندگي
ٿيندي هئي ته دوستن جي دائري ۾ پاڻ سمائي
ڇڏيندو هوس... عالم شباب ۾ هوس... رت پيو
مونهن مان ڇلڪندو هو... ۽ جگري دوست هئا. هڪڙو
همعصر ظهور احمد ۽ ٻيو بزرگ ڪامريڊ عبدالقادر
"هاري حقدار" هلچل جو روح روان ۽ "جيئي سنڌ"
جو امر گائڪ محترم حيدر بخش جتوئي جو ساٿي.
ٻئي جڙا ائين هئا "ٻه جسم هڪ جان" اڄ صرف سندن
"مٺي ياد" وهجي وئي آهي.

عابده پروين ڳائيندي آهي:

"ويا مري مري، هتي ته رهيو هيڪڙو"

عبدالقادر ۽ حيدر بخش مسافرن ۾ "هنس" هئا.
جيئي سنڌ هلچل جي دوران سنڌ ۽ هند ۾ جناب
حيدر بخش جتوئي لاءِ گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي. هو
صاحب قلم به هو. انگريزي سنڌي ادبي رچنائن جو
به سنڌ ۽ هند جي پارکن لطف ماڻيو آهي. ڪنهن
زماني ۾ ڪليڪٽر جي عهدي کي ٺوڪر هڻي هن
عوام جي خدمت جو فيصلو ڪيو ۽ باقي زندگي ان ۾
وقف ڪري وارو وڃائي ويو.

ليڪن ڪامريڊ عبدالقادر کي چند سنڌي نام نهاد
ڪامريڊن کان سواءِ شايد ئي ڪير سڃاڻي؟ عبدالقادر

ڪرڻ لاءِ ڪڇ، ۽ گانڌي ڊام جو نئون شهر ماڊرن طرز تي تعمير ڪرائي ”نئين سنڌ“ کي جنم ڏنائين. ڪنڊلا بندرگاهه جو وڪاس به سنڌ جي ڪوشش سان ٿيو. ڀائي پرتاپ ڏني، من ۽ ڌن سان پنهنجي جاءِ لاءِ هيڏا ڪشالا ڪيا پر اُنهن سنڌين مان اهڙا سائين ۽ جا سڏوارا جاڳيا جن ڪيس قالوني شڪنجي ۾ اڙايو ۽ سنڌ پاڪدامن کي ”داغدار“ بڻايو. جيتوڻيڪ بعد ۾ ڪيس ”نردوش“ ظاهر ڪيو ويو، ليڪن ان صدمي کان دلشڪستو ٿي ٻروس ۾ سائين سڪالو ٿيو.

گانڌي ڊام ۽ ڪنڊلا پورٽ جو نرماڻ سنڌين لاءِ ڪيو ويو ليڪن غير سنڌين ٿي انهن جو لاڀ ورتو.

(١٩)

١٣ تاريخ... سڄڻن سان ساعتون، اڄا ۽ اتساهت ڪري رهيون هيون ته لوئر سنڌ ڪانسواهه اپر سنڌ جو ٻه سٽر ڪجي. سڪر ۾ رشيد پٽيءَ سان فون ملام سنڌ گهرواري سڪينه بيگم فون ڪئي. دعا سلام ٿي. رشيد ڪورٽ ويل هو. سڪينه سچ سان سڪر اچڻ جو نوتو ڏنو ۽ رشيد کي ڪورٽ مان اچڻ بعد ٽاڪيد ڪرڻ جي خاطري ڏنائين جنهن مون سان سمپرڪ ڪري. محبوب - ماهتاب سان سنڌ ن گهرو ناتو آهي. پر رشيد پٽيءَ جو فون نه آيو.

دراصل مون حيدرآباد ۾ ٿي ڪنهن سنگت ۾ اياز

رهيو آهي.

... ...

"مٺڙي ٻولي" جو نرالو، سنڌ ورهين جو ٻي تاج
ٻان شاھ، ننڍين سنڌ ڀعني گانڌي ڀڙام جو جم دالا - ڀائي
پرتاپ ڏ ڀگلداس!

ڪڏهن شاعر چيو آهي:

"ماڻهو مڙهو ٿي نه سهڻا، ڪي نه مڙهو ٿي هنڌ"
ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو منجهه اچي ٿو - وه بهار جي!

سچ پچ شاهاڻي شخصيت وارو، ٻي پڻهه ذهانت وارو، علم، ادب، قانون، وڻج، هنر، ڪلا، سياست جو گوهر شناس، پڪو ۽ قوميت ۽ انسانيت جو علمبردار ڀائي پرتاپ بسنت ٻهار هو. سرگرم راجنيتي کان دور رهندي به هن سنڌ جي سياست ۾ اهم ڀومڪا نڀائي. "مٺڙي ٻولي" سنڌ جي قومي ڪم ڪندڙن جو ڪيندر بڻجي پيو. ڀائي پرتاب جو واپار دنيا جي انيڪ حصن ۾ پکڙيل هو. قومي خواه پرانتڪ سطح تي سندس دوستن، احبابن، پرستارن جو وسيع دائرو هو. مهاتما گانڌي، پنڊت جواهر لال نهرو، مرحوم رفيع احمد قدوائي، سائين جي. ايم. سيد ۽ ملڪ جا ٻيا نيتا وڏا اڳوان ڪيس وڏي عزت ڏيندا هئا. حد درجي جو مهمانواز، سپاهه جو حاڪم ۽ سنڌ ورثا جو پوڄاري هو.

ورهاڱي بعد ارواسي سنڌي هندن کي ٿانئڪو

ڏرسيو، ڪار ڪٺي حيدرآباد لاءِ روانو ٿيو جيئن مونکي وٺي ماڻلي موٽي اچي.

مون ۾ ته جڻ ساهه هوس.. هينئرهن ماهتاب ۾ ڏمر کي اپائڪائي جو احساس – (ماهتاب فون ڏي غبار چڙهيل هو) هوڏانهن رئيس کي آنند مائل – اُهو پنهنجي من ۾ پيو سوچيان ته ”عارضي تمام سفر مختصر“ پوءِ هي ڇو موهه – مايا ڇا آهه ؟

پر جيترو به وقت هجان هون مهنجي رت کان به وڌيڪ رشتيدارن سان ساڻن گذاريل جو لوپ ڪيئن ڇڏيان ؟

هون ته پنهنجي پيار ۾ مونکي اسي ماهه خواب ڪري ڇڏيو هو.

محبوب کي اچانڪ خيال آيو ته دادا کي پاڪستاني فلم نه ڏسڻ جو ارمان رهجي ويندو.

پاڪستان ۾ جيتوڻيڪ پنجابي فلم انڊسٽري جو ڏاڪو آهي ته به اڪثر بهڪڙ اردو فلمن ۾ ڪا معياري ڏسڻ جهڙي فلم نڪري ٿي. اهڙي هڪ فلم هئي ”آنگن“ نالو - شبنم جي لوڪ پڙهه جوڙي. واهه جي اداڪاري هئي. خاص ڪري ان پال ڪلاڪارن درشڪن کي روئاري وڌو. فلم ڪهاڻي، ڊائريڪشن، سنگيت هر لحاظ کان لاجواب هئي. پاڪستان ۾ ٿيئٽرن ۾

۽ وشيد سان ڳنڍجڻ پٽي چاهيو. سڪر جي ممتاز اديبن سان ڳنڍجڻ جي حسرت دل ئي دل ۾ رهجي ويئي.

(شاعر فتاح ملڪ سان ٻمبئي ۾ ألم - سنڌري وڻ ڳنڍجاڻي ٿي هئي. سندس ڪلام ٻڌڻ جو شرف حاصل ٿيو. سندس تخليقي صلاحيتن ۽ فصاحت ڪـي سڀني دل کولي داد ڏنو هو.)

... ...

آخري ۾ ٽائي ٻولاخان وارو ڏيهومل - حال ساڪن ٺٽو محمد خان اچي سهڙيو. وعدو ڪري ويو هو. اهو نباهڻ آيو. ڏاڍو حليم، سباجهو، ڇوٽي قـد وارو، ليڪن وڏي دل وارو. محبوب جـي محبوبن مان هڪڙو. محبوب جو نياپو مليس. "ٻڪي الهداد جوڻي پيار وهن."

محبوب جي ٽڪي ڪلام ۾ اهي لفظ ۽ وڏن سان مڙد ٻانهه انداز ۾ "جي، جي .." سان حامي ڀرڻ ۾ هڪ عجيب لطافت ۽ دلڪشي پيدا هوندي آهـي. "ڏيهومل" جهڙا دلبر ۽ دلنواز ساٿي هـن لاءِ وڏي نعمت آهن.

مهندو من ماڪلي ۽ ٺٽي محمد خان لاءِ ڦٽڪي رهيو هو... پيو ڪهن "رئيس ڪرام بخش" ٻه مانڊڻي محسوس ڪري رهيو هو. نياڻيءَ جي شادي سبب هيڪاري اداس هو ۽ مهندجي آمـد جي لاءِ ٻه ٽه

اميد رکي سگهجي؟ ڪهڙي نه سنڌي ڪلچرل جي
ترقي ٿيندي؟

... ...

درحقيقت سنڌين جو فلم انڊسٽريءَ ۾ جيڪو ڀوڳدان آهي سو قابل ذڪر آهي. فلم انڊسٽريءَ جو ابو دادا ڦالڪي کي چيو وڃي ٿو. جنهن ١٩١٣ ۾ هندستان ۾ فلم انڊسٽريءَ جو پايو وڌو هو. ان بعد دادا تورڻي ۽ شيخ فتح لال کانپوءِ شري موهن ڀاوناڻي سنڌي فلم پروڊيوسر ۽ ڊائريڪٽر فلم انڊسٽريءَ ۾ نوان ماڳ پيدا ڪيا. فلمس ڊويزن جو پايو وڌائين. سلوچنا (روبي مائرس) کي هن ئي فلم انڊسٽريءَ ۾ آندو. ان زماني ۾ جڏهن وڏن گهرن جون ڇوڪريون پردي ۾ هيون، تڏهن اناڪشي راماراو ايم-اي پاس ڪئل روشن خيال ڪلاڪارن کي ڀاوناڻي فلمن ۾ آندو. بعد ۾ هن سان لاڳون لڳائين. شري موتي گدوانيءَ اعليٰ تعليم يافته هو جيڪو جرمنيءَ مان فلم ٽيڪنڪ جي سکيا وٺي آيو هو. سرڳواسي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو سوٽ هو. گدوانيءَ پروفيسر ملڪاڻيءَ کي به فلمن ۾ "انسان ۽ شيطان" فلم ۾ آندو ۽ نرگس جي ماءُ جدن بائي سان گڏ هڪ ٻن فلمن ۾ "هيرو" جي رول ۾ پيش ڪيو. هري شودساڻي، ڀڳو آڏواڻي، گوپ ڪملاڻيءَ کي به ڀاوناڻي صاحب فلمن ۾ آندو. سنڌ

پارٽي فلمن ۾ بندش آهي باقي فلمي رڪارڊ خوب وڄندا آهن.

سنڌي فلمون ته بلڪل عدم پيدا آهن. ماهتاب پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو هو ته ”ڀارت ۾ فلم انڊسٽري ۾ سنڌي مالدار ڇانيل آهن“ اها حقيقت آهي ته هو سنڌي فلمن جي نرماڻ ڏانهن ڌيان نٿا ڏين. هنن جو نظريو ڪامرشل آهي. سنڌي فلمون ناهين ته سنڌ ۾ ڪين ”مارڪيٽ“ ملي سگهي ٿي ۽ ڇو ته اهي پئسي جا پوڄاري آهن. ورهين کان سنڌين جي سرتاج ڀڳت ڪنور رام جي فلم اڌ ۾ پئي آهي. اسانجا مالدار سنڌي ٽڪاڻا ۽ ڌرمشالائون جوڙائين ٿا ليڪن شهيدن جا يادگار ڪين ٺاهن ڪونهن. انسانيت جي فرشتي، امن جي پيامبر ۽ هندو مسلم ايڪتا جي علمبردار سنت ڪنور رام جون ورسيون ملهائيندا، نمائشون ڪندا ليڪن ”فلم“ مڪمل ٿيڻ لاءِ ڪجهه ڏوڪڙ ڪين ڏيڻ کان ڪيٻائين ٿا. جيتوڻيڪ اڄ سنڌي ڀارت ۾ ڪروڙن ۾ کيڏن ٿا! ليڪن خود سنڌ ۾ اسان جا سنڌي فنڪار ڇو غفلت ۾ آهن؟ ڪهڙا ٻي مائيءَ جا لال موجود آهن سندن به ته ڪو فرض آهي ته سنڌي فنڪارن کي ساڻ ڪري سنڌي فلمون پروڊيوس ڪن. سنڌ ۾ ٻي سنڌي فلمن ڏانهن اداسائي واري ذهنيت هوندي ته ڀارت ۾ جلاوطن سنڌين مان، آدا، ڪهڙي

ڪامياب ڊائريڪٽر آهي. ”جهولي لال“ سنڌي فلم سندس ڊائريڪشن ۾ نڪتي ۽ رڪارڊ مات ڪيا هئا. شيلا رامائي، ساڌنا شوداساڻي، ببيتا شوداساڻي، پونم چندرامائي (هاڻي شرمتي شترگهن سنها) ڪمود ڇبڳاڻي چوٽيءَ جون هيروئنس (نائڪائون) ٿي رهيون آهن. مڪيش موهن (اري او سانيا... شعلي وارو) سڌير ۽ راج ڪرن جهڙا خوبصورت سنڌي اداڪار فلم انڊسٽري ۾ لوڪپريه آهن. ڪملا جهانگياڻي مشهور پلي بئڪ سنگر ٿي رهي آهي.

رئيس ڪريم بخش جي فلمي زندگيءَ جو اڳي ذڪر ڪري چڪو آهيان. ميوزڪ ڊائريڪٽر گلشن صوفي به سنڌي هو. هدايتڪارن ۾ موتي گدواڻي ۽ موهن ڀاوناڻيءَ کان سواءِ موهن واڌواڻي، جڳو آڏواڻي، مدناڻي، ڪي - ايم - ملتاني، سي - آر - گرلاڻيءَ فلم انڊسٽريءَ ۾ ڏاڍو چاهيو هو. ”آج اور ڪل“ فلم جي ڊائريڪشن لاءِ ڀرٽون ٻيرو خواج احمد عباس کي چانس ڏنو هو. ۽ اڄڪلهه لوڪ سين لالواڻي، رميش سپي، راج سپي سنڌي ڊائريڪٽرن جا نالا وڏي عزت سان ورتا وڃن ٿا.

پروڊيوسرن ۾ گوپالداس سپي (فلم انڊسٽريءَ جو پرمک اڳوان آهي) ايس - ايس - شپي، ايس - سي - سپي، ارجن هنگوراڻي، گل آنند، سترام روهڙا (سنتوشي ماتا

جي مشهور ناٽڪ نويس خانچند دريانيءَ ۽ سنگدل، سماج، زمانو، ترانا، دوسري شادي جهڙيون سماجڪ فلمون پروڊيوس ڪيون، جن کي سندس ننڍي ڀاءُ رام دريانيءَ ڊائريڪٽ ڪيو. نظير، پدما ديوي، ايشور لال، سنيهه پرڀا پرڌان، ممتاز شانتي ۽ دليپ ڪمار سندن فلمن ۾ ڪم ڪيو.

ڪجهه وقت ڪراچيءَ ۾ انڊس فلمس ڪارپوريشن ڪمپني قائم ٿي. ٻه ٽي فلمون تيار ٿيون. (رئيس ڪرام بخش جي "ڪيڏي ڪتاب" ۾ انهن جو ذڪر وستار سان ڪيل آهي)

موتي گدواڻيءَ "زميندار ۽ خزانچي" ڪسان ڪنيا جهڙيون فلمون ڊائريڪٽ ڪري لاهور کي فلمي دنيا ۾ چمڪايو ۽ سلور جبليون ملهايون. پراڻ کي هن ئي فلمن ۾ آندو هو.

امر گلوڪار سهگل صاحب جي گذاري وڃڻ بعد سي - ايڇ - آتما سنڌي پلي بئڪ سنگر ۽ اداڪار سندس سڪون لاٿيون. اڄ چندرو آتما اهڙو مقام حاصل ڪيو آهي.

مشهور سنڌي فلم ميوزڪ ڊائريڪٽر ٻلو - سي - راڻي ۽ سي - ارجن اڄ به فلمي دنيا ۾ سرگرم آهن. سنڌي فلمساز ڊيڪ آنا (ٿرم ڪمار) لاهور ۾ "والدين" سان فلمي زندگي شروع ڪئي. اڄ پنجابي فلمن جو

ڏيڻ لاءِ خواهان آهن. ٤٢ ورهيه عرصو گذري ويو آهي ليڪن هيءُ محبوب شخص ان اعزاز وٺڻ کان پاڻ وانجهي ويٺو آهي.

مون عرض ڪيو، "سائين، هڪ پنڌ ٻه ڪاج" دهليءَ جو به ديدار ڪريو ۽ اميد ٿي اچي اسان کي شيوا ڪرڻ جو شرف ڏيو."

پير صاحب وٽ ٻئي ڏينهن وري اچڻ جو وعدو ڪري ٨ بجي ڌاري ڏيئو مل جي جڳهه تي پهتاسون. رئيس کي گهڻي مدت کانپوءِ ڏيئو مل پنهنجي ماڙي تي آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو. "جام صحت" سان سندس شاهان شان مرحبا ڪئي.

— ٽنڊي محمد خان — منهنجي جنم آستان ۾ جتي مونکي ميزبانيءَ جو فرض ادا ڪرڻ کپندو هو، اتي اڄ مان پاڻ مهمان بڻجي آيو هوس. اندر ئي اندر لوچ ٿي، هڪ ترڦ، هڪ چڀڪ، جنهنجو آواز ۽ پڙاڏو به منهنجي دل ۽ دماغ جي وادين ۾ پئي ٽڪرايو...! بهرحال - مان پاڻ سنڀاليو.

اوڀارون - لهوارون ٿيون... ١٠ بجي اسان ماڙيءَ لاءِ ڪوچ ڪيو - ماڙيءَ ۾ محفل متي پئي هئي. راڳ رباب کان لطف اندوز ٿيڻ بعد هرڪو آرامي ٿيو.

... .

وارو) وغيره قلم انڊسٽري کي ڇڏائي سگهن ٿا.

ليڪن افسوس "سعدي فلمس" لاءِ ڪين سوچڻ جي فرصت ئي ڪانهي. اڄڪلهه ٻه فلمون (سعدي) زير ڪمپيل آهن "اڄ ٻه ٻچي هلون" "امي ۽ مي"

... ...

خير - "آنگن" فلم ڏسي ڏيٺومل سان گڏ ماليءَ لاءِ روانو ٿيس. اڄا حيدرآباد جي حد ۾ ئي هئاسون ته ماليءَ کان رئيس جي ايمبڙ ڪار ڪراس ڪيو. رئيس مون کي وٺي هلڻ لاءِ اچي نڪتو هـو ڪيس اندیشو هو ته مبادا مان ناراض هجان جو ڌيءَ جي شاديءَ سبب ئي ڏينهن مصروف هو. هڪ ٻئي جو سماچار ته ملي سگهيو هو. ڏسڻ سان ٺري پيو. مونکي واٽ تي پير غلام محي الدين سان گڏجڻ جي خواهش هئي.

٧ بجي ٽنڊي سائيداد پهتاسون. سائين (پير صاحب) نماز ادا ڪري رهيو هو. اطلاع ملندي ئي سڪ سان اچي گڏيو. "ڪلف" ۾ ويٺاسي وڏو. سعدن صاحبزادو پيهوه انگور شردو ۽ شربت جا گلاس ڪڍائي آيو.

پير صاحب جي اندر ۾ وهين جا داستان هئا اهي چند گهڙين ۾ ڪيئن ٻڌجن ۽ ٻڌائجن؟

دهائيءَ جي طبيب ڪالهه وارا ڪوس مانيٽر (اعزاز)

ڪرڻيون آهن... هلال پاڪستان ۽ عبرت لاءِ "انٽرويو" ورتا آهن .. سنڌ جي عالم فيلسوف ۽ محقق، مرحوم سيد حسام الدين راشديءَ جي "جشن سالگره" ۾ شرڪت ڪرڻي آهي .. پر اهڙو ڪجهه به محبوب ڪونه ٻڌايو...

مان به سوچيو ته رچيل راند ۽ ميلو متل ڇڏيءَ سڀني سان ملندي ڪيڪاريندي هلڻو وڃڻ ۾ ئي مصلحت آهي.

* *

ٻئي طرف رئيس ڪريم بخش- ڪجهه اور ئي سوچي رهيو هو. ١٥ حيدرآباد ۾ گذاري ١٦ تاريخ واپس ماليءَ اچڻ. اتان سندس دوست جام صاحب جي فرزند ارجمند جي شادي خانه آبادي ۾ شرڪت ڪري ٢٠ تاريخ واپس حيدرآباد اچي "جشن سالگره پير حسام الدين راشدي" ۾ شرڪت ڪرڻ.

ان بعد ڪراچيءَ جو سفر.

٢٣ يا ٢٥ تاريخ ڪراچي انٽرويو تان مون کي "سينڊ آف" ڏيڻ جو خيال ڪيو هئائين.

"پر بندي جي من ۾ هڪڙي
صاحب جي من ۾ ٻي"

مون کيس محبوب جو نياپو پڄايو ته ١٧ تاريخ طيءِ ٿي وئي آهي، رئيس سڄو ڏينهن اسي منو رهيو.

١٤ تاريخ......

اهو ڏينهن رئيس مونسان پرپور ۽ سرشار صورت "ثقافتي رنگ" ۾ گذارڻ چاهيو - ١٥ تاريخ مونکي واپس حيدرآباد ورتو هو - جو محبوب فون تي ٻڌايو ته هوائي جهاز لاءِ ١٧ تاريخ جي آرام جي ڪنفرميشن ٿي آهي يعني ممبئي لاءِ ١٧ تاريخ پرواز ڪرڻو آهي.

٢٦ تاريخ ڪراچيءَ ۾ هلي ويزا پوليس اختياري وارن کي سرٽيفار ڪرڻي آهي ۽ ڪين واپسي سفر جو اطلاع ٢٤ ڪلاڪ اڳ ڏيڻ ضروري آهي.

* * *

الائي ڇو محبوب جي اها سوچڻ پڇي مونکي سرهائي ڪانه ٿي، مون سرد آهه ڀري ..!

مرهپي ڪين اهو ٻڌڻ ٿي چاهيو ته "دادا، مون ١٧ جي بدران ٢٤ تاريخ ورتي آهي- هڪ هفتو اجا ۽ اوهانجي سفر ۾ جاذبيت جو رنگ ڀرڻ ضروري آهي اجا ڪيترن اديبن سان گڏجڻو آهي .. تاجل بيوس، رشيد ڀٽي، شيخ اياز سان گڏجڻو .. ڪي ثقافتي مجلسون ٿيڻيون... سنڌ جي ڳوٺاڻي مجلس ۽ ماحول جو لطف وٺڻو آهي... ٿڌي محمد خان ۽ ٿڌي ٻائي ۾ اديبي گڏجاڻيون ڪرڻيون آهن.

ڪراچيءَ جي يوسف شاهين، تاج بلوچ، ٿرنا سمل وانواڻي، علي احمد بروهي سان ادبي ڪچهريون

تي سنڌس "ٽيهه ورهين ملاقات" جي قلم ڏني جنهن ۾ هو مرحوم پير حسام الدين راشدي ۽ مرحوم جام صاحب سان وٺيو آهي ۽ سنڌ جي لوڪ سنگيت تي پنهنجي خيالات جو اظهار ڪري رهيو هو. جنهن ۾ سنڌ جي ڀڳتن خصوصا ڀڳت مونڀ، ڀڳت ڪنور رام، جيوٽي بائي، ليلو ڀڳت، منو خان، جاڙو ڀڳت ڪانسيراه جديد دؤر جي سنگيتڪارن ۽ ڪلاسڪي موسيقي (شاستريه سنگيت) تي به ڪافي روشني وجهي ٿيو. سنڌس موسيقي جي باري ۾ اهڙي ڳوڙهي اڀياس ۽ ڄاڻ ٻڌندڙن ۽ انٽرويو وٺندڙن کي به حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. سر، لئه، تال جا به بهترين نمونا پيش ڪندو ويو. "ڪافي" جون جهلڪون به پيش ڪيائين ته ڪنجريءَ تي به تال ڏيندو رهيو. هڪ هنڌ پير حسام الدين راشديءَ چيو ته "رئيس سان منهنجو عشق ازلي آهي."

...   .

نيٺ اها موڪلائيءَ جي گهڙي آئي... جيڪا اسان جي آجيان ڳڌ جاٽي هڻي منهنجي ڪکيءَ راڄ رئيس لاءِ اصلوڪي ريشم جو دوشالو (پڪو) ڏنو هو، اهو مون کيس پيش ڪيو. پاڻ به ٦ مهينن کان خاص ڪاريگر جي هٿان "اجرڪ" تيار ڪرائي رکي هئائين اها امله سوغات ڏنائين. سنڌس قدمبوسي ڪرڻ لاءِ مون سر جهڪايو ته سيني سان لڳائي ڇڏيائين.

ليڪن ان ھڪڙي ڏينھن ۾ ئي ھن جڳ سڀ اڌورا ڪارج پورا ڪيا. ڪيس پور پٽي پيا ته ”آزاد سان اھا آخرين ڏڻ جائي“ آھي.

ملڪ الموت سنڌس دروازو ته ڪڙھوڪو ڪڙڪائي رھيو ھو. اول پير حسام الدين راشدي ان بعد جـام صاحب جي انتقال ڪيس گھاتڪ صدمو پھچايو ھـو. ١ جنوري ١٩٨٣ تي سنڌي ثقافتي مجلس جـو مور رئيس نظاماڻي، پاڻ به آخرين سفر تي روانو ٿي ويو.

...   .

”ڪيٽي ڪتاب“ جو ٻيو ڀاڱو پاڻ مڪمل نـ ـي ھو. ان گرنٿ ۾ رئيس جي وسيع مطالعي ۽ ڳوڙھيءَ سوچ ۽ ڇماليءَ تي انيڪ واقعن جو ورڻن ڪيل آھي. موٽـڪي ان مان ڪي ٽڪرا پڙھي ٻڌايائين.

مثل طور جو ڪٿيت پرائي ڏنائين. ان بعد سنڌس پيغام، الوداعي پيغام، ساروڻن لاءِ سڪ جو پيغام، منھنجي گھر واري ۽ ڌيءَ لاءِ دعائن، پيارن ۽ آسيس جـو پيغام. مون لاءِ سنڌس شفقت ۽ ممتا سان سرشار موڪلائيءَ جا دل ٽٽائيندڙ لفظ، جن مون کي ڳھرائيءَ تائين ڇھيو آھي.

ڪالھه تي پٽر رکي مون کان موڪلائڻ جـون تياريون ڪرڻ لڳي ويو. ان ڪلاڪن جي اندر ھـن سمورو ھرڪو اوڌي ڇڏيو. منھنجي حواليءَ جي واڌارا

واٽ جو حيدرآباد پهتاسون.

"حيدرآباد ۾ آخرين رات"...

"لان" ۾ ڪچهري ٿي. نور محمد آچاري، حمد سمتي، ابراهيم جوڻو صاحب، ظفرحسن شاهه قاضي عمر موڪلائي ڪرڻ آيا... زبان گهڻو نه اُڪلي... اکين ئي اکين اظهار پئي ڪيو... وڇوڙي جو تلخ احساس جهوري رهيو هو. بهرحال - دستور نباهڻو هو... وڏا ٿاڪر ٿيائي، دعا سلام ڪري سڀني موڪلايو. دوستن، وڇڙيل مارووئڙن لاءِ پيار، محبت، صداقت سان ڀريو سنڪ پريا سلام ڏيئي روانا ٿيا...

اُن بعد ٽڪيٽي پيڻ پنهنجي دادا ۽ امڙي جي ٻين ٻزرگن ۽ ڀائرن لاءِ خاص سوغاتن جا پئڪيٽ تيار ڪري منهنجي پيڪ کي پڙيو.

(٣٠)

١٦ تاريخ

پوليس هيڊ ڪوارٽرس ڪراچيءَ ۾ ٢٤ ڪلاڪ اڳ اطلاع ڏنو هو - بمبئي لاءِ ١٧ تاريخ فلائيٽ ٣٠-٢ بجي منجهند جي هئي- ١٦ تاريخ وسپت جو ڏينهن هو. مرشد زمر کي موڪل ڪاڻ هئي. ١٧ تاريخ جمع جو ڏينهن موڪل جو هو. پرنسپال جو ناراضپو ڪٽي ماهتاب ۽ ٻارن کي وٺي محبوب مون کي ڪراچيءَ ڇڏڻ هليو. مون کي رسيو ڪرڻ لاءِ ٻه ٻه ڏينهن ڪراچيءَ ۾ ٻاڌو

مشڪل سان اُٽڪ روڪي سگهيو. حاجي خان ڪسي ٻاهر ڪري ڪار ۾ روانو ڪيائين. سندس ننڍڙا ٻار، ڪاتب امين مالوي، مرزا پٽ علي رضا، هاشم سڀ موڪلائيندي روئي پيا... (امين جو مون نالو رکيو "ڪٽيش").

...　　　　...　　　　....

حيدرآباد ۾ محبوب ٻي صبح سان انتظار ڪري رهيو هو. هن شهدادپور جو پروگرام ٺاهيو هو. هڪ هندو مير وڪ مجهند جي رستي ڪانڀٽي هئي. واٽ تي اُڏيري لال جي آستان جو به درشن ڪرڻو هو. اُڏيري لال تي چيٽي چنڊ تي ڏور ڏور تام سان ميلو لڳندو آهي. هندو مسلمان صدق سان ملهائيندا آهن. شهدادپور ۾ سنڌي هندو ڪافي تعداد ۾ آهن. گهڻن جو واپار ۽ زميداري ۾ ڏاڍو آهي. سنڌ ورڪي ٻ آهن. سندن زالون آزاديءَ سان گهمن ڦرن ٿيون. ڪپڙي لٽي ۽ ڳهه ڳٺن مان سندن خوشحالي جهلڪي ٿي. سنڌي خواه غير سنڌي مسلمان سان نهايت خوشگوار ناتا جوڙي ويٺا آهن.

ڪيترن ماڻهن سهولتون ميسر آهن. اسانجي ميزبان جي گهر ۾ ٻه ٻار هئا. جن جا ڪمرا الڳ ڪتب خانا، پڙهڻ لکڻ جا سامان ۽ وڻندڙ سجاوٽ سان آراسته. لڳو شهدادپور ۾ نه پيرس ۾ آهيون.

مڇهنڊ جو ڪانو - سنڌ جي سفر جي آخرين دعوت، ڪائي "ايئرپورٽ" لاءِ روانگي!

انور شاهه هڪ "پارڪر پين" جو سيٽ سوکڙي ڏيندي خواهش ظاهر ڪئي ته کين ميزباني جو وڌيڪ شرف ڏنو وڃي ها... ٢٤ ڪلاڪن ۾ سندن قربائتي وهنوار ۽ ميزباني مون کي گهڻو ڪجهه ڏئي ڇڏيو...

سڀني هڪ ٻئي سان موڪلايو ۽ يار - پار اچڻ لاءِ تاڪيد ڪئي.... ڀارت جي سنڌين لاءِ سڪ ڀريا سلام ڏنا. مون به کين اصرار ڪيو ته ٻيهر اچي اسان کي به "شيوا" ڪرڻ جو موقعو ڏيندا. آمين!

١٧ تاريخ

آخر اها گهڙي آئي جنهن جو انتظار هو. وڇوڙي جي گهڙي!..

ڪار ايئرپورٽ تي پهتي. ڪسٽمس جي فارملٽيز لاءِ محبوب ۽ يارن کي ترسائڻ مناسب نه ڄاتم. کين حيدرآباد پهچڻ جي تڪڙ هئي. "ڏينهن - شينهن" ۾ ئي گهر پهرو ڏين.

ان ڪري من مضبوط ڪري سڀني سان ڀاڪر پائي موڪلايم.

"اب ڪي بڇڙي ڦر ڪب ملينگي"

ڪار رواني ٿي. ڏسندو رهيس - جيستين نظر کان اوجهل ٿي. لاڏلي زمين جو گنڀير چهرو... مون کي اڃا

ڪيو هئائون ۽ ٣ هفتن بعد وري ٻه ڄڻيون الوداعي رخصت ڪرڻ لاءِ - محبوب جا اهي احسان، اهي وڏ مان ڪيئن چڪائي سگهندس ؟

ارم نما (گهر) کي ڇڏيو هئي صبح جو اسانجي ڪار رواني ٿي. ڪراچيءَ ۾ مرحوم پير حسام الدين راشدي جي بنگلي ۾ رهياسون. ان بنگلي ۾ محبوب جي ڀيڻ رهندي آهي. سندس شوهر محترم انور شاه نهايت خلوص ۽ محبت سان اسان جو سواگت ڪيو. ٢٤ ڪلاڪن ۾ سندن مهمانوازي ۾ ڪابه ڪوتاهي نه اچڻ ڏنائون. ڪراچيءَ جي ڪار ۾ وري ٻه پرڪرما ڏني وئي. صبح جو ڪلفٽن جو سير ڪري اسان لياري ڪوارٽرن جو رخ ڪيو. محبوب جي هڪ مڪراني دوست مان جاڻ پئي ته علي احمد مڪراني زنده آهي. اڄ ڪله تربت (مڪران) ۾ رهندو آهي. سندس ڌيءَ واري عائشه بيگم (جنهن کي مان آشا ڀائي سڏيندو هوس) ۽ ٻارن سان سکيو ستابو آهي، ليڪن ملاقات نه ٿي سگهي. مون کين پنهنجو ڪارڊ ڏنو. (بعد ۾ علي محمد ان ڪارڊ کي ڏسي مونکي محبت ڀريو خط موڪليو جو اردو ۾ لکيل آهي. هن ٻنهي ملڪن جي خوشگوار ناتن ۽ هر سڳالي جي ٻارن جي خواهش ظاهر ڪئي آهي.)

١ ٻجي محبوب، ماهتاب، ٻارن انور علي شاه سان

۽ ڪوڙو وسريو آهي... پنهنجي دادا کان ورثي جو احساس هن معصوم فرشتي کي ڪيترو نه گهرائي سان متاثر ڪري رهيو هو، ان جو ورڻن ڪرڻ ۾ قلم قاصر آهي...

هوائي جهاز لمحن سان اُڏاڻو، سک سان بمبئي ايئرپورٽ آيو. بمبئي ڪسٽمس آفيسر سڃاتو... ان ڪري ٻاهر نڪرڻ ۾ تڪليف نه ٿي پر بمبئي ۾ ٽئڪسي وارن جو آزار!... هڪ واقف ڪار جي مهرباني سان گهر پهتو ٿيس جتي لاءِ من ٻانڌو هو ان "لاج" ٿي دروازو کوليو. مون سامت جو ساهه کنيو.



گرڊاليو پرنٽنگ پريس، ڌنپور نگر (احمدآباد) ۾ ڇپيو ۽ ٿهلرام آزاد - ٦، مهراڻ ڀلاڪ نمبر ١٦، جهو اسڪيم بمبئي-٤٩ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

With Best
Compliments
FROM.

TAHALRAM AZAD

6, MAHRAN PLOT No. 166,
10th Road, Juhu Scheme,
BOMBAY - 400 058.
49.
PIN: 400049.


To,
Shri. N. Chawla

87

Sik-a-Jo-Sad

(Travellogue of Sind)

(Fourth Present by Sindhu Raj Publication)



By : TAHILRAM AZAD

Yr. Nov. : 1983] [Edition : Second

Price Rs. 10.00

Rs. 20.00 outside Bharat

Publisher :-

Sindhu Raj Publication

6, Mahran Co operative Housing Society,
Road No. 10, Plot - 16, Juhu Scheme,
BOMBAY - 400 049